ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) جمعو 11 سيپٽمبر 2026ع 28 ربيع الاول 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (27)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وفاقي حڪومت قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ نون صوبن بابت بحث ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

سيپٽمبر ۾ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جا اجلاس نه ٿي رهيا آهن، پر آڪٽوبر لاءِ پارلياماني اجلاس مقرر ٿيل آهن، جن دوران نون صوبن جي قيام جي معاملي تي بحث ڪيو ويندو: طارق فضل چوڌري

وفاقي گادي واري شهر اسلام آباد صوبو نه بڻجي رهيو آهي، بلڪ انتظامي نظام جو هڪ نئون ماڊل اختيار ڪيو پيو وڃي، اسلام آباد کي الڳ صوبو بڻائڻ بابت ڪا به بحث نه ٿي آهي

اسلام آباد ۾ مقامي حڪومتن بابت آرڊيننس جو مدو ختم ٿي چڪو، اسلام آباد لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس (جيڪو 9 جنوري 2026 تي جاري ڪيو ويو هو) ان جي نفاذ کي 240 ڏينهن گذري چڪا

اسلام آباد (م ر د) وفاقي حڪومت اعلان ڪيو آهي ته آڪٽوبر ۾ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ نون صوبن جي قيام بابت بحث ڪيو ويندو. ميڊيا سان ڳالهائيندي پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو ته جيئن ته سيپٽمبر ۾ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جا اجلاس نه ٿي رهيا آهن پر آڪٽوبر لاءِ پارلياماني اجلاس مقرر ٿيل آهن جن دوران نون صوبن جي قيام جي معاملي تي بحث ڪيو ويندو. وفاقي گاديءَ واري شهر بابت

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ۽ ڪوريا وچ ۾ ماحولياتي سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

صوبي ۾ ماحولياتي تحفظ، موسمياتي تبديلي ۽ سيڙپڪاري لاءِ گڏيل منصوبن تي غور

ڪورين جديد ٽيڪنالاجي سنڌ منتقل ڪرڻ ۽ ماحولياتي نگراني کي ڊجيٽل بڻائڻ جي تجويز

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساموندي ترقي واري سيڪريٽري فيصل احمد عقيلي سان ڪورين ٽريڊ اينڊ انويسٽمينٽ پروموشن ايجنسي (ڪوٽرا) جي ڊائريڪٽر جنرل سنگ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

صدر ٽرمپ جي ايران سان جاري تڪرار ۾ آمريڪا جي ڪاميابي جي دعويٰ

آمريڪي صدر آبنائي هرمز جو نالو تبديل ڪري ان کي ”ٽرمپ اسٽريٽ“ جو نالو ڏئي ڇڏيو

آمريڪا ايران سان جاري تڪرار ۾ ڪاميابي حاصل ڪري رهيو آهي ۽ تڪرار ختم ٿيڻ تي تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي ايندي: ٽرمپ

تازي دشمني ۽ علائقي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ سبب عالمي سطح تي تيل جي قيمت 100 ڊالر في بيرل کان مٿي پهچي وئي

واشنگٽن (م ر د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته آمريڪا هاڻي ”اسٽريٽ آف هرمز“ آبنائي هرمز کي ”ٽرمپ اسٽريٽ“ سڏيندو. هن ايران سان جاري تڪرار ۾ آمريڪا جي ڪاميابي جو به دعويٰ ڪئي خبرن واري اداري ”اناڊولو“ موجب، ٽرمپ ڊالرس، ٽيڪساس ۾ ريپبلڪن پارٽي جي سالڪرم ڪنوينشن کي خطاب ڪندي چيو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: برٽش انويسٽمينٽ انٽرنيشنل جو سربراهه ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب سان ملاقات ڪري رهيو آهي

صدر آصف زرداري نجي پرڏيهي دورو مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ وطن واپس پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري پنهنجو نجي پرڏيهي دورو مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ وطن واپس پهچي ويو آهي خميس ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اوسلو: وفاقي وزير عليم خان ناروي جي بادشاهه جي آخري رسمن ۾ شريڪ آهي

پاڪستان بيلٽ اينڊ روڊ انيشيئيٽو جو حامي آهي: جام ڪمال

چين پاڪستان اقتصادي راهداري معاشي منظرنامي کي نئين شڪل ڏئي رهيو آهي

سي پيڪ پاڪستان کي علائقائي رابطن جي اهم مرڪز طور ابرڻ جو موقعو ڏئي ٿو

بي آر آءِ شراڪتدار پاڪستان ۾ دستياب سيڙپڪاري جي موقعن مان فائدو ڪڻن

اسلام آباد (اي پي پي) واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان چيو آهي ته پاڪستان بيلٽ اينڊ روڊ انيشيئيٽو جو حامي آهي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڊيجيٽل ادائيگيون، صحت، غربت جو خاتمو ۽ ماحولياتي بهتري سميت اهم سڌارا حڪومت جي ترجيح آهن: وزيراعظم

وزيراعظم، سان گيٽس فائونڊيشن جي وفد جي ملاقات، گيٽس فائونڊيشن پوليو جي خاتمي، صحت، غذائيت، مالياتي شموليت ۽ معاشري جي ڪمزور طبقن جي ڀلائي لاءِ قدر جوڳو ڪردار ادا ڪيو آهي

پاڪستان پوليو جي مڪمل خاتمي جي گڏيل هدف کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي، پوليو جي خاتمي جي قومي پروگرام کي اعليٰ ترين سطح تي سرپرستي حاصل آهي

ڪيش ليس پاڪستان جو مقصد عام شهرين جي زندگي آسان بڻائڻ، حڪومتي نظام ۾ شفافيت وڌائڻ ۽ سرڪاري رقم کي بنا ڪنهن دير ۽ زيان جي مستحقين تائين پهچائڻ آهي

حڪومت ۽ گيٽس فائونڊيشن جي گڏيل ڪوشش جي نتيجي ۾ ڊيجيٽل ادائيگين ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، مستحق عورتن کي پنهنجي مالي مدد سٺو سسٽم، محفوظ ۽ باوقار انداز ۾ ملڻ گهرجي

پاڪستان جي ترقياتي ترجيحن جي حاصلات ۾ گيٽس فائونڊيشن جي مسلسل مدد ساراهه جوڳي آهي: ناڻي واري وفاقي وزير جي گيٽس فائونڊيشن جي وفد سان ملاقات ۾ ڳالهه ٻولهه

علم جي منتقلي فني مهارت ۽ عالمي تجربن مان فائدو ڪڻڻ، گڏيل تعاون کي وڌيڪ مٿي ڏيڻ انتهائي لاڀائتو ثابت ٿيندو، وفد ناڻي وزير کي پاڪستان ۾ فائونڊيشن جي وڌندڙ سرگرمين بابت بريفنگ ڏني

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته گيٽس فائونڊيشن پوليو جي خاتمي، صحت، غذائيت، مالياتي شموليت ۽ معاشري جي ڪمزور طبقن جي ڀلائي لاءِ قدر جوڳو ڪردار ادا ڪيو آهي حڪومت ۽ گيٽس فائونڊيشن جي گڏيل ڪوشش جي نتيجي ۾ ڊيجيٽل ادائيگين ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گهرو معاملن بابت سنڌ اسيمبلي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس فريال ٽالپر جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي، گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار پڻ موجود آهي

سنڌ ۾ منشيات خلاف ڪريڪ ڊائون تيز ڪرڻ جو فيصلو، تعليمي ادارن ۾ سان وڪرو برداشت نه ڪبو: فريال ٽالپر

گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ منشيات سپلاءِ نيٽ ورڪ خلاف گڏيل ڪارروائي جي هدايت

پوليس پاران مختلف 57 آپريشن ۾ 132 جوابدار ۽ تعليمي ادارن ۾ سان 78 منشيات فروش گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪميٽي چيئرپرسن پاران داخل ڪيسن ۽ ايڪسائيز ۽ نارڪوٽڪس کاتي جي ڪارڪردگي جا تفصيل پڻ طلب

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ اسيمبلي جي گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اهم اجلاس چيئرپرسن فريال ٽالپر جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ صوبي اندر منشيات خلاف جاري ڪارروائين، علائقي وار ايڪشن پلان تي عملدرآمد، تعليمي ادارن جي چوڌاري منشيات جي وڪري کي روڪڻ ۽ امن امان بابت قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ منشيات خلاف علائقائي سطح تي تيار

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گٽر صفائي دوران بيهوش ٿيل ٻه ملازم علاج دوران فوت ٿي ويا

پيپر پوره ۾ نيڪال واري نالي جي صفائي دوران ملازم ونيش ۽ اوميش بيهوش ٿي ويا هئا

ريسڪيو اهلڪارن سول اسپتال ۽ بعد ۾ وارثن خانگي اسپتال پهچايو، جتي ٻنهي دم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي پيپر

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جي ترڪ پرڏيهي وزير هاڪان فيدان سان فون تي ڳالهه ٻولهه

ٻنهي پرڏيهي وزيرن گڏيل دلچسپي جي پهلوئن لاڳاپن ۽ علائقائي صورتحال جو جائزو ورتو

سعودي عرب ۽ مصر سان ويجهي علائقائي معاملن تي ويجهي مشاورت جاري رکڻ تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

استاد منظور علي خان سنڌي موسيقي کي نيون بلنديون عطا ڪيون: ذوالفقار علي شاهه

هن ڪلاسيڪل موسيقي کي سنڌي لوڪ رنگ سان ملائي منفرد فني روايت قائم ڪئي

استاد جو فن سنڌ جي ثقافتي ورثي جو قيمتي حصو ۽ ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير ثقافت

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي پنجن نوجوانن لاءِ آڪسفورڊ جا دروازا کلي ويا، پڌو اسڪيم اسڪالرشپ جو اعلان

ڪورنگي، شهيد بينظيرآباد ۽ خيرپور جي پنجن شاگردن کي مڪمل خرچ سان اعليٰ تعليم جو موقعو ملندو

سنڌ جي هر علائقي ۾ قابليت موجود آهي، شاگردن جي چونڊ ميرٽ تي ڪئي وئي آهي: مراد علي شاهه

سنڌ حڪومت ماسٽرز، ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي اسڪالرشپس لاءِ هر سال 50 ڪروڙ رپيا مختص ڪيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته سنڌ جي نوجوانن کي معياري ۽ جديد تعليم جا موقعا فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه اسڪالر شپ حاصل ڪندڙ شاگردن کي تحفا ڏئي رهيو آهي، تعليم وارو وزير سردار شاهه پڻ موجود آهي

سنڌ اسيمبلي ۾ پيٽروليم ليوي خلاف قرارداد منظور، غير ضروري وصوليون بند ڪرڻ جو مطالبو

حڪومت طرفان پيٽرول تي 80 رپيا ليوي ۽ 5 رپيا ماحولياتي ليوي وصول ڪئي پئي وڃي: محمد فاروق

مهانگائي جي بار هيٺ دٻيل عوام تي وڌيڪ بار نه وڌو وڃي، غير ضروري وصوليون ختم ڪيون وڃن

اسيمبلي جي سيڪريٽري پاران پيٽروليم ليوي بابت پيٽروليم واري وزارت کي خط پڻ جاري ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي وفاقي حڪومت کان پيٽروليم ليوي سميت پيٽروليم شين تي مختلف مدن ۾ ٿيندڙ غير ضروري وصوليون فوري طور بند ڪري عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته سنڌ اسيمبلي جي سيڪريٽري پاران پيٽروليم ليوي بابت پيٽروليم واري وزارت کي خط پڻ جاري

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي ٽرانسپورٽ نظام ۾ وڏي تبديلي، 500 اليڪٽرڪ بسون خريدار ڪرڻ جو فيصلو

سينيئر وزير شرجيل ميمڻ جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ لاجسٽڪس پارڪ قائم ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو

اجلاس ۾ 500 اليڪٽرڪ گاڏين وارين بسن جي خريداري سميت مختلف معاملن تي تفصيلي غور ڪيو ويو

جديد، آرامده ۽ ماحول دوست پبلڪ ٽرانسپورٽ کي وڌائڻ سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ايس ايم ٽي اي بورڊ جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ صوبي ۾ ماس ٽرانزٽ نظام جي توسيع جديد ۽ ماحول دوست پبلڪ ٽرانسپورٽ جي فروغ، لاجسٽڪس پارڪ جي قيام ۽

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ملڪ ۾ معاشي استحڪام ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ نمايان بهتري آئي آهي: ناڻي وزير جي دعويٰ

ناڻي وزير سان ايشيا لاءِ برٽش انٽرنيشنل انويسٽمينٽ جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ۽ سربراهه سريني ناگراجن جي ملاقات، پاڪستان ۾ برٽش انٽرنيشنل انويسٽمينٽ جي سيڙپڪاري جو دائرو وڌائڻ تي ڳالهيون

سريني ناگراجن برٽش انٽرنيشنل انويسٽمينٽ جي 2026ع کان 2031ع تائين جي سيڙپڪاري بابت حڪمت عملي کان آگاهه ڪيو، ايشيا ۽ آفريڪا ۾ گهٽ ۾ گهٽ 2 ارب ڊالرن جي سيڙپڪاري جو خواهشمند

وفد پاڪستان کي سيڙپڪاري لاءِ هڪ اهم ملڪ قرار ڏيندي ايندڙ سالن ۾ ملڪ ۾ برٽش انٽرنيشنل انويسٽمينٽ جي سيڙپڪاري جو دائرو نمايان طور وڌائڻ ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو

ڏرين پاڪستان جي ترجيحي شعبن ۾ سيڙپڪاري، تجربن جي منتقلي ۽ نجي سيڪٽر کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ ويجها رابطا برقرار رکڻ ۽ عمل جوڳن موقعن جي تلاش تي اتفاق ڪيو

حڪومت نجڪاري ۽ نجي شعبي جي قيادت ۾ معاشي ترقي طرف منتقلي تي پنهنجو ڌيان رکيو آهي، ٽيرف ريشنلائيزيشن پروگرام، جو مقصد صنعتي ماحول کي وڌيڪ جاچيٽي وارو ۽ موثر بڻائڻ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته حڪومت نجڪاري ۽ نجي شعبي جي قيادت ۽ معاشي ترقي طرف منتقلي تي پنهنجو ڌيان رکيو آهي، ٽيرف

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

خلع تي حق مهر واپسي جو معاملو وزيراعليٰ پنجاب جي نوٽيس ۾ آندو وڃي: سپريم ڪورٽ

جسٽس جمال خان مندوخيل جي سربراهي ۾ پنج رڪني شريعت اپيليٽ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

وفاقي شرعي عدالت جي فيصلي خلاف پنجاب حڪومت جي اپيل تي معاملو وزيراعليٰ جي نوٽيس ۾ آڻڻ جو حڪم ڏنو ويو

خلع وٺندڙ تي حق مهر جو 50 سيڪڙو واپس ڪرڻ جو قانون صرف پنجاب ناهي آهي ان قانون جو جواز ڇا آهي: جسٽس شاهد وحيد

عورت جي مقام کي گهٽ ڪرڻ تي عدالت سمجهوتو نه ڪندي، عورت کي ڏنل حق مهر ان جي ملڪيت هوندو آهي: ٻڌڻي دوران ريمارڪس

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ جي شريعت اپيليٽ بينچ خلع وٺندڙ عورت کي 50 سيڪڙو حق مهر واپس ڪرڻ بابت پنجاب جي قانون کي شريعت خلاف قرار ڏيڻ جي وفاقي شرعي عدالت جي فيصلي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: وڪيل برادري پاران تجويز ڪيل صوبن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي، ٻئي طرف عدالت ويران پيل آهي

ڪراچي: اقليتي معاملن بابت صوبائي اسيمبلي جي ڪميٽي جو اجلاس صوبائي صلاحڪار شام سندر آڏواڻي جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

سنڌ پوليس جي 544 اهلڪارن ’ايگلٽ ڪورس‘ مڪمل ڪري ورتو

رزاق آباد ايلٽ پوليس ٽريننگ سينٽر ۾ پاسنگ آئوٽ تقريب، ايڊيشنل آءِ جي ۽ ٻيا شريڪ

پوليس چيف پاران بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙن ۾ انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان شهيد بينظير ڀٽو ايلٽ پوليس ٽريننگ سينٽر رزاق آباد ۾ ’ايگلٽ ڪورس‘ جي پاسنگ آئوٽ تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي آمد تي پوليس

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پاڪستان والاريل ڪشمير جي حيثيت بابت ڀارت جون بي بنياد دعوائون رد ڪري ڇڏيون

ڀارت جي هڪطرفي قدمن سان والاريل ڪشمير جي عالمي مڃيل تڪراري حيثيت کي تبديلي نه ٿو ڪري سگهجي

حتمي فيصلو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب ڪرڻ گهرجي

ڀارت جي نام نهاد سرڪاري نقشي ۽ خودمختياري جي هڪطرفي دعويٰ جي ڪا حيثيت ناهي، آزادانه ريفرنڊم ڪرايو وڃي: پرڏيهي ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جمون ۽ ڪشمير جي حيثيت بابت ڀارت جي بي بنياد دعوائن کي واضح لفظن ۾ رد ڪري ڇڏيو آهي جيڪي عالمي حقيقتن جي ابتڙ آهن. پرڏيهي آفيس جي ترجمان سجاد

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستان 2027ع ۾ 14هين ڏکڻ ايشيائي راندين جي ميزباني ڪندو: پرڏيهي ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو آهي ته پاڪستان 2027ع ۾ 14هين ڏکڻ ايشيائي راندين جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: گيٽس فائونڊيشن جو وفد وفاقي وزير شزه فاطمه سان ملاقات ڪري رهيو آهي

فلپائن ۾ ساموندي جهاز ۾ باهه لڳڻ سبب 5 ڄڻا فوت، 87 ماڻهو گم

منيلا (اي پي پي) فلپائن جي صوبي پالاون جي ساموندي ڪناري واري علائقي ۾ هڪ ساموندي جهاز ۾ باهه لڳڻ جي نتيجي ۾

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

پوليس چيف پاران بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙن ۾ انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان شهيد بينظير ڀٽو ايلٽ پوليس ٽريننگ سينٽر رزاق آباد ۾ ’ايگلٽ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر جي گهر کي باهه، سامان سڙي رک

محمد علي سوسائٽي ۾ ڊپٽي اسپيڪر غلام مصطفيٰ شاهه جي رهائشگاهه ۾ اوچتو باهه لڳي

ريسڪيو 1122 جي ٽيم ضابطو آڻي ورتو، باهه لڳڻ جا سبب معلوم نه ٿي سگهيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) محمد علي سوسائٽي ۾ قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر جي رهائشگاهه تي لڳل باهه سبب گهريلو سامان سڙي راک ٿي ويو تفصيلن موجب خميس جي ڏينهن صبح شاهراهه

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

”لنگز آف ڪراچي“ اربن فاريسٽ قائم، 4500 کان وڌيڪ ٻوٽا وڻ پوکيا ويا

پنج ايڪڙن تي واڪنگ ۽ جاگنگ ٽريڪ سميت آبپاشي لاءِ ٻه وڏا واٽر ريزروائر به تعمير ڪيا ويندا

منصوبي جو مقصد سرڪاري زمين کي قبضن کان بچائڻ ۽ شهرين کي سهولتون ڏيڻ آهي: ميئر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ملير ۾ اڻڄاتل هٿياربندن پوليس جي مخبر کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

ابراهيم حيدري جي الياس گوٺ ۾ هٿياربند فائرنگ ڪري لال شير کي قتل ڪري فرار ٿي ويا

پوليس طرفان ڦر دوران مزاحمت يا ذاتي دشمني سميت مختلف پهلوئن بابت جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ابراهيم حيدري جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ اڳواڻن جي گرفتاري وارنٽن تي عملدرآمد تيز ڪرڻ جو فيصلو

مختلف ڪيسن ۾ عدالتي وارنٽن کي منهن ڏيندڙ پي ٽي آءِ اڳواڻن جي گرفتاري جو امڪان

لسٽ ۾ جنيد اڪبر عبدالغني، شبلي فراز، مراد سعيد، زرتاج گل، عامر مسعود مغل، علي امين گنڊاپور ۽ عمر تنوير بٽ جا نالا شامل

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن جي گرفتاري وارنٽن تي عملدرآمد تيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ڏريعن موجب پي ٽي آءِ اڳواڻ حماد اظهر جي گرفتاري ڪانپوءِ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ پيٽرول مهانگو هجڻ باوجود ٻين ملڪن کان سستو آهي: نهال هاشمي

احتجاج ڪرڻ هر ڪنهن جو حق آهي، پر عوام لاءِ تڪليف جو سبب نه بڻجڻ گهرجي

وفاقي حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي: گورنر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ نهال هاشمي چيو آهي ته هن وقت سڄي دنيا ۾ پيٽرول مهانگو آهي، جڏهن ته پاڪستان ۾

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ شاگرد کي اسڪول مان ڪڍڻ خلاف احتجاج، هيڊماسٽر تي تذليل جو الزام

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽر مشاهد حسين سيد چين جي انقلابي اڳواڻ چيئرمين مائو زي تنگ جي ياد ۾ ٿيل تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ ۾ نوان صوبا ناهڻ جو فيصلو عوام جي مرضي خلاف قبول نه ڪنداسين: راشد محمود سومرو

نوان صوبا ناهڻ لاءِ آئين ۽ قانون تي عمل ڪيو وڃي، سنڌ جو هر فيصلو سنڌ جو عوام ئي ڪري سگهي ٿو

19 کان 21 مارچ 2027ع تائين سکر ۾ ٽن ڏينهن واري احتجاج ۽ ڪانفرنس جو اعلان، تياريون شروع

سنڌ ۾ بدامني، بيروزگاري، تعليم ۽ صحت جي خراب صورتحال تي حڪومت سخت تنقيد جو نشانو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام ف سنڌ جي جنرل سيڪريٽري علامہ راشد محمود سومرو چيو آهي ته موجوده نظام کي ڪو به خطرو ناهي، نظام هلندو رهندو. نوان صوبا ناهڻ لاءِ آئين ۽ قانون کي فالو ڪيو وڃي. سنڌ ۾ نوان صوبا ناهڻ جي سمورين جماعتن ۽ عوام رد

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: جي يو آءِ اڳواڻ راشد سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ شهادت حضرت ابوطالب عليه السلام جي مناسبت سان مجلس عزا ۽ ماتم

اماميه مشن عزا خانه امير قاسم ۾ ٿيل مجلس ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي مشهور ذاڪرن شرڪت ڪئي

مجلس ڪانپوءِ شبيهه ذوالجناح برآمد، عزادارن پاران ماتمداري ۽ عقيدت جو اظهار

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي قديمي امام بارگاهه اماميه مشن عزا خانه امير قاسم محلا وليد لاڙڪاڻو ۾ شهادت سرڪار ابوطالب عليه السلام جي مناسبت سان گذريل رات مجلس عزا ۽ ماتمداري ٿي گذري جنهن ۾ سنڌ توڙي پنجاب جي مشهور بينل صوبائي ذاڪرن شرڪت ڪري

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم آٽو پاليسي 2026ع جي منظوري ڏئي ڇڏي، آءِ ايم ايف جي منظوري بعد پاليسي اعلان ٿيندو

آٽو پارٽس جي برآمدات وڌائڻ لاءِ عالمي ويليو چينز سان ڳنڍجڻ ۽ برآمدات لاءِ 5 وڏا اينڪر مينوفيڪچرنگ ادارا آڻڻ جي تجويز ڏني وئي

برآمد ٿيندڙ آٽو پارٽس جي درآمد تي ڊيوٽي ختم ڪرڻ ۽ آٽو پارٽس ايڪسپورٽ ڪائونسل قائم ڪرڻ جي سفارش

اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ هڪجهڙين سهولتن فراهم ڪرڻ، نيون انرجي گاڏين تي رکيو هڪ سيڪڙو سيلز ٽيڪس لاڳو ڪرڻ ۽ ود هولڊنگ ٽيڪس ختم ڪرڻ جي تجويز

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف آٽو پاليسي 2026ع جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي جڏهن ته پاليسي جو اعلان ايندڙ هفتي آءِ ايم ايف کان منظوري ملڻ ڪانپوءِ ڪيو ويندو رپورٽ

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سر سيد يونيورسٽي ۾ ڳجهيون ڪئميرائون لڳائڻ ڳڻتي ۽ مذمت جوڳو عمل آهي: فهيم خان

شاگردن ۽ شاگردياڻين جي عزت، رازداري ۽ تحفظ تي ڪو به سمجهوتو نه ٿيڻ گهرجي

ذميوار شخص خلاف ڪارروائي ۽ سمورن تعليمي ادارن ۾ اثرائتو حفاظتي نظام قائم ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف ڪراچي ڊويزن جي صدر فهيم خان سر سيد يونيورسٽي ۾ ڳجهيون ڪئميرائون

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي وحدت خلاف ٿيندڙ سازش خلاف هر محاذ تي مهاڏو اٽڪايو ويندو: قادر مگسي

ڌرتي جي وحدت ۽ بقاءَ لاءِ هلندڙ جدوجهد کي وڌيڪ منظم، سگهارو ۽ تيز ڪيو ويندو

ڪنهن به انتظامي تبديلي کي سنڌ جي وحدت خلاف استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وحدت

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي پريس اڳوٽي ڄاتي جي مبينا ڌمڪين خلاف پيرسن جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پريسان ڳوٺ شير محمد ماڇي جي رهواسي پيرسن ڳوٺائي پنهنجي گهرياتين سان گڏجي پاڪ ڪتاب کڻي اڳوٽي ڄاتي جي مبينا

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ صومالي قزاقن وٽ يرغمال 10 پاڪستانين جي وارثن جو مظاهرو

مغوي پاڪستانين کي اغوا ٿئي چار مهينا گذري ويا، پر ڪا واضح اڳڀرائي نه ٿي آهي: وارث

حڪومت سفارتي ڳالهيون تيز ڪري مغوين جي محفوظ واپسي يقيني بڻائي، مطالبو

ڪراچي(بيورو رپورٽ) صومالي قزاقن هٿان اغوا ٿيل 10 پاڪستانين جي وارثن ۽ وڪيلن ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ شاگردياڻين ۽ استادن کي هنگامي حالتن بابت عملي تربيت ڏني وئي

منور آباد گرلز پرائمري اسڪول ۾ باهه يا هنگامي صورتحال دوران مختلف مشقون ڪرايون ويون

شاگردياڻين کي خوف بجاءِ نظم برقرار رکڻ ۽ استادن جي هدايتن تي عمل ڪرڻ بابت آگاهي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول منور آباد ۾ اسڪولي شاگردياڻين ۽ استادن کي هنگامي حالتن

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ رٽائرڊ پوليس اهلڪار جو گهر جي خريداري دوران ضمانت طور ڏنل چيڪ واپس نه ٿيڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پريسان ڳوٺ ڪبڙ شيخ جي رهواسي رٽائرڊ پوليس اهلڪار پنهنجي پٽ سان گڏجي باڙن جي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ منڪي پاڪس جو نئون ڪيس ظاهر، 45 ورهين جو شخص متاثر

سرجاني ٽائون جي رهواسي ۾ بي سي آر ٽيسٽ ذريعي منڪي پاڪس جي تصديق ٿي

متاثر شخص کي طبي نگراني ۽ علاج هيٺ رکيو ويو، شهر ۾ متاثرن جو انگ 14 ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ منڪي پاڪس جو هڪ نئون ڪيس رپورٽ ٿيو آهي سرجاني ٽائون جي 45 ورهين جي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ ساليانو ميلاد مصطفيٰ ص، ڪانفرنس، سيرت نبوي ص، تي هلڻ جو پيغام

ڪانفرنس ۾ عالمن، نعت خوانن ۽ عاشقان رسول ص، وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ميررضا قتل ڪيس: جاچ ڪميشن کي شهرين جون اهم ڊجيٽل شاهديون ملڻ شروع ٿي ويون

ڪميشن کي ڊجيٽل اڪائونٽن ۽ فٽ پرنٽس بابت 5 اي ميلون ۽ واٽس ايپ پيغام وصول ٿيا

ڪميشن کي ڊجيٽل اڪائونٽن ۽ فٽ پرنٽس بابت 5 اي ميلون ۽ واٽس ايپ پيغام وصول ٿيا

شهرين پاران شڪي شخص ۽ آءِ ڪلائوڊ لاگ اِن بابت به اهم ڄاڻ ڏيڻ جي دعويٰ ڪئي وئي

معلومات جاچ ٽيم سان شيئر ڪئي ويندي، رابطو ڪندڙ شهرين جي سڃاڻپ راز ۾ رکڻ جو فيصلو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميررضا علي خان قتل ڪيس جي جاچ لاءِ قائم جوڊيشل ڪميشن جي رجسٽرار عبدالمجيد کي شهرين پاران اهم معلومات ملڻ شروع ٿي وئي آهي رجسٽرار عبدالمجيد موجب

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ميررضا ڪيس ۾ گهرو وزير ڪميشن آڏو پيش، وارثن کي انصاف جي خاطري

گهرو ضياءُ الحسن لنجار طرفان معذرت ڪندي ڪميشن کي بنا رڪاوٽ ڪم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي

ڪميشن ڊاڪٽر اسامه جو جواب غير تسلي بخش قرار ڏئي ڪيس ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو

ڪراچي : سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار نوجوان واپاري ميررضا جي قتل ڪيس جي جاچ لاءِ قائم جوڊيشل ڪميشن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ميررضا جي رت ۾ بيوپيواڪين ناالي مقامي بيهوش ڪندڙ دوا جا جزا پڻ مليا آهن: رپورٽ

ڪراچي: سينيئر فارنزڪ ماهرن موجب مير

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

گهوٽڪي عدالت ملهڻ شر ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او جي ضمانت رد ڪري ڇڏي، فرار ٿيڻ تي تشدد

ضمانت رد ٿيڻ بعد ايس ايڇ او قابل پيو عدالت مان فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته ملهڻ شر جي وارثن پڪڙي ورتو

شر برادري جي ماڻهن ايس ايڇ او قابل پيو تشدد جو نشانو بڻائي ڪپڙا ليڙون ليڙو ڪري ڇڏيا

مختلف ٿاڻن جي پوليس پهچي قابل پيو کي زخمي حالت ۾ تحويل ۾ وٺي تعلقہ اسپتال منتقل ڪيو

گهوٽڪي(رپورٽ: اقبال صديقي)گهوٽڪي جي عدالت ڳوٺائي ملهڻ شر تي مبينا تشدد ۽ تذليل واري ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او قابل پيو جي پيڪا ايڪٽ واري ڪيس ۾ ضمانت رد ڪري ڇڏي ضمانت

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

گهوٽڪي: اڳوڻي ايس ايڇ او قابل پيو جي ضمانت رد ٿيڻ بعد فرار ٿيڻ وقت شر برادري جي ماڻهن پاران ڪيل تشدد جو ڏيک

بقايا 1 روزاني عبرت

روڻ هوانگ جي سربراهيءَ ۾ وفد ملاقات ڪئي جنهن ۾ سنڌ ۽ ڪوريا وچ ۾ ماحولياتي تحفظ، موسمياتي تبديلي ۽ سيڙپڪاري جي شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو ملاقات دوران ڪورين ٽيڪنالاجي جي منتقلي موسمياتي سيڙپڪاري، ماحولياتي منصوبن جي تياري، تحقيق ۽ ترقي ادارن جي صلاحيت وڌائڻ ۽ ماحولياتي نگراني کي ڊجيٽل بڻائڻ سميت گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، جڏهن ته سنڌ ۾ اهڙا منصوبا تيار ڪرڻ تي پڻ غور ڪيو ويو جن سان ماحولياتي بهتري سان گڏ روزگار سيڙپڪاري ۽ پائيدار معاشي ترقي جا نوان موقعا پيدا ٿي سگهن اجلاس ۾ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڪلائميٽ چينج اينڊ ڪاربان فنانس سيد امداد علي شاهه ڊائريڪٽر جنرل سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي عاشق علي لانگا، ڪوٽرا جي سينيئر مئنيجر تجمل عالم سميت اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي ملاقات ۾ ڌرين گڏيل سهڪار لاءِ وڌيڪ فني رابطن، گڏيل طور تي قابل عمل منصوبن جي نشاندهي ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ سيڙپڪاري جي موقعن کي عملي شڪل ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ان موقعي تي ماحوليات واري سيڪريٽري فيصل احمد عقيلي چيو ته سنڌ حڪومت ماحولياتي تحفظ کي معاشي ترقي سان هم آهنگ بڻائيندي هڪ صاف، محفوظ ۽ موسمياتي خطرن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکندڙ سنڌ جي تعمير لاءِ پرعزم آهي ڪوريا جي جديد ٽيڪنالاجي، تحقيق ۽ عالمي تجربن مان فائدو وٺندي سنڌ جي ماحولياتي چئلينجن کي نون موقعن ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو هن چيو ته ڪوريا جي جديد ٽيڪنالاجي ۽ ماحولياتي شعبي ۾ مهارت مان فائدو وٺندي سنڌ ۾ ڊجيٽل نگراني، آلودگي تي ضابطو آڻڻ موسمياتي منصوبابندي ۽ قدرتي وسيلن جي بهتر تحفظ لاءِ قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو حڪومت اهڙن ماحول دوست ۽ سيڙپڪاريءَ جي قابل منصوبن کي ترجيح ڏئي رهي آهي، جيڪي نه رڳو موسمياتي خطرن کي گهٽ ڪن پر صوبي ۾ معاشي سرگرمين ۽ روزگار جا نوان موقعا پڻ پيدا ڪن

بقايا 2 روزاني عبرت

جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان گيٽس فائونڊيشن جي وفد اسلام آباد ۾ ملاقات ڪئي وفد ۾ گيٽس فائونڊيشن جون نمائنده ڪلينا ڪوچر ۽ انيتا زيدي شامل هيون وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان جي ترقياتي چئلينجز دوران گيٽس فائونڊيشن جي مسلسل مدد ۽ حصيداري کي ساراهيو وزيراعظم چيو ته پاڪستان پوليو جي مڪمل خاتمي جي گڏيل هدف کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي پوليو جي خاتمي جي قومي پروگرام کي اعليٰ ترين سطح تي سرپرستي حاصل آهي، گيٽس فائونڊيشن پوليو جي خاتمي صحت، غذائيت، مالياتي شموليت ۽ معاشري جي ڪمزور طبقن جي ڀلائي لاءِ قدر جوڳو ڪردار ادا ڪيو آهي وزيراعظم چيو ته ڊجيٽل ادائيگيون غذائي تحفظ، ماءُ ۽ ٻار جي صحت، غربت جو خاتمو ۽ موسمياتي تبديلي سميت اهم سڌارجاتي ترجيحون گورننس ريفارمز ايجنڊا جو حصو آهن ڪيش ليس اڪانومي پاڪستان حڪومت جي تبديلي جي ايجنڊا جو بنيادي حصو آهي ڪيش ليس پاڪستان جو مقصد عام شهرين جي زندگي آسان بڻائڻ حڪومتي نظام ۾ شفافيت وڌائڻ ۽ سرڪاري رقم کي بنا ڪنهن دير ۽ زيان جي مستحقين تائين پهچائڻ آهي هن چيو ته حڪومت ۽ گيٽس فائونڊيشن جي گڏيل ڪوشش جي نتيجي ۾ ڊجيٽل ادائيگين ۾ اضافو ٿي رهيو آهي مستحق عورتن کي پنهنجي مالي مدد سڌوسنئون محفوظ ۽ باوقار انداز ۾ ملڻ گهرجي وزيراعظم گيٽس فائونڊيشن سان گڏجي عورتن جي مالياتي شموليت ۽ معاشي خودمختياري جي لاءِ مرڪوز قدمن تي ڪم ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو ملاقات ۾ پاڪستان ۽ گيٽس فائونڊيشن جي وچ ۾ تعاون ۽ حصيداري کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ٻئي طرف ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب پاڪستان جي ترقياتي ترجيحن کي حاصل ڪرڻ ۾ گيٽس فائونڊيشن جي مسلسل مدد، مالي تعاون، فني مهارت ۽ علم جي متاسنا کي ساراهيو آهي هن اهڙو اظهار خميس ڏينهن گيٽس فائونڊيشن جي اعليٰ سطحي وفد سان ملاقات ۾ ڪيو وفد جي اڳواڻي صنفي اڪيڊمڪ ڊويزن جي صدر ڊاڪٽر انيتازيدي ڪري رهي هئي وفد ۾ عالمي پاليسي ۽ ايڊووڪيسي ڊويزن جي وقتي صدر ڪلينا ڪوچر به شامل هئي ناڻي واري وزير وفد جي آجيان ڪندي پاڪستان سان گيٽس فائونڊيشن جي مسلسل تعاون ۽ رابطي جي ساراهه ڪئي هن چيو ته علم جي متاسنا فني مهارت ۽ عالمي تجربن مان فائدو کڻندي گڏيل تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ انتهائي لاڀائتو ثابت ٿيندو ڪلينا ڪوچر ناڻي واري وزير کي پاڪستان ۾ فائونڊيشن جي وڌندڙ سرگرمين بابت بريفنگ ڏني ۽ خاص طور تي انساني وسيلن ٻارن جي صحت، غذائيت، مائرن جي صحت ۽ عورتن جي معاشي شموليت جي شعبن ۾ جاري قدمن کان آگاهه ڪيو هن ذڪر خيبرپختونخوا ۾ جاري پروگرام جو پڻ ذڪر ڪيو جنهن تحت روڪ مدد، غذائيت بابت مدد، روزگار ۽ هنرمندي جي تربيت ۽ عورتن لاءِ شهري سهولت مرڪزن تائين رسائي فراهم ڪئي پئي وڃي اميد آهي ته هلندڙ سال هن پروگرام سان اٽڪل هڪ لک 70 هزار عورتون ۽ 4 لک 50 هزار ٻار فائدو حاصل ڪندا هن سڄي ملڪ ۾ غذائيت بابت ڪمن جو ذڪر ڪيو جنهن ۾ يونيسيف جي لائيولي هوڊ 2.0 سهولت ذريعي غذائي شين تائين رسائي بهتر بڻائڻ ۽ ٻارن ۾ اسٽنٽنگ جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ قدم شامل آهن ڊاڪٽر انيتا زيدي ناڻي واري وزير کي فائونڊيشن جي ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت قدمن ۽ صحت جي بهتر نتيجن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مصنوعي ذهانت جي استعمال بابت بريفنگ ڏني ناڻي واري وزير وفد کي وزيراعظم جي صدارت هيٺ قائم قومي آبادي ڪائونسل بابت آگاهه ڪيو ۽ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ بهتر رابطاڪاري، عورتن جي تعليم ۽ بااختياري، افرادي قوت ۾ عورتن جي وڌ کان وڌ شرڪت ۽ ٻارن جي پيدائش ۾ مناسب وقفي جي اهميت تي زور ڀريو هن چيو ته آبادي بابت مسئلن جي حل لاءِ عالم سڳورن ۽ بين لاڳاپيل ڌرين کي به اعتماد ۾ وٺڻ ضروري آهي ناڻي واري وزير ملڪي سيڙپڪارن جي اعتماد جي اهميت، نجڪاري ۽ خرچن ۾ سڌارن جي حوالي سان حڪومتي قدمن تي پڻ روشني وڌي هن سرڪاري ادارن ۾ رائيٽ سائيزنگ ۽ حڪومتي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي جي وڌ کان وڌ استعمال جي ضرورت تي زور ڀريو ناڻي واري وزير ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار زراعت ۽ بين گهٽ سهولت يافته شعبن لاءِ حڪومت جي ماليات تائين رسائي جي ايجنڊا تي به روشني وڌي، هن چيو ته ان سلسلي ۾ ڊجيٽل مالياتي ذريعا، بهتر ڊيٽا ايڪسچينج ۽ ڪاروباري روڪ رهڪري جي بنياد تي قرضن جي فراهمي تي ڌيان ڏنو پيو وڃي گيٽس فائونڊيشن جي نمائندن پاڪستان جي مالياتي شعبي ۾ ٿيل اڳڀرائي جي آجيان ڪئي ۽ خاص طور تي ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن لاءِ مالي سهولتن تائين رسائي وڌائڻ ۾ تعاون ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي هن بهتر معلوماتي نظام ڊجيٽل فٽ پرنٽس ۽ ڪاروبار جي روڪ رهڪري جي بنياد تي قرضن جي فراهمي کي ان سلسلي ۾ اهم قرار ڏنو ناڻي واري وزير پاڪستان جي ترقياتي ترجيحن کي حاصل ڪرڻ ۾ گيٽس فائونڊيشن هي مسلسل مدد، مالي تعاون، فني مهارت ۽ علم جي متاسنا کي ساراهيو ان موقعي تي ڌرين انساني وسيلن، صحت، مالي شموليت ۽ ڊجيٽل جدت جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 3 روزاني عبرت

ڪيل ايڪشن پلان تي اڳڀرائي بابت بريفنگ ڏني وئي جڏهن ته تعليمي ادارن جي آس پاس منشيات جي وڪري خلاف هن وقت تائين ڪيل ڪاررواين کان پڻ ڪميٽي کي آگاهه ڪيو ويو اجلاس ۾ مصنوعي منشيات، ڪوڪين ۽ آن لائن منشيات جي فراهمي واري نيٽ ورڪ کي روڪڻ لاءِ اثرائتي قدمن ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ وڌيڪ مربوط حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي پڻ غور ڪيو ويو گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرپرسن فريال ٽالپر چيو ته منشيات خلاف ڪاررواين کي وڌيڪ اثرائتو ۽ نتيجا ڏيندڙ بڻائڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن وچ ۾ مربوط حڪمت عملي ضروري آهي تعليمي ادارن جي چوڌاري منشيات جي وڪري ۽ استعمال کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو نوجوان نسل کي منشيات جي ناسور کان محفوظ رکڻ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي فريال ٽالپر هدايت ڪئي ته مصنوعي منشيات، ڪوڪين ۽ آن لائن منشيات جي فراهمي خلاف اثرائتي ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي، جڏهن ته منشيات خلاف علائقي وار ايڪشن پلان تي عملدرآمد ۽ ان جي نتيجن جو باقاعدگي سان جائزو ورتو وڃي هن بارڊر وارن علائقن جي داخلي ۽ خارجي رستن تي چيڪنگ وڌيڪ سخت ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي ڪميٽي جي چيئرپرسن سنڌ پوليس ۽ اينٽي نارڪوٽڪس فورس پاران منشيات خلاف ڪيل ڪاررواين کي ساراهيندي لاڳاپيل اختيارين کان هن وقت تائين داخل ڪيل ڪيسن گرفتار جوابدارن، منشيات جي ڪيسن ۾ سزا جو انگ ۽ ايڪسائيز ۽ نارڪوٽڪس کاتي جي ڪارڪردگي جا تفصيل پڻ طلب ڪيا ان سلسلي ۾ صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا چيو ته نارڪوٽڪس خلاف جلد نئين افرادي قوت ڀرتي ڪرڻ تي غور ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته ڪاتي جي سطح تي منشيات خلاف ڀرپور ڪارروايون پڻ جاري آهن سنڌ جي گهرو وزير اجلاس ۾ چيو ته منشيات خلاف ڪاررواين کي جديد گهرجن سان هم آهنگ بڻائيندي اثرائتو ڪريڪ ڊائون يقيني بڻايو پيو وڃي تعليمي ادارن جي چوڌاري منشيات فروشن خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تحت ڪارروايون ۾ وڌيڪ تيزي آندي ويندي، جڏهن ته مصنوعي منشيات، ڪوڪين ۽ آن لائن منشيات جي فراهمي واري نيٽ ورڪ خلاف گڏيل ۽ مربوط ڪارروائي ناگزير آهي سنڌ جي گهرو وزير چيو ته سمورا لاڳاپيل ادارا منشيات خلاف ڪاررواين جي اڳڀرائي ۽ نتيجن کان اسٽينڊنگ ڪميٽي کي مڪمل طور آگاهه ڪن منشيات جي خاتمي لاءِ سنڌ پوليس، اينٽي نارڪوٽڪس فورس، ايڪسائيز ۽ نارڪوٽڪس کاتي ۽ بين لاڳاپيل ادارن وچ ۾ اثرائتو رابطو وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي، جڏهن ته ڪراچي سميت سنڌ جي سمورن ڊويزنن ۾ منشيات خلاف ڪاررواين کي وڌيڪ اثرائتو ۽ مربوط بڻايو وڃي هن ٻڌايو ته منشيات بابت نئين قانون تحت نيون عدالتون قائم ڪيون پيون وڃن ۽ ان حوالي سان ميڪنزم پڻ جوڙيو ويو آهي نيون عدالتون قائم ڪرڻ جو مقصد منشيات سان لاڳاپيل ڪيسن کي جلد کان جلد منطقي انجام تائين پهچائڻ ۽ قانون موجب جوابدارن کي سزائون ڏيارڻ آهي اجلاس ۾ ڪاسڪ فورس جي سربراهه ڊي آءِ جي عرفان بلوچ منشيات خلاف جاري ڪاررواين بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سنڌ پوليس جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 105 ڪلوگرام چرس ۽ لڳ ڀڳ 7 ڪن گٽڪا ماوا ضبط ڪري ساڙيو ويو آهي جڏهن ته پوليس 40 ڪلوگرام آئس پڻ پنهنجي قبضي ۾ ورتي آهي ڊي آءِ جي عرفان بلوچ موجب منشيات خلاف هن وقت تائين 57 آپريشن ڪيا ويا، جن دوران 132 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو تعليمي ادارن جي چوڌاري ڪيل ڪاررواين دوران 78 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته 41 جوابدار جيلن ۾ پنهنجي سزائن کي منهن ڏئي رهيا آهن ان موقعي تي صوبائي وزير تعليم سردار شاهه چيو ته اسڪولن جي چوڌاري سنڌ پوليس سان گڏجي تعليم کاتو منشيات خلاف ڪارروايون ڪري رهيو آهي بعد ۾ اينٽي نارڪوٽڪس فورس جي بريگيڊيئر عمر ڪميٽي کي تفصيلي بريفنگ ڏني اي اين ايف اختيارين ٻڌايو ته سنڌ پوليس جي سهڪار سان صوبي ۾ منشيات خلاف ڀرپور ڪريڪ ڊائون جاري آهي ۽ مختلف علائقن ۾ منشيات جي خاتمي لاءِ ڪارروايون مسلسل جاري رکيون پيون وڃن اي اين ايف جي بريگيڊيئر عمر ٻڌايو ته سنڌ جي گهرو وزير جي خاص هدايت تي سنڌ پوليس ۽ اينٽي نارڪوٽڪس فورس منشيات خلاف گڏيل ۽ ڀرپور ڪارروايون ڪري رهيون آهن جڏهن ته منشيات جي نيٽ ورڪ جي خاتمي ۽ نوجوان نسل کي هن لعنت کان محفوظ رکڻ لاءِ سمورا لاڳاپيل ادارا گڏيل رابطي ۽ سهڪار سان قدم کڻي رهيا آهن اجلاس ۾ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن صائمه آغا، سهيل انور سيال، خرم ڪريم سومرو، محمد قاسم محمد فاروق، سجاد علي عبدالوسيم شارق جمال، سيد سردار علي شاهه، مڪيش ڪمار چاولا ۽ مير طارق علي ٽالپر کان علاوه گهرو کاتي جي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري، ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس کاتي جي سيڪريٽري، قانون کاتي جي سيڪريٽري، اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي کاتي جي سيڪريٽري، سماجي ڀلائي کاتي جي سيڪريٽري، ڪاليج ايجوڪيشن کاتي جي سيڪريٽري، يونيورسٽيز ۽ بورڊز جي سيڪريٽري، پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ، ايڊيشنل آءِ جيز ڪراچي، سي ٽي ڊي، اسپيشل برانچ، ڊي آءِ جي هيڊڪوارٽرز، سي آءِ اي، ڪرائم برانچ ڪراچي، ڊي آءِ جيز سائوٿ، ايسٽ ۽ ويسٽ، لاڳاپيل ايس ايس پيز سميت ڊي آءِ جيز شهيد بينظير آباد، ميرپورخاص، سکر، لاڙڪاڻو ۽ حيدرآباد لاڳاپيل ايس ايس پيز سان گڏ زوم لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي ان کان علاوه چيف سي پي ايل سي سنڌ، ڊائريڪٽر جنرل اينٽي نارڪوٽڪس فورس، ڊائريڪٽر جنرل نارڪوٽڪس ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽڪس ڊپارٽمينٽ ۽ ايس ايس پي اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ پڻ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 4 روزاني عبرت

پوره واري علائقي ۾ گندي پاڻي جي نيڪال واري نالي (گٽر) جي صفائي دوران بي هوش ٿيڻ ڊيندڙ ملازم علاج دوران فوت ٿي ويا ريسڪيو عملدارن موجب ٻئي ملازم اربع جي منجهند جو گٽر نالي ۾ ڪم ڪرڻ دوران اوچتو بي هوش ٿي پيا هئا، جن کي فوري طور تي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو تنهن هوندي به طبي حالت خراب ٿيڻ تي سندن وارثن کين هڪ خانگي اسپتال منتقل ڪيو جتي هو جانبر نه ٿي سگهيا فوت ٿيل ملازمن جي سڃاڻپ 30 سالن جي ونيش ۽ 30 سالن جي اوميش طور ڪئي وئي آهي سندن لاشن کي خانگي اسپتال مان شاهراهه فيصل تي واقع مرده خاني منتقل ڪيو ويو

بقايا 5 روزاني عبرت

پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي ڀٽو اسڪيم آڪسفورڊ اسڪالرشپ پروگرام سنڌ جي باصلاحيت شاگردن لاءِ عالمي معيار جي تعليم جا دروازا کولڻ واري هڪ اهم ۽ تاريخي قدم آهي آڪسفورڊ يونيورسٽي سان سهڪار سان شروع ڪيل هن پروگرام تحت سنڌ جي پنج باصلاحيت شاگردن کي مڪمل خرچ سان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو آهي وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه 10 سيپٽمبر تي وزيراعليٰ هائوس ڪراچي ۾ ڀٽو اسڪيم آڪسفورڊ اسڪالرشپ جي سلسلي ۾ منعقد ڪيل تقريب جي صدارت ڪندي چيو ته هي قدم پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوشش ۽ آڪسفورڊ پاڪستان پروگرام سان سهڪار جو نتيجو آهي هن چيو ته اسڪالرشپ حاصل ڪندڙ پنج ئي شاگرد انتهائي باصلاحيت آهن ۽ سندن چونڊ ميرٽ جي بنياد تي ڪئي وئي آهي، ميرٽ جو تعلق ڪنهن مخصوص شهر يا علائقي سان نه پر قابليت سان آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته آڪسفورڊ دنيا جي بهترين تعليمي ادارن مان هڪ آهي ۽ سنڌ جي نوجوانن کي اهڙي اداري ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ملڻ صوبائي حڪومت لاءِ فخر جي ڳالهه آهي هن چيو ته اسڪالرشپ حاصل ڪندڙ شاگردن مان ٽن جو تعلق ڪورنگي، هڪ جو شهيد بينظيرآباد ۽ هڪ جو خيرپور سان آهي جيڪو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته سنڌ جي هر علائقي ۾ قابليت موجود آهي وزيراعليٰ سنڌ اسڪالرشپ حاصل ڪندڙ فائزه رحمان، امرتا چانڊيو، مير مسرور علي، فرحاد شاهد حسن ۽ جنيد احمد ميمڻ کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته اوهان سنڌ جي اميدن جا نمائندا آهيو هن اميد ظاهر ڪئي ته شاگرد آڪسفورڊ مان اعليٰ تعليم تحقيق ۽ نوان خيال حاصل ڪري واپس سنڌ ۽ پاڪستان جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا ۽ بين نوجوانن لاءِ به نوان موقعا پيدا ڪندا سيد مراد علي شاهه چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو آڪسفورڊ يونيورسٽي سان تعليمي تعلق رهيو آهي، جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ آڪسفورڊ مان تعليم حاصل ڪري چڪو آهي هن چيو ته ڀٽو خاندان جي نالي سان اسڪالرشپ منسوب ڪرڻ سندن علمي فڪري ۽ عوامي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ سان گڏ تعليم جي ميدان ۾ سندن سوچ کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش آهي ان موقعي تي صوبائي وزير تعليم سيد سردار شاهه چيو ته ڀٽو اسڪيم اسڪالرشپ سنڌ جي ميرٽ، قابليت ۽ مستقبل جي تعمير لاءِ هڪ تاريخي ۽ انقلابي قدم آهي هن چيو ته هن پروگرام جو مقصد اهو يقيني بڻائڻ آهي ته سنڌ جو ڪو به باصلاحيت شاگرد صرف مالي وسيلن جي کوٽ سبب اعليٰ تعليم جي عالمي موقعن کان محروم نه رهي سيد سردار شاهه چيو ته آڪسفورڊ يونيورسٽي سان ڀٽو خاندان جو هڪ خاص علمي تعلق رهيو آهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو آڪسفورڊ جا نامور شاگرد رهيا، جڏهن ته بلاول ڀٽو زرداري پڻ آڪسفورڊ مان گريجوئيشن ڪئي هن چيو ته ڀٽو خاندان جي نالي سان اسڪالرشپ شروع ڪرڻ سندن علمي ۽ عوامي خدمتن جي اعتراف سان گڏ سنڌ جي نوجوانن کي اڳتي وڌائڻ جو هڪ اهم ذريعو آهي صوبائي وزير تعليم چيو ته سنڌ حڪومت هر سال ماسٽرز ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جي اسڪالرشپس لاءِ 50 ڪروڙ رپيا مختص ڪري رهي آهي جڏهن ته ان رقم جو وڏو حصو سائنس ٽيڪنالاجي انجنيئرنگ ۽ رياضي جي شعبن لاءِ رکيو ويو آهي هن چيو ته مستقبل انهن ئي معاشرن جو آهي جيڪي نوان خيال پيدا ڪن مسئلا حل ڪن ۽ جديد ٽيڪنالاجي کي ترقي لاءِ استعمال ڪن سيد سردار شاهه چيو ته سنڌ حڪومت جو مقصد اهڙو تعليمي نظام قائم ڪرڻ آهي جتي قابليت هر هنڌ موجود هجي پر موقعن جي کوٽ نه هجي سنڌ انڊومنٽ فنڊ ذريعي هن وقت تائين هزارين مستحق شاگردن جي مدد ڪئي وئي آهي ۽ 42 هزار 719 شاگردن کي تعليمي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن جڏهن ته 92 يونيورسٽين ۽ اعليٰ تعليمي ادارن جي شاگردن کي 6 ارب 91 ڪروڙ 60 لک رپين کان وڌيڪ رقم فراهم ڪئي وئي آهي هن چيو ته ڀٽو اسڪيم پروگرام تحقيق، تخليقي سوچ، تنقيدي سوچ ۽ جديد علم کي هٿي ڏيڻ لاءِ هڪ اهم سيڙپڪاري آهي هن آڪسفورڊ پاڪستان پروگرام ۽ وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي قيادت کي ساراهيندي چيو ته سنڌ جي پنجن شاگردن کي آڪسفورڊ جهڙي عالمي اداري تائين پهچائڻ سنڌ جي نوجوانن لاءِ نوان رستا کولڻ برابر آهي آڪسفورڊ پاڪستان پروگرام سان لاڳاپيل ڊاڪٽر جمال پيرزادو چيو ته آڪسفورڊ ۾ هي پروگرام تقريبن ڇهه سال اڳ شروع ڪيو ويو هو پر مالي وسيلن جي کوٽ سبب ان کي اڳتي وڌائڻ ۾ مشڪلاتون پيش آيون سنڌ حڪومت جي سهڪار سان پروگرام کي نئين طاقت ملي ۽ سنڌ جي بهترين شاگردن لاءِ اسڪالرشپ جو سلسلو ڪامياب بڻيو هن چيو ته سنڌ حڪومت پاران ڀٽو اسڪيم آڪسفورڊ اسڪالرشپس فراهم ڪرڻ سان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي تعليمي ورثي کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ملندي هن چيو ته سنڌ جي باصلاحيت شاگردن کي دنيا جي بهترين يونيورسٽين مان تعليم حاصل ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ سان نه رڳو شاگردن جو مستقبل روشن ٿيندو پر سنڌ جي ترقي لاءِ به نوان رستا کلي ويندا تقريب ۾ صوبائي وزيرن محمد اسماعيل راهو ذوالفقار علي شاهه خاص معاون سرفراز راجڙ راجوير سنگهه مختلف يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن صوبائي سيڪريٽرين تعليم کاتي جي آفيسرن ۽ بين معزز مهمانن شرڪت ڪئي تقريب ۾ اسڪالرشپ حاصل ڪندڙ پنجن شاگردن کي مبارڪباد ڏني وئي ۽ اميد ظاهر ڪئي وئي ته اهي آڪسفورڊ مان اعليٰ تعليم ۽ تحقيق حاصل ڪري کان پوءِ سنڌ ۽ پاڪستان جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا تقريب جي پڄاڻي تي شاگردن جي ڪاميابي، روشن مستقبل ۽ سنڌ جي خوشحالي لاءِ دعا پڻ ڪئي وئي

بقايا 6 روزاني عبرت

حيدر خان خميس ڏينهن هتي هفتيوار پريس بريفنگ ۾ چيو ته ڀارت جي هڪطرفي قدمن ۽ مسلسل غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عالمي طور تي مڃيل تڪراري حيثيت کي تبديلي نه ٿو ڪري سگهجي ترجمان چيو ته جمون ۽ ڪشمير تڪرار گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ايجنڊا تي اڃان تائين هڪ حل طلب معاملو آهي ۽ ان جو حتمي **فيصلو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهش موجب ڪرڻ گهرجي** جيڪو گڏيل قومن جي نگراني ۾ آزادانه ۽ غيرجانبدارانه ريفرنڊم جي ذريعي ٿئي ترجمان چيو ته گڏيل قومن جي سرڪاري نقشي جنهن ۾ جمون ۽ ڪشمير کي هڪ تڪراري خطي جي طور تي ڏيکاريو ويو آهي ان جي موجوده قانوني حيثيت جي واحد مستند نقشا جاتي عڪاسي برقرار آهي هن چيو ته ڀارت جي نام نهاد سرڪاري نقشي ۽ خودمختياري جي هڪطرفي دعويٰ جمون ۽ ڪشمير جي تڪراري حيثيت کي ڪنهن به طرح تبديل نه ٿي ڪري سگهي

بقايا 7 روزاني عبرت

ميزباني ڪندو جيڪي 4 کان 11 اپريل تائين منعقد ٿيندين پرڏيهي آفيس جي ترجمان خميس ڏينهن هتي هڪ پريس بريفنگ ۾ چيو ته اٺ ڏينهن وارا راندين جا مقابلا اسلام آباد، پنجاب ۽ خيبر پختونخوا ۾ منعقد ڪيا ويندا ان تقريب ۾ 28 راندين جا مقابلا ٿيندا جڏهن ته ڏکڻ ايشيا جي مختلف ملڪن مان 6 هزار کان وڌيڪ رانديگرن ۽ عهديدارن جي انهن راندين ۾ شرڪت جي اميد آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

گهٽ ۾ گهٽ 5 ڄڻا فوت جڏهن ته 87 ڄڻا گم ٿي ويا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق مقامي ڪوسٽ گارڊ ٻڌايو ته حادثو سياحتي هنڌ ڪورون ميونسپلٽي جي ساموئنڊي ڪناري کان اٽڪل 1.2 بحري ميل پري پيش آيو جهاز ۾ 117 مسافر ۽ عملي جا 17 ميمبر سوار هئا، جن مان 42 ماڻهن کي حفاظت سان ڪڍيو ويو ڪوسٽ گارڊ پاران سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل وڊيو ۾ ساموئنڊي جهاز کي مڪمل طور تي باهه جي پڪڙ ۾ ڏسي سگهجي ٿو مقامي ميڊيا رپورٽس مطابق ساموئنڊي جهاز منيلا مان روانو ٿيو هو ۽ ڪورون وڃي رهيو هو ته رستي ۾ ان ۾ باهه لڳي وئي حادثي بعد گم ٿيل ماڻهن جي ڳولا ۽ امدادي ڪارروايون جاري آهن

بقايا 9 روزاني عبرت

ڪورس جي پاسنگ آئوٽ تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي آمد تي پوليس جي هڪ چست دستي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي سلامي پيش ڪئي سنڌ جي مختلف ضلعن مان مجموعي طور تي 544 پوليس اهلڪارن - جن ۾ عورت ڪانسٽيبل پڻ شامل هيون - ڪاميابيءَ سان اهو ڪورس مڪمل ڪيو تقريب ۾ ڊي آءِ جي ٽريننگ، ڊي آءِ جي ايسٽ، ڪمانڊنٽ ايلٽ پوليس ٽريننگ سينٽر ايس ايس پي ملير ۽ بين سينئر پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي اهلڪارن کي تربيت مڪمل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ انعام ورهايا تربيت وٺندڙن پاران ڪيل عملي مشقن جو جائزو وٺندي، پوليس چيف سندن پيشه ورانه صلاحيتن، نظم و ضبط ۽ جذبي جي واکاڻ ڪئي تقريب جي پڄاڻي تي رزاق آباد ٽريننگ سينٽر جي ڪمانڊنٽ پوليس چيف کي شيلڊ پيش ڪئي

بقايا 10 روزاني عبرت

مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪراچي کي سرسبز صاف سٿرو ۽ ماحول دوست شهر بڻائڻ لاءِ وڻڪاري ۽ اربن فاريسٽ جا منصوبا اهم اڳڀرائي آهن شهر ۾ ساوڪ وڌائڻ ۽ ماحولياتي آلودگي گهٽائڻ اسان جي ترجيحن ۾ شامل آهي باغ ڪراچي ۾ قائم ڪيل اربن فاريسٽ ۾ 4500 کان وڌيڪ مقامي وڻ پوکيا ويا آهن جيڪي ڪراچي جي ماحول کي بهتر بڻائڻ ۽ شهرين کي صحتمند ۽ قدرتي ماحول فراهم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا منصوبي تحت پنج ايڪڙن واري زمين جي صفائي، هموراي ۽ لينڊ اسڪيپنگ جو ڪم مڪمل ڪيو ويو جڏهن ته مقامي ۽ ماحول دوست وڻن جو وڏو انگ پڻ پوکيو ويو آهي انهن خيالن جو اظهار هن خميس ڏينهن باغ ڪراچي ۾ پنج ايڪڙن جي ايراضي تي قائم ڪيل اربن فاريسٽ "لنگز آف ڪراچي" جو افتتاح ڪرڻ کانپوءِ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي سٽي ڪائونسل ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، جمن دروان سٽي ڪائونسل جا ميمبر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته اربن فاريسٽ ۾ ڏيهي ڪيڪس نم، جهنگل جليبي، شهتوت، گل موهر، بادام، ڪمالا ۽ ڄامڻ سميت مختلف قسمن جا وڻ شامل آهن منصوبي ۾ آبپاشي لاءِ به وڏا واٽر اسٽوريج ريزروائرز پڻ تعمير ڪيا ويا آهن جڏهن ته شهرين لاءِ واڪنگ ۽ جاگنگ ٽريڪ پڻ ڊاهيا ويا آهن ته جيئن هي هنڌ ماحولياتي بهتري سان گڏ شهرين لاءِ صحتمند تفريح ۽ ورزش جو مرڪز پڻ بڻجي سگهي ميئر ڪراچي چيو ته "لنگز آف ڪراچي" رڳو وڻڪاري جو منصوبو ناهي پر شهرين لاءِ صحتمند مستقبل جي بنياد آهي هن ٻڌايو ته اربن فاريسٽ جو منصوبو صرف 43 ڏينهن ۾ مڪمل ڪيو ويو جنهن تي 13 جولاءِ کان 24 آگسٽ تائين ڪم جاري رهيو هن چيو ته ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ وڌيڪ گرين اسپيسز ۽ اربن فاريسٽ قائم ڪيا ويندا شهر ۾ وڻن ۽ ساوڪ وارن علائقن ۾ اضافو ڪراچي جي بهتر مستقبل لاءِ ضروري آهي باغ ڪراچي ۾ مڪمل ٿيل اربن فاريسٽ شهري ترقي سان گڏ ماحول جي تحفظ جي بهترين مثال آهي ڪراچي کي بيهتر سرسبز بڻائڻ لاءِ وڻڪاري ۽ اربن فاريسٽ منصوبن جو سلسلو جاري رهڻ گهرجي 4500 کان وڌيڪ مقامي وڻ نه رڳو شهر جي خوبصورتي ۾ اضافو ڪندا، پر ماحولياتي آلودگي گهٽائڻ هوا جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ شهرين کي بهتر ماحول فراهم ڪرڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿيندا ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته باغ ڪراچي ۾ قائم اربن فاريسٽ جو بنيادي مقصد سرڪاري زمين کي قبضه مافيا کان محفوظ بڻائڻ ۽ شهرين کي قدرتي ماحول ۾ تفريح واڪ ۽ جاگنگ جي سهولت فراهم ڪرڻ آهي پهرين مرحلي ۾ پنج ايڪڙ ايراضي تي اربن فاريسٽ مڪمل ڪيو ويو آهي جڏهن ته وڌيڪ 10 ايڪڙ ايراضي کي گرين اسپيس ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ مخير شهرين ۽ ماحول دوست ماڻهن تعاون جي خاطري ڪرائي آهي ڪراچي کي سرسبز شهر بڻائڻ لاءِ اجتماعي سهڪار ۽ وڻڪاري جو عمل جاري رکيو ويندو

بقايا 11 روزاني عبرت

علائقي الياس ڳوٺ ۾ اڻڄاتل هٿيارٻندن هڪ شخص کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو مقتول پوليس جو مخبر هو جاچ جاري آهي ته ڇا ڪيس ڦر جي ڪوشش دوران مزاحمت ڪرڻ تي قتل ڪيو ويو يا ان جي پويان ڪا ذاتي دشمني يا رنجش هئي تفصيلن موجب خميس جي صبح ابراهيم حيدري ٿاڻي جي حدن ۾ اينڊ الياس ڳوٺ ۾ راشد اسڪول ويجهو اڻڄاتل هٿيارٻندن فائرنگ ڪري هڪ شخص کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو ۽ فرار ٿي ويا متاثر شخص جناح اسپتال منتقل ٿيڻ دوران زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو مقتول جي سڃاڻپ 52 سالن جي لال شير ولد محمد رمضان جويا طور ٿي الياس ڳوٺ جو رهواسي اهو شخص اصل ۾ ساهيوال جو رهواسي هو هو ٻن ٻارن جو پيءُ هو ۽ پوليس لاءِ مخبري جو ڪم ڪندو هو ايس ايس پي ملير عبدالخالق پيرزاده ٻڌايو ته مقتول پنهنجي نئين موٽرسائيڪل تي چاري جو گاهه کڻي گهر واپس اچي رهيو هو ته سندس گهر کان صرف ٻه گهٽيون پري ٻن اڻڄاتل هٿيارٻندن مٿس فائرنگ ڪئي ۽ فرار ٿي ويا هن چيو ته مقتول جي گوڏي جي پويان گولي لڳي جنهن سان هڪ اهم رڳ (آرٽري) متاثر ٿي ۽ گهڻو رت وهڻ سبب موت واقع ٿيو هن ٻڌايو ته واقعي واري هنڌان مقتول جو موبائيل فون، موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان مليو آهي جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪا به ڦر نه ٿي هئي هن وڌيڪ چيو ته اڃا اهو چوڻ جلدبازي هوندي ته مقتول کي ڦر دوران مزاحمت تي قتل ڪيو ويو يا ان جي پويان ڪا ذاتي دشمني يا رنجش هئي پوليس واقعي واري هنڌان ثبوت گڏ ڪري ورتا آهن ۽ واقعي جي مختلف رخن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

ڪري چڪو آهي جي يو آءِ جو سربراهه مولانا فضل الرحمان به چئي چڪو آهي ته سنڌ سنڌين جي آهي سنڌ جو هر فيصلو سنڌ جو عوام ئي ڪري سگهي ٿو نواز شريف نون صوبن جي معاملي تي چپ خاموش آهي آئون سمجهان ٿو ته نون صوبن جو معاملو آخري حد تائين آيو ته نواز ليگ به ان جي ضرورت مخالفت ڪندي اهڙو اظهار هن ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو مولانا راشد محمود سومرو وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته 19 کان 21 مارچ 2027ع تي ٽي ڏينهن سکر ۾ احتجاج ۽ ڪانفرنس رکيل آهي جنهن لاءِ سڄي سنڌ جي عوام کي ڀرپور شرڪت ڪرڻ جي لاءِ جي يو آءِ پاران مهم جاري آهي هن چيو ته عوام جي مرضي جي خلاف نوان صوبا ٺاهڻ جو زبردستي ڪو به فيصلو مڙهيو ويو ته جي يو آءِ عوام سان گڏجي ان جي خلاف سخت آواز اٿاريندي هن چيو ته سنڌ اسيمبليءَ ۾ ميمبرن مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون جا نعرا هڻي قومپرستي ۾ سائين جي ايم سيد کي به پوئتي ڇڏي ويا نوان صوبا ٺاهڻ لاءِ آئين ۽ قانون کي فالو ڪيو وڃي، سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي سموريون جماعتون ۽ عوام رد ڪري چڪو آهي هن چيو ته روٽي ڪپڙا ۽ مڪان جا نعرا هڻندڙ عوام کي ڪجهه ناهي ڏنو ماڻهو عزت سان به ويلا ماني به کائي نٿا سگهن سنڌ اندر قبيلائي جهيڙن ۾ 10 هزار ماڻهو قتل ٿي چڪا آهن انهن واقعن جي ذميوار سنڌ سرڪار آهي معصوم ٻارڙين کي اغوا بعد ريپ ۽ قتل ڪرڻ جا واقعا به وڌي ويا آهن ڀريا ڪماري جي بازيابي لاءِ حڪومت صاف ۽ شفاف پيرا ڪٽي ڀريا ڪماري جا پيرا حڪومت جي اندر ويٺل ماڻهن ڏانهن وڃن ٿا هن چيو ته جتي بلوچستان کي پي کي جي صورتحال خراب آهي اتي سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال به بهتر ناهي هن چيو ته سنڌ ۾ صورتحال انتهائي ڏکائيندڙ آهي هر ماڻهو حڪومت کان ناراض آهي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ٻاهران شاگرد ڪيترن ئي ڏينهن کان احتجاج ڪن پيا

بقايا 13 روزاني عبرت

اهلبيت عليه السلام جو شان بيان ڪيو ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي جي مشهور قانوندان زوار سلمان حيدر عباسي ۽ حاجي اويس علي عباسي پاران شهادت سرڪار ابوطالب عليه السلام جي مناسبت سان مجلس ڪرائي وئي بعد مجلس شبيهه ذوالجناح برآمد ڪيو ويو جنهن کان بعد سنڌ جي مختلف شهرن کان آيل سوين عزادارن پاران عزاداري برپا ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ توڙي پنجاب جي مشهور بينل صوبائي ذاڪرن علامه حافظ محمد علي ورڪ آف لاهور سيد ظهور حسين شاهه توقير رضا شاهه علامه فيض محمد عباسي ۽ رياض حسين نجفي سميت ڪيترن ئي مشهور ذاڪرن مجلس عزا ۾ شرڪت ڪري اهلبيت عليه السلام جو شان بيان ڪيو

بقايا 14 روزاني عبرت

شهرين طرفان ڪميشن کي هن وقت تائين 5 اي ميلون ۽ واٽس ايپ پيغام موصول ٿيا آهن رجسٽرار ٻڌايو ته هڪ شهري مير رضا جي ڊجيٽل اڪائونٽن بابت مدد جي آڇ ڪئي آهي جڏهن ته هڪ ٻئي شهري مير رضا جي ڊجيٽل نشانين بابت معلومات فراهم ڪئي آهي هڪ شهري پاران هڪ شڪي شخص جي نشاندهي پڻ ڪئي وئي آهي ۽ مطالبو ڪيو ويو آهي ته ان شخص کان به جاچ ڪئي وڃي عبدالمجيد موجب هڪ شهري پاران ڪلائوڊ ۾ داخل ٿيڻ بابت به اهم معلومات فراهم ڪئي وئي آهي شهرين پاران فراهم ڪيل سموري معلومات جاچ ٽيم سان شيئر ڪئي ويندي، جيئن انهن معلومات کي قتل ڪيس جي جاچ ۾ شامل ڪري سگهجي رجسٽرار جوڊيشل ڪميشن چيو ته ڪميشن سان رابطو ڪندڙ شهرين جي سڃاڻپ مڪمل طور ڳجهي رکي ويندي ۽ انهن پاران فراهم ڪيل معلومات جو جائزو وٺي جاچ ۾ استعمال ڪيو ويندو هوڏانهن مير رضا جو پهريون پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽر اسامه کي جاري ڪيل شوڪاز نوٽيس جو جواب پڻ جمع ڪرايو ويو آهي ذريعن موجب ڊاڪٽر اسامه جي شوڪاز نوٽيس جو جواب سندس والد جمع ڪرايو ٻئي طرف جوڊيشل ڪميشن پاران سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار کي پڻ اڄ طلب ڪيو ويو آهي جتي کانئس مير رضا قتل ڪيس بابت مختلف معاملن تي معلومات ورتي ويندي واضح رهي ته ڪراچي جو نوجوان مير رضا علي خان 28 جولاءِ تي پاڪستان ايمپلائز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي مان گم ٿي ويو هو هو صبح جو 4 لڳي 9 منٽن تي آن لائين ٽيڪسي ذريعي گهران روانو ٿيو هو جنهن کانپوءِ ٻن ڏينهن بعد سندس لاش گلستان جوهر مان مليو هو پوليس اختيارين موجب مير رضا جو لاش انتهائي خراب حالت ۾ مليو هو ۽ سندس سيني ۾ گولي لڳل هئي لاش ملڻ کان هڪ ڏينهن اڳ مير رضا جا سمورا سماجي رابطن وارا اڪائونٽ پڻ بند ڪيا ويا هئا مقتول جي والد موجب مير رضا جو 30 آگسٽ تي گلشن اقبال جي بيت المڪرم مسجد ۾ نڪاح ٿيڻو هو ۽ هو پنهنجي نئين زندگي شروع ڪرڻ بابت تمام گهڻو خوش هو

بقايا 15 روزاني عبرت

رضا جي ساڄي هٿ تي جي ايس آر جا واضح نشان موجود هئا، ڇاتي تي نيبر جا نشان ۽ ساڄي هٿ جي ترين تي رڳو جا واضح نشان پڻ هئا، پر انهن معاملن تي مناسب ڌيان نه ڏنو ويو ماهرن موجب ساڄي هٿ تي ممڪن طور رسي يا ڪنهن ٻي شيءِ جا نشان پڻ موجود هئا، جن جو مڪمل جائزو وٺڻ ضروري هو ليبارٽري رپورٽ موجب مير رضا جي رت ۾ بيوپيواڪين نالي مقامي بيهوش ڪندڙ دوا جا جزا پڻ مليا فارنزڪ ماهرن موجب گولي لڳڻ جو رخ معلوم ڪرڻ لاءِ لاش جو ايڪسري پڻ نه ڪيو ويو جڏهن ته اهڙي جاچ گولي جي رخ ۽ هڏن تي ٿيل نقصان بابت اهم معلومات فراهم ڪري سگهي ٿي

بقايا 16 روزاني عبرت

جي ڪارروائي ۾ پيش ٿي ويو جسٽس عمر سيال گهرو وزير کي پليڪار ڪندي چيو ته توهان پاڻ به وڪيل آهيو اسان چاهيون ٿا ته هن معاملي جا حقيقتون سامهون اچن هن چيو ته گهرو وزير هن معاملي تي ڪيترائي ڀيرا ڳالهائي چڪو آهي ۽ چيف جسٽس کي به جوڊيشل ڪميشن بابت درخواست ڏني هئي جسٽس عمر سيال چيو ته مير رضا جي والدين کي ڪجهه خدشا آهن جن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪميشن ويٺي آهي هن چيو ته جيڪڏهن وارث الڳ الڳ سوال ڪندا ته سندن وڪيل انهن جا سوال ٻڌي اڳتي وڌائيندا جسٽس عمر سيال وڌيڪ چيو ته ايڊووڪيٽ جنرل جي طرفان مداخلت ڪئي وئي ۽ سندس عملي کي چيو ويو ته ڪميشن ۾ غلط ٿي رهيو آهي جنهن تي کيس مداخلت تي ڪاوڙ آئي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار چيو ته هو پنهنجي طرفان ۽ سنڌ حڪومت جي طرفان معذرت ڪري ٿو ميرسنڌ جو ٻار آهي ۽ حڪومت چاهي ٿي ته سندس وارثن کي انصاف ملي هن چيو ته جڏهن پوليس جاچ ڪندڙ ادارن تي اعتماد نه رهي ته اسان عدالت ڏانهن ئي ڏسندا آهيون ضياءالحسن لنجار چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس اوهان تي اعتماد ڪيو آهي اسان کي به اوهان تي اعتماد آهي حڪومت چاهي ٿي ته مير رضا ڪيس جا اصل حقيقتون سامهون اچن هن چيو ته ڪميشن جا ضابطا ۽ اختيار مقرر ڪيا ويا آهن ۽ ڪميشن جو سربراهه معاملي کي بهتر نموني سمجهي ٿو گهرو وزير چيو ته فريال ٽالپر ۽ اسان سڀني جو اهو ئي موقف هو ته هن ڪيس کي ڪنهن ٻي طريقي سان ڏٺو وڃي اسٽينڊنگ ڪميٽي فيصلو ڪيو ته جوڊيشل ڪميشن قائم ڪئي وڃي هن چيو ته شروعات ۾ وارثن کي اعتماد نه هو پر گهرو وزير جي حيثيت سان هو مير رضا جي خاندان سان دل جي گهراين سان تعزيت ڪري ٿو ضياءالحسن لنجار چيو ته ڪميشن کي جيڪا به مدد گهربل هوندي، سنڌ حڪومت فراهم ڪندي حڪومت چاهي ٿي ته ڪميشن بنا ڪنهن رڪاوٽ جي پنهنجو ڪم ڪري هن چيو ته ڪميشن جي ڪارروائي ۾ جيڪا مداخلت ٿي ان تي هو معذرت ڪري ٿو جسٽس عمر سيال چيو ته ايڊووڪيٽ جنرل تمام سلو وڪيل آهي ۽ کيس اميد آهي ته جواد ڊيرو ايڊووڪيٽ جنرل طور ڪم ڪندو رهي ڪميشن جي رجسٽرار کي هدايت ڪئي وئي ته گهرو وزير کي احترام سان ٻاهر تائين ڇڏي اچي جنهن کانپوءِ ڪميشن جي ڪارروائي ڏهن منٽن لاءِ ملتوي ڪئي وئي جسٽس عمر سيال چيو ته ڪميشن فريال ٽالپر جي ڪردار کي ساراهي ٿي، هوءَ پڻ ماءُ آهي ۽ وارثن جي درد کي محسوس ڪري ٿي جنهن تي ڪميشن سندس ٿورائتي آهي وقفي کانپوءِ جوڊيشل ڪميشن بيهر باقاعده ڪارروائي شروع ڪئي معطل ايم ايل او ڊاڪٽر اسامه کي جاري ڪيل شوڪاز نوٽيس جو جواب ڪميشن آڏو پيش ڪيو ويو جنهن تي ڪميشن جواب کي غير تسلي بخش قرار ڏيندي ڊاڪٽر اسامه کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو جبران ناصر چيو ته مير رضا جي ڪاروباري پائيوار احمد طرفان ڪميشن تي الزام لڳايا ويا آهن ۽ احمد جي وڪيل طرفان به ڪجهه انڪشاف ڪيا ويا آهن هن درخواست ڪئي ته احمد کي بيهر طلب ڪيو وڃي ته جيئن هو وڌيڪ ڪجهه چوڻ چاهي ته بيان ڏئي سگهي ڪميشن چيو ته ان حوالي سان باقاعده درخواست ڏني وڃي، جنهن تي جبران ناصر درخواست جمع ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي جوڊيشل ڪميشن ايس ايڇ او عديل افضل هيڊ محرر ذيشان ڊاڪٽر سمير ۽ پروفيسر نسيم کي 14 سيپٽمبر تي طلب ڪري ورتو جڏهن ته ڊاڪٽر اسامه کي ذاتي حيثيت ۾ 15 سيپٽمبر تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي جوڊيشل ڪميشن جو لکت ۾ حڪم نامو جاري جوڊيشل ڪميشن طرفان جاري ڪيل لکت واري حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ جي گهرو وزير سنڌ حڪومت طرفان شفاف جاچ ڪرائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو گهرو وزير موجب گذريل ٻڌڻي دوران غلط فهمي پيدا ٿي هئي ۽ حڪومت طرفان ڪميشن جي ڪارروائي بابت ڪا به هدايت جاري نه ڪئي وئي هئي ڪميشن گهرو وزير طرفان فوري وضاحت ۽ هر ممڪن سهڪار جي خاطري تي ٿورا مڃيا، جڏهن ته مير رضا جي وارثن جي وڪيل پڻ گهرو وزير جي وضاحت تي ٿورا مڃيا حڪم نامي ۾ چيو ويو ته ڪميشن جي ڪارروائي بابت پيدا ٿيل تڪرار خوش اسلوبي سان حل ٿي ويو آهي لکت واري حڪم نامي موجب جوڊيشل ڪميشن 14 سيپٽمبر کان ڪارروائي بيهر شروع ڪندي پوليس سرجن ڊاڪٽر سمير سيد، ايس ايڇ او عديل افضل ۽ هيڊ محرر ذيشان کي پيش ٿيڻ جا نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن ڊاڪٽر اسامه جي شوڪاز نوٽيس جي جواب کي غير تسلي بخش ۽ حقيقتن کان پاسو ڪندڙ قرار ڏيندي کيس 15 سيپٽمبر تي ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿي جواب جي وضاحت ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي جوڊيشل ڪميشن کي شهرين طرفان اهم معلومات ملڻ شروع ٿي ٻئي طرف مير رضا قتل ڪيس بابت جوڊيشل ڪميشن جي رجسٽرار عبدالمجيد کي شهرين طرفان اهم معلومات موصول ٿيڻ شروع ٿي وئي آهي رجسٽرار موجب ڪميشن کي 5 اي ميلون ۽ واٽس ايپ پيغام مليا آهن هڪ شهري چيو آهي ته مير رضا جي بائنانس اڪائونٽن بابت ڪميشن کي مدد گهربل هجي ته هو فراهم ڪري سگهي ٿو جڏهن ته هڪ ٻئي شهري ڊجيٽل فٽ پرنٽس بابت معلومات ڏني آهي شهرين طرفان ڏنل معلومات جاچ ٽيم سان شيئر ڪئي ويندي هڪ شهري ڪيس ۾ هڪ شڪي شخص جي نشاندهي ڪندي ان شخص کان به جاچ ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي، جڏهن ته هڪ ٻئي شهري آءِ ڪلائوڊ ۾ لاڳ ان ٿيڻ بابت اهم معلومات فراهم ڪئي آهي ڪميشن سان رابطو ڪندڙ شهرين جي سڃاڻپ راز ۾ رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي رجسٽرار عبدالمجيد موجب معطل ايم ايل او ڊاڪٽر اسامه طرفان شوڪاز نوٽيس جو جواب جمع ڪرايو ويو آهي، جيڪو سندس والد طرفان ڪميشن ۾ پيش ڪيو ويو صحافي جو موبائل فون کسڻ واري معاملي تي ڊاڪٽر اسامه کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ويو هو گهرو وزير جي ڪميشن ۾ پيش ٿيڻ کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه جوڊيشل ڪميشن ۾ پيش ٿيڻ کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار چيو ته هڪ غلط فهمي جي بنياد تي مير رضا جوڊيشل ڪميشن کيس طلب ڪيو هو جنهن تي هن ڪميشن کان غير مشروط معافي گهري آهي هن چيو ته حڪومت چاهي ٿي ته ڪميشن خوش اسلوبي سان پنهنجو ڪم ڪري ۽ مير رضا جي وارثن کي انصاف ملي مير رضا جوڊيشل ڪميشن جو نتيجو خيز هجڻ ضروري آهي ته جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن گهرو وزير چيو ته مير رضا جي قتل ۾ جيڪو به ملوث هوندو ان کي قانون موجب انجام تائين پهچايو ويندو هن چيو ته خاندان طرفان گڏيل جاچ ٽيم جوڙڻ جي درخواست عدالت رد ڪري ڇڏي هئي ضياءالحسن لنجار چيو ته اڄ به ڪميشن کي واضح ڪيو آهي ته ان کي جيڪا به مدد گهربل هوندي، سنڌ حڪومت فراهم ڪندي مير رضا جي بائنانس اڪائونٽ ۾ ڪروڙين رپين جي واپار جو انڪشاف مير رضا قتل ڪيس ۾ هڪ ٻي اهم اڳڀرائي پڻ سامهون آئي آهي اهم اختيارين مير رضا جي بائنانس اڪائونٽ جون تفصيلون حاصل ڪري ورتيون آهن ذريعن موجب مير رضا 2021ع ۾ بائنانس اڪائونٽ ٺاهيو جنهن ۾ مجموعي طور 8 ڪروڙ 90 لک کان وڌيڪ يو ايس ڊي ٽي جي خريد ۽ وڪري ٿي ذريعن موجب مير رضا کي فيوچر ٽريڊنگ ۾ 3 ڪروڙ 49 لک کان وڌيڪ يو ايس ڊي ٽي جو نقصان پڻ ٿيو ذريعن جو چوڻ آهي ته 2024ع کان 2026ع دوران مير رضا کي هڪ لک 39 هزار کان وڌيڪ يو ايس ڊي ٽي جو نقصان برداشت ڪرڻو پيو جڏهن ته سندس موت کان ڪجهه ڏينهن اڳ 22 ۽ 23 جولاءِ 2026ع تي پڻ لڳ ڀڳ 20 لک يو ايس ڊي ٽي جو نقصان ٿيو هو

بقايا 17 روزاني عبرت

رهواسي ۾ منڪي پاڪس جي تصديق ٿي وئي آهي اسپتال اختيارين موجب متاثر شخص کي سنڌ انفڪشن ڊزيز اسپتال آندو ويو هو جتي جسم تي دانا ظاهر ٿيڻ کانپوءِ سندس پي سي آر ٽيسٽ ڪرايو ويو جنهن ۾ منڪي پاڪس جي تصديق ٿي اسپتال اختيارين جو چوڻ آهي ته متاثر مريض کي طبي نگراني هيٺ رکيو ويو آهي ۽ کيس ضروري علاج ۽ طبي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن هلندڙ سال سنڌ ۾ منڪي پاڪس جا 42 تصديق ٿيل ڪيس رپورٽ ٿي چڪا آهن جن مان 14 ڪيسن جو تعلق ڪراچي سان آهي

بقايا 18 روزاني عبرت

ڪانفرنس ڪندي حڪومت کان مغوين جي فوري ۽ بحفاظت واپسي لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي پريس ڪانفرنس ۾ ڪراچي سان تعلق رکندڙ ستن خاندان پڻ موجود هئا سيد طالب عباس چيو ته جهاز کي اغوا ٿئي چار مهينا گذري چڪا آهن، پر مغوي پاڪستانين جي معاملي تي اڃا تائين ڪا واضح اڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي هن چيو ته مغوي پاڪستانين جي معاملي تي پرڏيهي معاملن واري وزارت کي درخواست ڏني هئي، پر ڪو جواب نه مليو لڳ ڀڳ چار هفتا اڳ بيهر خط پڻ لکيو ويو پر ان جو به ڪو جواب نه ڏنو ويو سيد طالب عباس چيو ته جواب نه ملڻ سبب وارثن احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو پر پرڏيهي معاملن واري وزارت ٻاهران احتجاج دوران کين مبينا طور تشدد جو نشانو بڻايو ويو هن چيو ته وارث حڪومت کان ڪنهن متبادل رستي ۽ واضح خاطري جا طلبگار آهن پرڏيهي معاملن واري وزارت معاملي ۾ تيزي آڻي ۽ وڏو وزير سنڌ متاثر خاندانن سان گڏ ويهي متاثر خاندانن چيو ته اسان کي احتجاج کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، پر پنهنجن پيارن جي واپسي لاءِ احتجاج جاري رکنداسين حڪومت گهٽ ۾ گهٽ خاندانن کي اها خاطري ڪرائي ته مغوي پاڪستانين کي صحيح سلامت واپس آندو ويندو مقلين وزيراعظم شهباز شريف ۽ خاص طور پرڏيهي معاملن واري وزارت کان مطالبو ڪيو ته سفارتي سطح تي صومالي قزاقن سان ڳالهيون تيز ڪيون وڃن ۽ مغوي پاڪستانين جي فوري ۽ محفوظ واپسي يقيني بڻائي وڃي عائشه امين چيو ته اسان جي اپيل آهي ته اسان جي ڳالهه ٻڌي وڃي ۽ اسان جا ماڻهو واپس آندا وڃن رضا يوسف چيو ته 140 ڏينهن کان وڌيڪ گذري چڪا آهن پر اسان جا ماڻهو واپس نه آيا آهن اسان مجبور ٿي روڊن تي نڪري رهيا آهيون ڪنهن کي به شوق ناهي ته پنهنجين عورتن کي ساڻ ڪري احتجاج لاءِ روڊن تي اچي رضا يوسف بلاول ڀٽو زرداري کي اپيل ڪندي چيو ته اوهان جي ناني جي دور ۾ 93 فوجين کي آزاد ڪرايو ويو هو اسان به درخواست ڪريون ٿا ته پنهنجي حڪمت عملي ذريعي مغوي پاڪستانين کي به آزاد ڪرايو وڃي هڪ مغوي جي پٽ چيو ته سندس والد ڏيڍ مهيني کان اغوا ٿيل آهي ۽ هن وقت تائين سندس آواز به ٻڌڻ ۾ نه آئي آهي گهر جا سڀئي ڀاتي والد کي ياد ڪن ٿا ۽ کيس ڏسڻ لاءِ ترسي رهيا آهن متاثر خاندانن چيو ته جماعت اسلامي متحده قومي موومينٽ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سندن ساٿ ڏنو جڏهن ته مسلم ليگ ن پاران پڻ پيغامن ذريعي سهڪار جي خاطري ڪرائي وئي پر رڳو خاطري ڪافي ناهي، عملي قدم کنيا وڃن وارثن چيو ته اسان کي لاوارثن وانگر ڇڏي ڏنو ويو آهي حڪومت گهٽ ۾ گهٽ اسان کي تسلي ڏئي سيد طالب عباس چيو ته هاڻي وڌيڪ صبر نه ڪنداسين ۽ مغوي پاڪستانين جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري رکنداسين مغوي انجنيئر جي ڀاڻيجي سيد طالب عباس چيو ته جيڪڏهن سندن مطالبا جلد پورا نه ٿيا ته سپريم ڪورٽ ٻاهران پڻ بک هڙتال ڪئي ويندي متاثر خاندانن خبردار ڪيو ته مسئلو جلد حل نه ڪيو ويو ته حڪومت کي نااهل قرار ڏينداسين وارثن موجب پرڏيهي معاملن واري وزارت کي چار مهينا اڳ درخواست ڏني وئي هئي ۽ هاڻي وڃي ساڻن رابطو ڪيو ويو آهي هنن دعويٰ ڪئي ته ڪجهه هزار ڊالرن جي رقم عيوض مغوي پاڪستانين جي آزادي ممڪن ٿي سگهي ٿي ۽ ڪنهن عطيو ڏيندڙ ذريعي به مغوين جي آزادي لاءِ رستو ڪڍي سگهجي ٿو

بقايا 19 روزاني عبرت

جي تنصيب واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته تعليمي اداري ۾ ڳجهن ڪئميرائن جي تنصيب انتهائي ڳڻتي جوڳي ۽ قابل مذمت عمل آهي فهيم خان پنهنجي بيان ۾ چيو ته شاگردن ۽ شاگردياڻين جي ذاتي رازداري عزت ۽ تحفظ تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي ڳجهن ڪئميرائن جي تنصيب جهڙي غير اخلاقي ۽ غير قانوني قدم جي سخت مذمت ڪريون ٿا هن چيو ته يونيورسٽي انتظاميا پاران واقعي جي جاچ مڪمل ڪري ذميوار شخص خلاف ڪارروائي ڪرڻ ساراهه جوڳو قدم آهي ذميوار شخص کي نوڪري مان برطرف ڪرڻ ۽ يونيورسٽي ۾ داخلا تي پابندي لڳائڻ درست فيصلو آهي فهيم خان چيو ته سمورن تعليمي ادارن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي عزت، رازداري ۽ سلامتي کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ سمورن تعليمي ادارن ۾ اثرائتو حفاظتي ۽ نگراني جو نظام قائم ڪرڻ ضروري آهي هن چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف ڪراچي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي بنيادي حقن عزت ۽ ذاتي رازداري جي تحفظ لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريندي رهندي ۽ تعليمي ادارن ۾ محفوظ، باوقار ۽ سازگار ماحول جي فراهمي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي

بقايا 20 روزاني عبرت

فيصل ويجهو محمد علي سوسائٽي ۾ واقع هڪ گهر ۾ اوچتو باهه لڳي وئي جيڪا تيزيءَ سان ڦهلجي وئي اطلاع ملڻ تي ريسڪيو 1122 جي فائر اينڊ ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ پهتي ۽ باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪيون ريسڪيو 1122 جي ٽيم ٿوري دير ۾ باهه تي ضابطو آڻي ورتو پر گهر اندر موجود سامان مڪمل طور تي تباهه ٿي ويو واقعي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو ريسڪيو 1122 جي ترجمان ٻڌايو ته متاثره گهر قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر غلام مصطفيٰ شاهه جو آهي باهه جي شروعات اسٽور روم مان ٿي، جنهن سبب ان سان لڳل واش روم کي پڻ نقصان پهتو ترجمان موجب باهه لڳڻ جي سبب جو في الحال پتو نه پئجي سگهيو آهي

بقايا 21 روزاني عبرت

جي هڪ چست دستي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي سلامي پيش ڪئي سنڌ جي مختلف ضلعن مان مجموعي طور تي 544 پوليس اهلڪارن - جن ۾ عورت ڪانسٽيبل پڻ شامل هيون - ڪاميابيءَ سان اهو ڪورس مڪمل ڪيو تقريب ۾ ڊي آءِ جي ٽريننگ، ڊي آءِ جي ايسٽ، ڪمانڊنٽ ايلٽ پوليس ٽريننگ سينٽر ايس ايس پي ملير ۽ بين سينئر پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي اهلڪارن کي تربيت مڪمل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ انعام ورهايا تربيت وٺندڙن پاران ڪيل عملي مشقن جو جائزو وٺندي، پوليس چيف سندن پيشه ورانه صلاحيتن، نظم و ضبط ۽ جذبي جي واکاڻ ڪئي تقريب جي پڄاڻي تي رزاق آباد ٽريننگ سينٽر جي ڪمانڊنٽ پوليس چيف کي شيلڊ پيش ڪئي

بقايا 22 روزاني عبرت

ريشنلائيزيشن پروگرام جو مقصد صنعتي ماحول کي وڌيڪ چٽاپيٽي وارو ۽ موثر بڻائڻ آهي اها ڳالهه هن خميس ڏينهن هتي ايشيا لاءِ برٽش انٽرنيشنل انويسٽمينٽ جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ۽ سربراهه سريني ناگاراجن سان ملاقات ۾ چئي ملاقات ۾ پاڪستان ۾ برٽش انٽرنيشنل انويسٽمينٽ جي سيڙپڪاري جو دائرو وڌائڻ ۽ ترجيحي شعبن ۾ نجي سيڙپڪاري کي وڌيڪ متحرڪ ڪرڻ جي موقعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ پاڪستان لاءِ برٽش انٽرنيشنل انويسٽمينٽ جي سيڙپڪاري منصوبن، نجي سرمائي کي متحرڪ ڪرڻ، بنيادي ڍانچي ۽ موسمياتي فنانسنگ، پرائيوٽ ايڪوٽي، ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن لاءِ فنانسنگ ۽ پاڪستان ۾ جاري معاشي ڍانچاجاتي سڌارن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ سيڙپڪاري جي نون موقعن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي برٽش انٽرنيشنل انويسٽمينٽ جي ايم ڊي ناڻي واري وزير کي برٽش انٽرنيشنل انويسٽمينٽ جي 2026ع کان 2031ع تائين جي سيڙپڪاري بابت حڪمت عملي کان آگاهه ڪيو جنهن تحت ادارو ايشيا ۽ آفريڪا ۾ گهٽ ۾ گهٽ 2 ارب ڊالرن جي سيڙپڪاري جو ارادو رکي ٿو هن ٻڌايو ته ڏکڻ ايشيا ۽ اڀرندڙ مارڪيٽن تي خاص ڌيان ڏنو ويندو هن پاڪستان کي سيڙپڪاري لاءِ هڪ اهم ملڪ قرار ڏيندي ايندڙ سالن ۾ ملڪ ۾ برٽش انٽرنيشنل انويسٽمينٽ جي سيڙپڪاري جو دائرو نمايان طور وڌائڻ ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو هن چيو ته برٽش انٽرنيشنل انويسٽمينٽ پنهنجي سيڙپڪاري سان نجي سيڙپ کي به متحرڪ ڪرڻ تي ڌيان ڏئي رهيو آهي ۽ بنيادي ڍانچي، موسمياتي فنانسنگ، مالياتي خدمتن ٽيڪنالاجي ۽ نجي مارڪيٽن جي شعبن ۾ پنهنجي تجربن مان فائدو کڻندي سيڙپڪاري جي قابل مارڪيٽن جي ترقي ۽ وڌيڪ نجي سرمايو راغب ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪرڻ چاهي ٿو ناڻي واري وزير پاڪستان ۾ سيڙپڪاري وڌائڻ جي حوالي سان برٽش انٽرنيشنل انويسٽمينٽ جي مسلسل وابستگي ۽ دلچسپي جي آجيان ڪئي هن چيو ته ملڪ ۾ معاشي استحڪام ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ نمايان بهتري آئي آهي حڪومت ڍانچاجاتي سڌارن، نجڪاري ۽ نجي شعبي جي قيادت ۾ معاشي ترقي ۽ اوسر طرف منتقلي تي ڌيان ڏئي رهي آهي ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان طرفان 3 ارب ڊالرن جا عالمي بانڊز ڪاميابي سان جاري ڪرڻ نجڪاري جي عمل ۾ مسلسل اڳڀرائي ۽ خودمختار ڪريڊٽ ريٽنگ ۾ مسلسل بهتري ان ڳالهه جي عڪاسي ڪري ٿي ته پاڪستان جو معاشي رخ ۽ عالمي سيڙپڪار ۽ عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽن سان بيهر مضبوط رابطن تي اعتماد ۾ اضافو ٿيو آهي

بقايا 23 روزاني عبرت

سياحت ۽ نوادرات سيد ذوالفقار علي شاهه سنڌ جي عظيم ڪلاسيڪل گائڪ استاد منظور علي خان جي ورسي تي کيس شاندار خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته استاد منظور علي خان پنهنجي منفرد آواز ۽ دلڪش گائڪي وسيلي سنڌي موسيقي کي نيون بلنديون عطا ڪيون سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته استاد منظور علي خان ڪلاسيڪل موسيقي جي گهرائين کي سنڌي لوڪ رنگ سان نهايت خوبصورتي سان جوڙيو جڏهن ته سندس گائڪي ۾ سُر لَي ۽ شاعري جو حسين امتزاج اڄ به ٻڌندڙن کي متاثر ڪري ٿو هن چيو ته استاد منظور علي خان پنهنجي آواز وسيلي سنڌ جي صوفياڻي ۽ ڪلاسيڪل موسيقي جي روايت کي اڳتي وڌايو ۽ پنهنجي فن ذريعي سنڌي شاعري ۽ موسيقي کي نئين نسل تائين منتقل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو صوبائي وزير چيو ته استاد منظور علي خان جي آواز ۾ سنڌ جي مٽي جي ثقافت ۽ صوفياڻي روايت جي خوشبو محسوس ٿيندي هئي سندس فن سنڌ جي عظيم ثقافتي ورثي جو قيمتي حصو آهي ۽ سندس فني خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته استاد منظور علي خان جهڙا فنڪار سنڌ جو قيمتي ثقافتي اثاثو آهن جن جو فن ايندڙ نسلن لاءِ به مشعل راهه آهي استاد منظور علي خان جي ياد ۽ سندس موسيقي هميشه زنده رهندي

بقايا 24 روزاني عبرت

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ترڪيه جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان سان گذريل رات ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي خميس ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري ڪيل بيان موجب، ٻنهي پرڏيهي وزيرن گڏيل دلچسپي جي ٻطرفن لاڳاپن ۽ علائقائي صورتحال جو جائزو ورتو هنن فلسطين جي مسئلي تي پنهنجي گڏيل موقف کي ورجائيندي غير قانوني اسرائيلي آبادين مان درآمد تي پابندي لڳائڻ ۽ اهڙين آبادين سان لاڳاپيل خدمتن تي پابنديون لاڳو ڪرڻ جي برطانيه جي فيصلي جي حوالي سان ائين عرب ۽ اسلامي ملڪن جي گڏيل سان گڏوگڏ برطانيه ۽ بين يورپي ملڪن جي ٻه رياستي حل بابت گڏيل بيان جي حمايت جو اظهار ڪيو ٻنهي پرڏيهي وزيرن سعودي عرب ۽ مصر سان ويجهي علائقائي معاملن تي ويجهي مشاورت جاري رکڻ جي اهميت تي پڻ زور ڏنو جنهن ۾ ريجنل فور (آر 4) فريم ورڪ ذريعي مشاورت پڻ شامل آهي ٻنهي اڳواڻن نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي ايندڙ اجلاس جي موقعي تي ملاقات ڪرڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 25 روزاني عبرت

ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو ته اسلام آباد صوبو نه بڻجي رهيو آهي بلڪ انتظامي نظام جو هڪ نئون ماڊل اختيار ڪيو پيو وڃي وفاقي وزير چيو ته اسلام آباد کي الڳ صوبو بڻائڻ بابت ڪا به بحث نه ٿي آهي قابل ذڪر ڳالهه اها آهي ته گذريل هفتي جي آخر ۾ ذريعن اشارو ڏنو هو ته اسلام آباد ۾ موجوده مقامي حڪومتي نظام کي تبديل ڪري هڪ نئون نظام متعارف ڪرائڻ جي تجويز تي غور ڪيو پيو وڃي، هن تجويز ۾ 27 رڪني اسيمبلي ۽ "چيف ايگزيڪيوٽو" (Chief Executive)جي عهدي جو قيام شامل آهي جنهن کي "وڏو وزير" (Chief Minister)يا "ميئر" (Mayor)جو نالو ڏئي سگهجي ٿو اسلام آباد ۾ مقامي حڪومتن بابت آرڊيننس جي مدت ختم ٿي چڪي آهي اسلام آباد لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس (جيڪو 9 جنوري 2026 تي جاري ڪيو ويو هو) جي نفاذ کي 240 ڏينهن گذري چڪا آهن

بقايا 26 روزاني عبرت

آمريڪا ايران سان جاري تڪرار ۾ ڪاميابي حاصل ڪري رهيو آهي ۽ تڪرار ختم ٿيڻ تي تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي ايندي ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته آمريڪا هرمز جي لنگهه (Strait of Hormuz)ذريعي واپار کي ڪنٽرول ڪري ٿو ان سلسلي ۾، هن چيو ته هن اهم ساموئنڊي لنگهه جو نالو "ٽرمپ اسٽريٽ" (Trump Strait)رکيو وڃڻ گهرجي ۽ ان بابت جلد ئي اعلان ڪيو ويندو آمريڪي صدر اها اميد پڻ ظاهر ڪئي ته ايران جي قيادت هن نئين نالي تي خوش ٿيندي، جڏهن ته سندس ان بيان ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ ۾ هڪ نئون سياسي ۽ طنزيه رخ شامل ڪري ڇڏيو آهي هرمز جو لنگهه دنيا جي انتهائي اهم توانائي وارن رستن (energy corridors)مان هڪ آهي ۽ اتي جي صورتحال جو سڌو اثر عالمي تيل جي قيمتن ۽ ساموئنڊي واپار تي پوي ٿو تازي دشمني ۽ علائقي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ سبب عالمي سطح تي تيل جي قيمت 100 ڊالر في بيرل کان مٿي پهچي وئي آهي

بقايا 27 روزاني عبرت

موجب صدر پرڏيهي نجي دوري کانپوءِ پاڪستان واپس پهچي ويو آهي

بقايا 28 روزاني عبرت

چين پاڪستان اقتصادي راهداري پاڪستان جي معاشي منظر نامي کي نئين شڪل ڏئي رهيو آهي سي پيڪ پاڪستان کي علائقائي رابطن جي هڪ اهم مرڪز طور اڀرڻ جو موقعو ڏئي رهيو آهي . پاڪستان مرڪزي ايشيا ۽ اولهه چين کي گرم پاڻين ۽ بندرگاهن سان ڳنڍي رهيو آهي . انهن خيالن جو اظهار هن خميس ڏينهن هانگ ڪانگ ۾ 11 هين بيلٽ اينڊ روڊ سمٽ کي خصوصي خطاب ڪندي ڪيو . وفاقي وزير چيو ته بي آر آءِ رڳو اقتصادي منصوبو ناهي پر ملڪن ۽ قوم کي ويجهو آڻڻ جو موثر پليٽ فارم آهي . هن چيو ته علائقائي تعاون هاڻي واپاري رستن کان اڳتي وڌي مربوط ويليو چينز ۾ تبديل ٿي رهيو آهي، ڊجيٽل جدت، پائيداري ۽ هنر مند روزگار کي واپاري ڍانچي جو حصو بڻائڻ اثر آهي . چاهر ڪمال خان چيو ته پاڪستان اولهه ، مرڪزي ۽ اوڀر ايشيا وچ ۾ اهم واپاري پل بڻجي رهيو آهي ريلوي ، روڊن ۽ ٽرانزٽ ڪريڊ رابطن جي توسيع پاڪستان کي مرڪزي ايشيا لاءِ مختصر ۽ موثر رستو بڻائي رهي آهي علائقائي رابطا پاڪستان لاءِ ڏيڍ ارب صارفين تي ٻڌل وسيع مارڪيٽ جا دروازا کولي رهيا آهن

بقايا 29 روزاني عبرت

ڪيو ويو آهي جماعت اسلامي جي اسيمبلي ميمبر محمد فاروق پاران پيش ڪيل قرارداد ايوان ۾ اڪثريتي راءِ سان منظور ڪئي وئي جنهن ۾ چيو ويو ته پيٽرول جي اصل قيمت 238 رپيا 70 پيسا في ليٽر آهي جڏهن ته حڪومت پيٽرول تي 80 رپيا في ليٽر پيٽروليم ليوي وصول ڪري رهي آهي قرارداد موجب پيٽرول تي 5 رپيا في ليٽر ماحولياتي ليوي پڻ لاڳو آهي جڏهن ته مختلف مارجنز جي نالي تي 25 رپيا 30 پيسا في ليٽر اضافي وصول ڪيا پيا وڃن سنڌ اسيمبلي جي قرارداد ۾ چيو ويو ته پيٽروليم شين تي غير ضروري وصولين سبب پيٽرول سان گڏ ڊيزل به مهانگو ٿيو آهي جڏهن ته ملڪ ۾ مهانگائي عوام تي 95 سيڪڙو اضافي بار وجهي ڇڏيو آهي قرارداد ۾ چيو ويو ته عوام اڳ ئي مهانگائي جي بار هيٺ دٻيل آهي، تنهن ڪري غير ضروري ليويز ۽ اضافي وصوليون ختم ڪري عوام کي فوري رليف فراهم ڪيو وڃي سنڌ اسيمبلي وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پيٽروليم شين تي عوام کان اضافي وصولين جو سلسلو بند ڪري مهانگائي جو بار گهٽايو وڃي ۽ عوام کي ترت رليف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 30 روزاني عبرت

500 اليڪٽرڪ گاڏين وارين بسن جي خريداري سميت مختلف معاملن تي تفصيلي غور ڪيو ويو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته لاجسٽڪس پارڪ جي قيام ۽ 500 اليڪٽرڪ بسن جي خريداري لاءِ ضروري ڪارروائي مڪمل ڪري سنڌ ڪابينا کان منظوري حاصل ڪئي ويندي اجلاس ۾ ايس ايم ٽي اي بورڊ جي ميمبرن ٽرانسپورٽ کاتي جي سيڪريٽري اسد ضامن، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، ايم ڊي ايس ايم ٽي اي بهزاد ميمڻ، ڊي آءِ جي ٽريفڪ پير محمد شاهه ۽ بين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ٽرانسپورٽ جي شعبي سان لاڳاپيل انتظامي، فني ۽ عملي معاملن، ماس ٽرانزٽ منصوبن تي اڳڀرائي، ٽريفڪ مئنيجمينٽ ۽ شهرين کي جديد سفري سهولتون فراهم ڪرڻ جو پڻ جائزو ورتو ويو جڏهن ته جاري ۽ مستقبل جي منصوبن بابت مختلف تجويزن تي غور ڪيو ويو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت پاران لاجسٽڪس پارڪ جو قيام ڪراچي جي شهرين لاءِ هڪ انقلابي قدم هوندو لاجسٽڪس پارڪ جي تعمير سان شهر ۾ ڳري ٽريفڪ جي دٻاءُ ۾ وڏي پيمائي تي گهٽتائي ايندي

بقايا 31 روزاني عبرت

خلاف پنجاب حڪومت جي اپيل تي معاملو پنجاب جي وزيراعليٰ جي نوٽيس ۾ آڻڻ جو حڪم ڏنو آهي جسٽس جمال خان مندوخيل جي سربراهي ۾ پنج رڪني شريعت اپيليٽ بينچ خميس ڏينهن ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران جسٽس شاهد وحيد پڇاڻو ڪيو ته ڇا پنجاب جي وزيراعليٰ کان پڇيو ويو آهي ته هو هن ڪيس کي هلائڻ چاهي ٿي يا نه؟ جسٽس شاهد وحيد چيو ته خلع وٺندڙ تي حق مهر جو 50 سيڪڙو واپس ڪرڻ جو قانون صرف پنجاب ٺاهيو آهي، پنجاب ۾ عورت وزيراعليٰ آهي

بقايا 32 روزاني عبرت

مختلف ڪيسن ۾ گهربل بين پي ٽي آءِ اڳواڻن جي اڳ ئي جاري ٿيل گرفتاري وارنٽن تي عملدرآمد تيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي رپورٽ موجب ذريعن جو چوڻ آهي ته نومبر 2024ع جي ڊي چوڪ احتجاج سميت مختلف ڪيسن ۾ عدالتي وارنٽن کي منهن ڏيندڙ پي ٽي آءِ اڳواڻن جي گرفتاري جو امڪان آهي ذريعن موجب پي ٽي آءِ جي گهربل اڳواڻن جي لسٽ۾جنيد اڪبر عبدالغني شبلي فراز، مراد سعيد، زرتاج گل عامر مسعود مغل، ڊاڪٽر امجد علي، مينا خان آفريدي، علي امين گنڊاپور ۽ عمر تنوير بٽ جا نالا شامل آهن

بقايا 33 روزاني عبرت

پيٽرول اڃا به بين ملڪن جي ڀيٽ ۾ سستو آهي گورنر هائوس سنڌ جي ملازمن لاءِ آگاهي ۽ اکين جي جاچ واري ڪئمپ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي گورنر سنڌ نهال هاشمي چيو ته اڄ گورنر هائوس جي سمورن ملازمن جي اکين جو مڪمل معائنو ڪيو ويندو جنهن سان اکين جي بيمارين ۾ مبتلا ملازمن کي سهولت فراهم ٿيندي هن چيو ته ملڪ ۾ اکين جي بيمارين ۾ مبتلا مريضن جو انگ تمام گهڻو آهي ۽ اکين جي بيمارين جا ڪيترائي سبب آهن اکين جي علاج لاءِ ڪيترائي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن پي اي بي ايس به انهن ادارن مان هڪ آهي، جيڪو 1962ع کان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

ڪرمان باغ واري علائقي جي رهواسي سماجي ڪارڪن پنهنجي پٽ سان گڏجي ديني مدرسي جي انچارج هيڊماسٽر جي مبينا ناجائزن خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي سماجي ڪارڪن مسڪين ارباب مگسي پنهنجي پٽ مظهر علي مگسي سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته منهنجو پٽ مظهر علي مگسي ۾ ڏهين جماعت جو شاگرد آهي ڪجهه ڏينهن اڳ گسنا ۽ گورنمينٽ پائيليٽ هائير سيڪنڊري اسڪول جي پرنسپال وچ ۾ ڇڪتاڻ سبب اسڪول جي استادن شاگردن کي اسڪول اندر کان روڪي ڇڏيو جنهن دوران مون اهڙي ويڊيو ٺاهي جيڪا ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي هئي

بقايا 35 روزاني عبرت

موجب ذريعن جو چوڻ آهي ته آٽو پارٽس پاليسي بابت قائم ڪميٽي اڳ ئي پنهنجون سفارشون منظور ڪري چڪي آهي دستاويز موجب آٽو پارٽس جي برآمدات وڌائڻ لاءِ عالمي ويليو چينز سان ڳنڍجڻ ۽ برآمدات لاءِ 5 وڏا اينڪر مينوفيڪچرنگ ادارا آڻڻ جي تجويز ڏني وئي آهي آٽو شعبي ۾ ايس ايم ايز جا ڪلسٽر ٺاهڻ برآمد ٿيندڙ آٽو پارٽس جي درآمد تي ڊيوٽي ختم ڪرڻ ۽ آٽو پارٽس ايڪسپورٽ ڪائونسل قائم ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي

بقايا 36 روزاني عبرت

خلاف ٿيندڙ سازشن خلاف هر محاذ تي مهاڏو اٽڪايو ويندو ڌرتي اسان جي ماءُ آهي ۽ ماءُ خلاف هر ميري اک ڪڍي ڇڏينداسين اها ڳالهه سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي پرڏيهي دوري بعد ڪراچي ايئرپورٽ پهچڻ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪئي هن چيو ته سنڌ اسان جو تاريخي وطن آهي ۽ هي ڌرتي سنڌي قوم لاءِ الله تعاليٰ طرفان عطا ڪيل تحفو آهي جنهن جي وحدت، قومي وجود، وسيلن ۽ حقن جي حفاظت ڪرڻ اسان سڀني جي قومي ذميواري آهي هن چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ بقاءَ لاءِ هلندڙ جدوجهد کي وڌيڪ منظم سگهارو ۽ تيز ڪيو ويندو ۽ سڄي سنڌ جي عوام کي جاڳائي منظم ڪري پرامن جمهوري ۽ عوامي جدوجهد ذريعي سنڌ خلاف ٿيندڙ هر سازش کي ناڪام بڻايو ويندو

بقايا 37 روزاني عبرت

کي منهن ڏيڻ توڙي حفاظتي اپائن بابت عملي تربيت فراهم ڪرڻ لاءِ فائر ڊرل ڪرائي وئي جنهن ۾ هنگامي صورتحال پيدا ٿيڻ وقت خوف ۽ افراتفري کان بچڻ، نظم ۽ ضبط برقرار رکڻ اسڪول مان محفوظ ۽ منظم طريقي سان نڪرڻ ۽ حفاظتي اصولن تي عمل ڪرڻ بابت مختلف مشقون ڪرايون ويون

بقايا 38 روزاني عبرت

پاڪستان سني تحريڪ ضلعي طرفان شهر جي جامع مسجد گلستان مدينه مينهل آباد ڪالوني ۾ سنڌ جي ناليواري درگاهه حضرت مشوري شريف جي سجاده نشين پروفيسر منظور احمد مشوري جي صدارت هيٺ ساليانو ميلاد مصطفيٰ ﷺ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي

بقايا 39 روزاني عبرت

ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پيرسن ڳوٺائي ارباب علي ڪلهوڙو پنهنجي گهرواري حبل خاتون ڌيئرن سعادين ماجده ۽ معصوم ڏوهٽي فهد علي ڪلهوڙو سان گڏجي دانهيندي چيو ته 20 سال اڳ مان پنهنجي نياڻي خورشيد خاتون جي شادي تعلقي ميرو خان جي ڳوٺ گل ڪلهوڙو واسي ميرل ڪلهوڙو سان ڪرائي هئي جنهن مان کيس ڪن نياڻين ۽ هڪ پٽ جي اولاد آهي جڏهن ته اڍائي سال اڳ مان لاڙڪاڻي شهر جي يار محمد ڪالوني ۾ 650 فوٽن تي مشتمل پلاٽ خريد ڪري پنهنجي نياڻي خورشيد کي رهائشي گهر تعمير ڪرائي ڏنو آهي

بقايا 40 روزاني عبرت

مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي رٽائرڊ پوليس اهلڪار حسين بخش شيخ پنهنجي پٽ درياءَ خان شيخ سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته هن وقت آئون رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ گهرياتين جو پيٽ گذر ڪرڻ لاءِ اسٽيٽ ايجنسي جو ڪاروبار ڪندو آهيان هن الزام لڳايو ته گذريل 21 سيپٽمبر تي آئون ڳوٺ ڪبڙ شيخ ۾ 500 فوٽن تي مشتمل رهائشي گهر شهر جي مراد واهڙ پاڙي واسي سراج احمد پنهور کان 10 لک روپين عيوض خريد ڪري جهل مگسي واسي وزير علي مگسي کي ڏياريو جنهن دوران آئون پنهنجي چيڪ بڪ جو هڪ پنو وڪرو ڪندڙ وٽ ضمانت طور رکيو هن چيو ته مختلف وقت تي سراج پنهور کي خريدار ذر کان سموري رقم 10 لک روپيا ادا ڪرائي چڪو آهيان جنهن جي لکت پڻ موجود آهي

بقايا 41 روزاني عبرت

رد ٿيڻ کانپوءِ عدالت مان ٻاهر نڪرندي مبينا طور فرار ٿيڻ جي ڪوشش دوران ملهڻ شرعي جي وارثن کيس عدالت جي احاطي ۾ پڪڙي مبينا تشدد جو نشانو بڻايو جنهن دوران سندس ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي ويا ۽ هو زخمي ٿي پيو قابل پيو جي پيشي جي موقعي تي عدالت جي احاطي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي جنهن تي مختلف ٿاڻن جي پوليس نفري طلب ڪئي وئي پوليس قابل پيو کي زخمي حالت ۾ تحويل ۾ وٺي تعلقه اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو

Friday 11 september 2026

جمع 11 سيپٽمبر 2026 ع

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سنڌ جي لوڪل گورنمينٽ قانون ۾ ترميم لاءِ بل پيش

صفحو 4

محمود شام

وسيلا عوام جي پهچ کان پري رکو؟؟؟

صفحو 4

قائداعظم رح. جو پاڪستان جو تصور!

ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل

صفحو 4

مختيار انڙ

اڄوڪو ڏينهن 11 سيپٽمبر

صفحو 4

راڌيپور ريلوي ڦاٽڪ جي پل جو ميڊيا ۾ خبرون اچڻ بعد نيٺ مرمتي ڪم شروع

سوپوديرو تعلقي جي صحافين جي خبرون ۽ سوشل ميڊيا تي هلايل پوسٽن تي انتظاميه جاڳي پئي

ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه جو زبون حال پل ۽ ريلوي ٽريڪ ڪراسنگ جو سخت نوٽيس وٺندي ڪم شروع ڪرائي ڇڏيو

راڌيپور روهڙي ڪئنال جي پل ۽ ريلوي ٽريڪ جو ڪم جلد مڪمل ڪري عوام کي محفوظ ۽ بهتر سفري سهولت فراهم ڪئي ويندي: انتظاميه

سوپوديرو(ن ع) تعلقي سوپوديرو جي اهم صنعتي شهر راڌيپور ريلوي ڦاٽڪ جي پل جو مرمتي ڪم شروع ٿي ويو صحافين جي خبرون ۽ سوشل ميڊيا تي هلايل پوسٽن تي انتظاميه جاڳي پئي ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه جو زبون حال پل ۽ ريلوي ٽريڪ ڪراسنگ جو سخت نوٽيس وٺندي ڪم شروع ڪرائي ڇڏيو رپورٽ مطابق ڪجهه ڏينهن اڳ سينيئر صحافي فقير محمد عباسي صحافي منصور علي ملاح صحافي محمد پنجل ڳاهو ۽ صحافي عامر حسين سولنگي پاران تعلقي سوپوديرو جي اهم صنعتي شهر راڌيپور مان صوبي جي مختلف شهرين سان ملائيندڙ مهراڻ نيشنل هائي وي جي ريلوي ڦاٽڪ ٽريڪ جي ڪرسنگ وڏان روهڙي ڪئنال جي زبون حال پل بابت خبرون سوشل ميڊيا ۽ مختلف فورمن تي اجاگر ڪيون ويون هيون جنهن بعد خبرن ۽ عوامي خدشن جو نوٽيس وٺندي پي پي ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاڻي پاران لاڳاپيل مسئلن تي سختي سان نوٽيس ورتو ويو جنهن ڪانپوءِ پل ۽ ريلوي ٽريڪ جي ڪم ۾ تيزي اچي وئي آهي ۽ مرمتي توڙي تعميراتي ڪم شروع ٿي ويو آهي ان حوالي سان علائقي واسين صحافين پاران عوامي مسئلا اجاگر ڪرڻ ۽ ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاڻي پاران فوري نوٽيس وٺي ڪم شروع ڪرائڻ کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته راڌيپور روهڙي ڪئنال جي پل ۽ ريلوي ٽريڪ جو ڪم جلد مڪمل ڪري عوام کي محفوظ ۽ بهتر سفري سهولت فراهم ڪئي ويندي

سوپوديرو: راڌيپور ريلوي ڦاٽڪ جي زبون حال پل جو ڏيکءُ جنهن جو مرمتي ڪم شروع ڪيو ويو آهي (3)

سنڌ اسان جي ماءُ ۽ ريڊ لائين آهي: ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو

امڙ جيجل جي حفاظت لاءِ سنڌ جو ٻچو ٻچو قربان ٿيڻ لاءِ بلڪل تيار آهي

ايڊووڪيٽ دادا عامر نواز وڙائچ جي قيادت ۾ وڪيل پنهنجي ڌرتي جي مالڪي ڪندا

شهدادڪوٽ(ن ع) ضلع قمبر شهدادڪوٽ بار ايسوسيئشن جي اڳوڻي صدر ۽ ايڊووڪيٽ الائينس جي اڳواڻ شفيع محمد ڪوسو چيو آهي ته سنڌ اسان جي ماءُ ۽ ريڊ لائين آهي امڙ جيجل جي حفاظت لاءِ سنڌ جو ٻچو ٻچو قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهي صحافين سان ڳالهائيندي ناليواري قانوندان ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو چيو ته ايڊووڪيٽ عامر نواز وڙائچ جي قيادت ۾ وڪيل پنهنجي ڌرتي جي مالڪي ڪندا ڌرتي جي دشمنن سان مهاڏو اٽڪائيندا هن چيو ته سنڌ بار ڪائونسل جي سنڌ يونٽي واري سڏ کي لبيڪ چوندي تمام وڪلا برادري عدالتي وهنوار جو بائيڪاٽ ڪندي پنهنجو ڪامياب احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي

شهدادڪوٽ: وڪيل اڳواڻ ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ۽ ايڊووڪيٽ عامر نواز وڙائچ

گورنمينٽ مسلم سائنس ڊگري ڪاليج حيدرآباد ۾ روح پرور ميلادالنبي صم تقريب

تقريب دوران شاگردن پاران حضور اڪرم حضرت محمد مصطفيٰ صم سان پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار

نبي ڪريم صم جن جي اعليٰ اخلاق، تعليمات ۽ امن، رحمدلي، انسان دوستي ۽ ڀائيچاري واري پيغام کي اجاگر ڪيو ويو

تقريب جي پڇاڙيءَ تي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ سندن شاندار مظاهري جي اعتراف طور انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

حيدرآباد(پ ر) گورنمينٽ مسلم سائنس ڊگري ڪاليج حيدرآباد ۾ پرنسپال پروفيسر غلام مصطفيٰ ڏاهري جي نگرانيءَ هيٺ هڪ روح پرور ميلادالنبي صم جي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب جي خاص مهمان طور پروفيسر آفتاب احمد راجپوت، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد ريجن شرڪت ڪئي جڏهن ته پروفيسر رميش راٺي، پرنسپال گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ٽنڊو جام ۽ پروفيسر سيفل ڪوهارو، پرنسپال گورنمينٽ پاڪستان ڊگري ڪاليج سعيدپور معزز مهمانن طور شريڪ ٿيا. تقريب جي ميزباني پروفيسر جنيد ابن سيف ڪئي تقريب دوران اردو ۽ سنڌيءَ ۾ نعت خوانيءَ جا مقابلا جڏهن ته اردو ۽ سنڌيءَ ۾ تقريرن جا مقابلا پڻ منعقد ڪيا ويا جن ۾ شاگردن حضور اڪرم حضرت محمد مصطفيٰ صم سان پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو ۽ سندن اعليٰ اخلاق، تعليمات ۽ امن، رحمدلي، انسان دوستي ۽ ڀائيچاري واري پيغام کي اجاگر ڪيو شاگردن وڏي جوش ۽ جذبي سان حصو ورتو ۽ پنهنجي ادبي، تقرير ۽ نعت خوانيءَ جي صلاحيتن جو شاندار مظاهرو ڪيو تقريب جي پڇاڙيءَ تي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ سندن شاندار مظاهري جي اعتراف طور انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. هيءَ تقريب شاگردن لاءِ حضور اڪرم صم جي سيرت پاڪ ۽ تعليمات تي غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ ايمان، رحم، حسن اخلاق، رواداري ۽ انسانيت جي خدمت جهڙين اعليٰ قدرن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ اجاگر ڪرڻ جي عزم کي تازو ڪرڻ جو هڪ بامقصد موقعو ثابت ٿي

حيدرآباد: گورنمينٽ مسلم سائنس ڊگري ڪاليج ۾ روح پرور ميلادالنبي صم تقريب ۾ استادن ۽ شاگردن جو گروپ فوٽو

سڪرنڊ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران مظاهرو، ڌرڻو

مختيارڪار آفيس ٻاهران تعلقه صدر ايوب ڪوسو جي اڳواڻيءَ ۾ ڌرڻو هنيو ويو

ممتاز ڪيريو جي موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي، اڃا تائين واپس ناهي ٿي: ايوب ڪوسو

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران ڪجهه مهينا اڳ مختيارڪار آفيس ٻاهران ممتاز ڪيريو جي گم ٿيل موٽر سائيڪل خلاف مختيارڪار آفيس ٻاهران تعلقه صدر ايوب ڪوسو جي اڳواڻيءَ ۾ ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ ايس يو پي ڪانسواءِ مختلف سياسي سماجي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي جن ۾ ٻچل ڏهيس عبدالقادر جيلاڻي پرويز سومرو پروفيسر غلام مصطفيٰ ڪيريو سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته روينيو کاتو ۾ سرڪاري ڪم جا پئسا وٺي رشوت ڪانسواءِ نٿا ڪن جڏهن ته پئسن تي ڪم ڪيا پيا وڃن هنن اهو پڻ چيو ته مختيارڪار آفيس ٻاهران ايس يو پي جي ڪارڪن ممتاز ڪيريو جي موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي جيڪا اي سي، مختيارڪار ۽ ايس ايڇ او پاران يقين ڏهاني ڪرائڻ باوجود اڃا تائين نه ملي آهي هنن اهو پڻ چتاءُ ڏنو ته اسان جو ڌرڻو تيسيتائين جاري رهندو جيسيتائين موٽر سائيڪل واپس نٿي ڪرائي وڃي هنن اهو پڻ مطالبو ڪيو ته روينيو کاتي ۾ جيڪا سرڪاري ڦي مقرر ٿيل آهي اهائي ورتي وڃي رشوت جي بازار بند ڪئي وڃي

سڪرنڊ: سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران مظاهرو ڪيو پيو وڃي

گورنمينٽ اسلاميه هاءِ اسڪول ڪيرو ۾ عيد ميلادالنبي صم جي تقريب

شاگردن جي علمي، ديني ۽ تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ مختلف مقابلن جو پڻ اهتمام

سيرت النبي صم جي موضوع تي ڪوئيز مقابلو، نعت خواني، قرآن پاڪ جي قرائت ۽ تقريرن جا مقابلا

ڪيرو(ن ع) گورنمينٽ اسلاميه هاءِ اسڪول ڪيرو ۾ عيد ميلادالنبي حضرت محمد مصطفيٰ صم جي مناسبت سان هڪ تقريب اسڪول جي سينيئر هيڊ ماستر ارباب علي سميجو جي نگرانيءَ هيٺ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شاگردن استادن ۽ شهر جي معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جو خاص مهمان ميونسپل ڪميٽي ڪيرو جو چيئرمين حاجي امتياز حسن ڏرس هو جڏهن ته اعزازي مهمانن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ڪيرو محمد عثمان سومرو ۽ تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ڪيرو غلام شبير هنگورجو شامل هئا. جشن عيد ميلادالنبي صم جي سلسلي ۾ شاگردن جي علمي، ديني ۽ تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ مختلف مقابلن جو پڻ اهتمام ڪيو ويو جن ۾ اسلام ۽ سيرت النبي صم جي موضوع تي ڪوئيز مقابلو نعت خواني قرآن پاڪ جي قرائت ۽ تقريرن جا مقابلا شامل هئا. شاگردن انهن مقابلن ۾ ڀرپور جوش ۽ جذبي سان حصو ورتو ۽ پنهنجي صلاحيتن جو شاندار مظاهرو ڪيو سيرت طيبه صم اسلامي تعليمات ۽ حضور اڪرم صم جي مبارڪ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن بابت شاگردن پاران ڪيل تقريرن ۽ ڪوئيز ڪامپيٽيشن ۾ سوالن جا جواب ڏنا تقريب جي پڇاڙيءَ تي مختلف مقابلن ۾ نمايان پوزيشنون حاصل ڪندڙ شاگردن ۾ ٽرافيون انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا مهمانن پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن کي مبارڪباد ڏيندي سندن حوصلا افزائي ڪئي ۽ استادن جي ڪاوشن کي پڻ ساراهيو ان موقعي تي مقررن چيو ته اهڙيون تعليمي ۽ ديني سرگرميون شاگردن جي شخصيت سازيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون ۽ نئين نسل کي سيرت طيبه صم اسلامي قدرن اخلاق ۽ ڪردار سان ڳنڍ محبت رسول صم جي جذبي سان روشناس ڪرائڻ جو بهترين ذريعو آهن تقريب ۾ اسڪول جي استادن کان علاوه شهر جي ڪيترن ئي معزز شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي جن ۾ سيد عباس علي شاهه ، محمد بخش چانهيون محمد رفيق راجپوت، غلام علي راڄڙ محمد علي نهڙيو، حاجي ڏاڪر شيخ، محمد نجيب ميمڻ سميت ٻيا معززين پڻ شامل هئا.

ڪيرو: گورنمينٽ اسلاميه هاءِ اسڪول ڪيرو ۾ عيد ميلادالنبي صم جي تقريب جو ڏيک

انڊس موٽر ڪمپني جي سالياني منافعي ۾ 10.86 سيڪڙو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي)انڊس موٽر ڪمپني (آءِ ايم سي) جي سالياني منافعي ۾ 10.86 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي ڪمپني جي سالياني انگ اکرن مطابق 30 جون 2026 ع تي ختم ٿيل سال دوران انڊس موٽر ڪمپني جو منافعو 25.5 ارب رپين تائين وڌي ويو جڏهن ته جولاءِ 2024 ع کان جون 2025 ع جي عرصي لاءِ آءِ ايم سي کي 23 ارب روپين جو منافعو ٿيو هو. اهڙي طرح مالي سال 2024-25 جي مقابلي ۾ گذريل مالي سال 2025-26 دوران انڊس موٽر ڪمپني جي منافعي ۾ 2.5 ارب روپين يعني 11.86 جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي

نيشنل بينڪ پاران مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه جاري

ڪراچي (اي پي پي)نيشنل بينڪ آف پاڪستان مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه هن ريت جاري ڪيا آهي آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 279.14 رپيا ۽ خريد جو اگهه 276.14 رپيابرطانوي پائونڊ جي وڪري جو اگهه 378.39 رپيا ۽ خريد جو اگهه 373.92 رپيا، اماراتي درهم جي وڪري جو اگهه 74.37 رپيا ۽ خريد جو اگهه 73.44 رپيا، سعودي ريال جي وڪري جو اگهه 76.01 رپيا ۽ خريد جو اگهه 75.11 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو جڏهن ته جاپاني ين جي وڪري جواگهه 1.8197 رپيا ۽ خريد جو اگهه 1.7983 رپيا رهيواهڙي ريت يورو جي وڪري جو اگهه 324.85 ۽ خريد جو اگهه 321.03 رپيا رهيو

لاڙڪاڻو پوليس پاران مقابلو، هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار، هٿيار هٿ

لاڙڪاڻو (اي پي پي)لاڙڪاڻو پوليس مبينا مقابلي ۾ هڪ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي تفصيل مطابق پوليس ترجمان موجب بقاپور ٿاڻي جي حد سم شاخ واري علائقي ۾ گشت تي موجود پوليس ۽ ڌاڙيل آمهون سامهون ٿي پيا، مبينا پوليس مقابلي دوران ٻنهي طرفن کان فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ هڪ عدد پسٽول سميت گرفتار ڪيو ويو آهي زخمي حالت ۾ گرفتار ڌوهاري جي سڃاڻپ علي اصغر عرف اشو وڪو جي نالي سان ٿي آهي شروعاتي جاچ ۽ حاصل ڪيل معلومات موجب ڄاڻايل ڌوهاري لاڙڪاڻي ۽ ڀرپاسي ۾ سنگين ڏوهن ۽ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ملوث آهي فرار ٿيل ڌوهارين جي گرفتارين لاءِ پوليس پاران سرچ آپريشن ڪيو پيو وڃي

انسانيت جي خدمت ڪرڻ کي عبادت سمجهان ٿي: رضيه سهتو

ڪراچي اغوا ٿيل معصوم نياڻي انيلا مگسي جي واقعي تي افسوس ٿيو آهي

اسان جي ڪوشش آهي ته واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايون

ٽنڊومحمدخان(ن ع) انسانيت جي خدمت ڪرڻ کي عبادت سمجهان ٿي اهڙو اظهار زليخان فائونڊيشن جي چيئرپرسن رضيا سهتو عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته اغوا ٿيل معصوم نياڻي انيلا مگسي واقعو تي افسوس ٿيو آهي اسان جي ڪوشش آهي ته واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائي ڪين قانون جي سهاري سان سزا ملي ته جيئن اهڙا ڏکوئيندڙ واقعا نه ٿين هن چيو ته معصوم نياڻي تي تشدد ڪري ڪيس زيادتي جو نشانو بڻايو ويو آهي ان تي افسوس ٿيو آهي ٿيندڙ ان واقعي جي مذمت ڪريان ٿي هن چيو پوليس کي نياڻي جي وارثن جي مدد ڪرڻ گهرجي ته جيئن ملوث جوابدار فوري گرفتار ٿين ۽ اهي ڪنهن ٻي نياڻي سان اهڙو واقعو نه ڪري سگهن هن چيو منهجو ٽنڊڙو ادارو زليخان فائونڊيشن آهي جيڪو پوري ضلعي اندر محدود وسائل هجڻ جي ڪري ٻه بي سهارا ۽ يتيم ٻارڙن جي سنڀال ۽ پالنا ڪريون پيا انهن يتيم ٻچن جي خوشي کي پنهنجي خوشيءَ سمجهان ٿي ۽ انهن سان پيار ۽خدمت ڪرڻ عبادت آهي هن چيو ته اسانکي يتيم معصوم ٻارڙن کي پنهجائپ جو احساس ڏيڻ گهرجي ته جيئن انهن ۾ احساس محرومي نه ٿئي اسان يتيم ۽ بي سهارا ٻارڙن جي سار سنڀال ۽ ڪين سٺي تعليم تربيت ۽ بهتر مستقبل لاءِ ڪم ڪريون پيا هن چيو ته اسان انهن ضرورتمند يتيم بي سهارا ٻارڙن جي مدد لاءِ هميشه پنهنجو ڪردار اداڪندا رهنداسين زليخان فائونڊيشن فلاحي ادارو آهي اسان وٽ پلجندڙ بي سهارا يتيم ٻارڙن جي زندگي کي بهتر بڻائي ڪين سٺو مقام ڏينداسين

ٽنڊو محمد خان: زليخان فائونڊيشن جي چيئر پرسن رضيا سهتو عبرت سان ڳالهائيندي

ماتلي ۾ رائيس ملز مالڪ عبدالرئوف نظاماڻي جي آڊيو ليڪ ٿيڻ وارو ماملو

رائيس ملز ايسوسئشن جا عهديدار پنهنجي وضاحت ڏيڻ لاءِ پريس ڪلب پهچي ويا

عبدالرئوف نظاماڻي جي آڊيو ليڪ ڪرڻ جو مقصد تڪرار پيدا ڪرڻ هو: سامن داس ويڌاڻي

ماتلي (ن ع) اڳوڻي ميونسپل چيئرمين ۽ رائيس ملز مالڪ عبدالرئوف نظاماڻي جي وائرل ٿيل آڊيو کان پوءِ رائيس ملز مالڪن ۽ آبادگارن وچ ۾ پيدا ٿيل تڪرار کان پوءِ رائيس ملز ايسوسئشن جا عهديدار پنهنجي وضاحت ڏيڻ لاءِ پريس ڪلب پهچي ويا عبدالرئوف نظاماڻي جي موجودگي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي رائيس ملز ايسوسئشن جي عهديدارن سيٺ سامن داس ويڌاڻي، فاروق احمد چيبي حاجي يوسف ڪشميري، ڊاڪٽر چيتن ساماڻي، پگهوانداس ڪوهستاني ۽ ٻين چيو ته عبدالرئوف نظاماڻي جو ليڪ ٿيل آڊيو جو مقصد ڪنهن به آبادگار جي دل آزاري نه آهي پر هن گروپ ۾ شامل ميمبرن کي پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻ ۽ ٿيل فيصلن تي پابند رهڻ لاءِ پيغام ڇڏيو هو جنهن تي آبادگارن جي دل آزاري ٿي آهي ان لاءِ هو معذرت ڪن ٿا هنن چيو ته عبدالرئوف نظاماڻي جي آڊيو ليڪ ڪرڻ جو مقصد سندس ساک متاثر ڪرڻ ۽ رائيس ملز ايسوسئشن جي عهديدارن وچ ۾ تڪرار پيدا ڪرڻ آهي جنهن جي هو سخت لفظن ۾ مذمت ڪن ٿا هنن چيو ته آبادگارن ۽ رائيس ملز مالڪن جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي جيڪو الڳ ناهي ٿيڻو رائيس ملز ايسوسئشن جي عهديدارن آبادگارن کي ڀاڙو ڏنو آهي ته ملز مالڪان ساڻن هر ممڪن تعاون جاري رکندا ايندا هو پاڻ کي نقصان ڏيئي به آبادگارن کي فائدو ڏيندا رهندا.

ماتلي: رائيس ملز مالڪ عبدالرئوف نظاماڻي جي آڊيو ليڪ ٿيڻ وارو ماملي تي رائيس ملزايسوسئيشن جا عهديدار پريس ڪانفرنس ڪندي

ملڪي دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪي دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن خميس ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو معائهون وهڪرو 1 لک 9 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺائهون وهڪرو 1 لک 55 هزار 400 ڪيوسڪ رهيو ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو معائهون ۽ هيٺاهون وهڪرو ترتيبوار 19 هزار 400 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو معائهون وهڪرو 1 لک 62 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 1 لک 62 هزار 100 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو معائهون وهڪرو 15 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 30 هزار ڪيوسڪ ۽ چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو معائهون وهڪرو 41 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 14 هزار 600 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1547.70 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو5.452 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1221.65 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.704 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 645.70 فوٽ، بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.164 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو

ميهڙ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف احتجاج

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پاران سنڌ جي ورهاڱي جي بيان خلاف احتجاج ڪيو ويو

سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به قسم جي ڳالهه يا سازش برداشت نه ڪنداسين: وڪيل

ميهڙ (ن ع) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پاران سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون يونٽن بابت ڏنل بيان خلاف ميهڙ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پاران سخت احتجاج ڪيو ويو احتجاج دوران وڪيلن عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ ڪندي بار آفيس کان مين گيٽ تائين احتجاجي مارچ ڪيو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ وڪيلن شرڪت ڪئي مظاهرين سنڌ جي ورهاڱي خلاف شديد نعريبازي ڪندي سنڌ جي وحدت برقرار رکڻ لاءِ پنهنجو آواز بلند ڪيو احتجاجي مارچ جي اڳواڻي دادو بار ڪائونسل جي صدر ۽ ناميارو وڪيل سيد لعل شاهه پاڪستان پيپلز لائرز فورم ضلع دادو جي جنرل سيڪريٽري ۽ سينيئر وڪيل ايڊووڪيٽ امجد حسين ٻلهڙي ايڊووڪيٽ سعيد پنهور ايڊووڪيٽ نجيب مهيسر ايڊووڪيٽ عابد حسين ڪلهوڙو سيد اياز شاهه ميهڙ تعلقه بار جي جنرل سيڪريٽري داد محمد مگسي ۽ ايڊووڪيٽ رياض ڏيري سميت ٻين وڪيلن ڪئي ان موقعي تي وڪيل اڳواڻن چيو ته سنڌ هڪ قديم تاريخ ثقافت ۽ تهذيب رکندڙ ڌرتي آهي جيڪا سنڌين جو تاريخي وطن آهي هنن چيو ته سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به قسم جي ڳالهه يا سازش کي سنڌ جو عوام ۽ وڪيل برادري ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندي وڪيل اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ورهاڱي بابت بيان سنڌ جي عوام جي جذبن کي مجروح ڪرڻ جي برابر آهي سنڌ جي انتظامي معاملن بابت جيڪڏهن ڪي تجويزون آهن ته اهي سنڌ جي عوام ۽ چونڊيل نمائندن جي رضامندي سان سامهون اچڻ گهرجن سنڌ جي وحدت ۽ سالميت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو احتجاج ڪندڙ وڪيلن چيو ته هو سنڌ جي حقن وحدت ۽ آئيني حيثيت جي تحفظ لاءِ هر جمهوري ۽ قانوني فورم تي آواز بلند ڪندا رهندا. هنن وفاقي گهرو وزير کان مطالبو ڪيو ته سنڌ جي ورهاڱي بابت ڏنل بيان جي وضاحت ڪئي وڃي ۽ اهڙن بيانن کان پاسو ڪيو وڃي جيڪي سنڌ جي عوام ۾ بيچيني پيدا ڪن ٿا. احتجاج دوران وڪيلن پاران سنڌ جي وحدت جي حق ۾ ۽ ورهاڱي خلاف مسلسل نعريبازي ڪئي وئي، جنهن سبب عدالت ۾ احتجاجي ماحول ڇانيل رهيو.

ڪنڌڙو پرسان روڊ حادثي ۾ 17 ورهين جو نوجوان فوت

ٽڪر هڻندڙ وين گاڏي جو ڊرائيور موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب

حادثي ڪانپوءِ واقعي واري هنڌ ماڻهن جو وڏو انگ گڏ ٿي ويو پوليس لاش تحويل ۾ ورتو

ڪنڌڙو(ن ع) ڪنڌڙو لڳ جمڙائو ڪئنال وٽ روڊ حادثي ۾ 17 ورهين جو نوجوان فوت ٿي ويو آهي جڏهن ته ٽڪر هڻندڙ وين گاڏي جو ڊرائيور موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ڪافي ڪلاڪن بعد فوت ٿيل نوجوان جي سڃاڻپ شرف الدين ولد غوث بخش مري، رهواسي ڳوٺ جان محمد وساڻ لڳ سال طور ڪئي وئي آهي. حادثي ڪانپوءِ واقعي واري هنڌ ماڻهن جو وڏو انگ گڏ ٿي ويو جڏهن ته پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

تعليم کاتي حيدرآباد ۾ سال 2025 ۾ مبينا طور معذور ڪوٽا تحت ڀرتي عورت ٽيچر برطرف

سال 2021 ۾ پرائمري ٽيچر جي ٽيسٽ 41 مارڪون کڻي پاس ڪئي ۽ آفيسن جا چڪر ڪاٽيا پر نوڪري نه ملي: زينب

ايجوڪيشن آفيسر بي بي فاطمه ۽ ڊي اي او عظيم ڪمبوهه 10 لک رپيا رشوت عيوض معذور ڪوٽا تحت نوڪري جو آرڊر جاري ڪرڻ لاءِ چيو

مون مجبورن حامي ڀري ۽ مونکي 30 جون 2025 تي معذور ڪوٽا تحت پي ايس ٽي جو آرڊر جاري ڪري پرائمري اسڪول غريب آباد ۾ جوائن ڪرايو

هڪ ڏينهن اڳ 9سيپٽمبر تي اسڪول جي هيڊ مسٽريس گهرائي زباني طور مونکي نوڪري مان برطرفي جي اطلاع ڏني، ناانصافي خلاف عدالت ويندس

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) تعليم کاتي حيدرآباد ۾ سال 2025 ۾ مبينا طور معذور ڪوٽا تحت ڀرتي ٿيل عورت ٽيچر رشوت نه ملڻ سبب نوڪري تان برطرف، عدالت جو در کڙڪائڻ جو اعلان. تعليم کاتي حيدرآباد ۾ سال 2025 ۾ 40پلس آءِ بي اي پاس معذور ڪوٽا تحت ڀرتي ٿيڻ بعد برطرف ٿيل پرائمري ٽيچر زينب ڌي عبدالله ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پنهنجي مڙس ۽ ٻارن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته نوڪري تي بحال ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ عدالت جو در کڙڪائيندس هن چيوته سال 2021 ۾ پرائمري ٽيچر جي ٽيسٽ 41 مارڪون کڻي پاس ڪئي ۽ مسلسل آفيسن جا چڪر ڪاٽيندي رهيس پر مونکي ميرٽ تي نوڪري نه ڏني ۽ سال 2025 ۾ تعليم کاتي حيدرآباد ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر بي بي فاطمه ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر عظيم ڪمبوهه 10لک رپيا رشوت طلب ڪندي معذور ڪوٽا تحت نوڪري جو آرڊر جاري ڪرڻ لاءِ چيو جڏهن ته مون ۾ ڪا به معذوري نه هئي پر ان باوجود پاڻ کي مجبور ڄاڻيندي چيو ته آئون غريب آهيان رقم ادا نٿي ڪري سگهان جنهن تي ڄاڻايل آفيسرن چيو ته 100000 لک رپيا نوڪري ملڻ ۽ پگهارون جاري ٿيڻ تي ادا ڪندا جنهن مون مجبورن حامي ڀري ۽ مونکي 30 جون 2025 تي معذور ڪوٽا تحت پي ايس ٽي جو آبر جاري ڪري گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد حيدرآباد ۾ مقرر ڪيو ويو نوڪري ملڻ بعد مون پنهنجي نوڪري ايمانداري سان ادا ڪندي رهيس جنهن بعد 2جون 2026تي غير سرڪاري طور تي ايڇ آر جو واٽس اپ تي ليٽر مليو ته توهان تعليمي سرٽيفڪيٽن جي تصديق لاءِ ڪراچي اچو جنهن تي مان ڪراچي پهتس جتي مون کي چيو ويو ته توهان 12فيبروري 2026تي گهرايو ويو توهان 5جون تي آيا آهيو جنهن تي مون چيو مونکي ليٽر2جون تي مليو آهي جنهن تي مون ڊائريڪٽر ايڇ آر ۽ ٽي کي منٿون ڪيون ته منهنجا ننڍا ٻچا آهن مون سان انصاف ڪيو جنهن تي ڊاريڪٽر (ايڇ آر ۽ ٽي) ڪشور ڪمار لوهاڻو چيو ته 10لک رپيا رپيا ڏيو ۽ ضلعي ريڪروٽمنٽ آفيسر عزيز الله سان ملو جنهن تي ٻي ڏينهن ضلعي رڪروٽمنٽ آفيسر سان مليس جنهن به 10لک رپيا رشوت طلب ڪئي.جنهن تي مون ڪيس چيو ته مان غريب ۽ ڪرائي جي گهر ۾ رهان ٿي 3ڌيئرن جي اولاد آهي سال پورو ايمانداري سان نوڪري ڪئي جنهن سبب رڪارڊ ۽ سروس بڪ وغيره سڀ موجود آهن پر ان باوجود هر منهنجي هڪ نه ٻڌي ۽ ڊي آر سي لسٽ مان ڪليئر هجڻ باوجود منهنجو نالو پين ڏريعي ڪٽي ڇڏيو ۽ هڪ ڏينهن اڳ 9سيپٽمبر تي اسڪول جي هيڊ مسٽريس گهرائي زباني طور مونکي نوڪري مان برطرفي جي اطلاع ڏني ۽ مسٽرول تي حاضري لڳائڻ کان روڪي ڇڏيو.هن چيو ته تعليم کاتي سنڌ جي اختيارين مون کان منهنجي ٻچن جي روزي کسي آهي جنهن خلاف مان هر هنڌ آواز اٿاريندس

نوشهروفيروز ضلعي جي اسڪولن لاءِ آيل ايس ايس بي جي بجيٽ ۾ ڪرپشن جو انڪشاف

خزاني آفيس سان ملي ويندر مافيا ۽ ڪرپشن ۾ مهارت رکندڙ احسان حسيني ميمڻ ڪرپشن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا

ضلعي جي سڀني اختيارين کي پنهنجو حصو پٽي پهچائيندو آهيان مونکي ڪير به ڪجهه نٿو ڪري سگهي: احسان حسيني ميمڻ

احسان حسيني ميمڻ جي ڪيل ڪرپشن جو فوري احتساب ڪري سندس مٿان قانوني ڪاروائي ڪري ڦرڪايل اسڪولن جا پئسا واپس ڪرايا وڃن: ساڃاهه وند

نوشهروفيروز(ن ع) نوشهروفيروز ضلعي جي اسڪولن جي مرمت ۽ ضروري ڪم ڪار لاءِ آيل ايس ايس بي جي بجيٽ جي پئسن ۾ خزاني آفيس سان ملي پگهت ڪري ويندر مافيا ۽ ڪرپشن ۾ مهارت رکندڙ احسان حسيني ميمڻ ڪرپشن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا ڪيترن ئي اسڪولن جا آيل پئسا اسڪولن کي نالي ماتر ڏئي لکين روپيا کائڻ جو اهم انڪشاف ٿيو آهي ان حوالي سان سندس کان مؤقف پڇڻ تي هن ٻڌايو ته هيٺيان کان مٿي تائين يعني نيب، ايف آءِ اي، اينٽي ڪرپشن سميت ضلعي جي سڀني اختيارين کي پنهنجو حصو پٽي پهچائيندو آهيان مونکي ڪير به ڪجهه نٿو ڪري سگهي.هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ڪيل ايڏي وڏي ڪرپشن جو ڪير ٿو نوٽيس وٺي؟جڏهن ته اسڪولن جي ڦريل استادن نظير احمد ڪوسو جي اڳواڻي ۾ پڻ وڏيون دانهون ڪندي ٻڌايو ته اسان سان ويندر مافيا ڏاڍيل احسان حسيني ميمڻ وڏو ظلم ڪري اسان جي اسڪولن جا آيل پئسا اڌ کان به وڌيڪ کڻي وڏي ڪرپشن ڪئي آهي استادن وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه،تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه،نوشهروفيروز ضلعي جو صوبائي وزير ضياءالحسن لنجار سميت نيب،ايف آءِ اي،اينٽي ڪرپشن جي عملدارن کي اپيل ڪئي آهي ته احسان حسيني ميمڻ جي ڪيل ڪرپشن جو فوري احتساب ڪري سندس مٿان قانوني ڪاروائي ڪري ڦرڪايل اسڪولن جا پئسا واپس ڪرايا وڃن نه ته ٻي صورت احتجاج ڪيو ويندو.

دادو ضلعي جي پيارو ڳوٺ اسٽيشن جي رهواسي جي بک هڙتال

جهوني جيالي عبدالرزاق ميمڻ پ پ قيادت خلاف علامتي بک هڙتال ڪئي

پ پ جو ساٿ ڏنو ۽ قربانين باوجود اسان جي اولاد سرڪاري نوڪري ناهي: عبدالرزاق ميمڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)دادو ضلعي جي پيارو ڳوٺ اسٽيشن جي رهواسي ۽ حال ڪوٽڙي جي رهواسي جهوني جيالي عبدالرزاق ميمڻ ڪالهه 2ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پارٽي قيادت پاران مسلسل نظرانداز ڪرڻ خلاف علامتي بک هڙتال ڪئي ان موقعي تي هن دانهيندي چيو ته موجوده پ پ جي ٽڪيٽ تي چونڊيل ايم پي اي ۽ ايم اين اي پارٽي جي سچن ورڪرن کي بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي هن چيوته آءُ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي اڄ تائين پ پ سان وفاداري نڀائي آهي پر پاڪ ڪتاب کڻي وڃڻ باوجود سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ملاقات نه ڪئي هن چيو ته مان پ پ جو پراڻو جيالو آهيان پيپلزپارٽي کي حياتي ارپي ڇڏي ڪي اين شاهه ۾ آمر ضياءَ جي دور ۾ فائرنگ دوران زخمي ٿيس هڪ جيالو شهيد ٿي ويو هر ڏکي وقت ۾ پ پ جو ساٿ ڏنو ۽ قربانين باوجود اسان جي اولاد سرڪاري نوڪرين ۽ مراعتن کان آءُ محروم آهيان هن صدر پاڪستان آصف علي زرداري،پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي اپيل ڪئي ته اسان جي واهر ڪئي وڃي ۽ منهنجي اولاد کي سرڪاري نوڪري ڏئي بيروزگاري کان بچايو وڃي

ايس ايس پي لاڙڪاڻو پاران شهر جي مختلف علائقن جو دورو

شهر ۾ پوليس جي مقرري سميت پوليس پيٽرولنگ جو جائزو ورتو

پوليس آفيسرن ۽ جوانن سان ملاقات ڪري سيڪيورٽي صورتحال بابت ڳالهه ٻولهه

لاڙڪاڻو (اي پي پي)ايس ايس پي لاڙڪاڻو اظهر خان خميس ڏينهن شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪري پوري شهر ۾ پوليس جي مقرري سميت پوليس پيٽرولنگ جو جائزو ورتو. ايس ايس پي لاڙڪاڻو اظهر خان شهر جي بينڪ اسڪوائر، بندر روڊ، شاهراهه رضا شاهه ۽ شيخ زيد چوڪ سميت شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن جو دورو ڪيو ۽ اتي پوليس جي مقرري، سيڪيورٽي انتظام، پڪٽنگ، گشت ۽ ڏوهارين خلاف جاري ڪارروائين جو تفصيلي جائزو ورتو دوري دوران ايس ايس پي لاڙڪاڻو مختلف پوليس پڪٽن ۽ اهم هنڌن جو معائنو ڪيو. جتي مقرر پوليس آفيسرن ۽ جوانن سان ملاقات ڪري سيڪيورٽي صورتحال بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي گشت تي موجود پوليس آفيسرن ڏوهن جي روڪٿام، مشڪوڪ ماڻهن جي نگراني داخلي ۽ خارجي رستن تي چيڪنگ ۽ پوليس گشت بابت ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي تفصيلي بريفنگ ڏني. ايس ايس پي لاڙڪاڻو پوليس آفيسرن ۽ جوانن کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته امن امان جو قيام ۽ شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ پوليس جي پهرين ترجيح آهي. ڏوهارين خلاف بنا ڪنهن فرق جي قانون مطابق ڪارروايون جاري رکيون وڃن.

پاور سيمينٽ جي سالياني منافعي ۾ 363 سيڪڙو جو نمايان اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) پاور سيمينٽ جي سالياني منافعي ۾ 363 سيڪڙو جو نمايان اضافو ٿيو آهي ڪمپني جي سالياني انگ اکرن مطابق 30 جون 2026 ع تي ختم ٿيل سال دوران پاور سيمنٽ جو منافعو 3.78 ارب روپين تائين وڌي ويو جڏهن ته 30 جون 2025 ع تي ختم ٿيل سال دوران پاورسيمنٽ کي 815 ملين روپين جو منافعو حاصل ٿيو هو. اهڙي طرح 30 جون 2025 ع تي ختم ٿيل مالي سال جي پيٽ ۾ گذريل مالي سال دوران پاور سيمنٽ جي منافعي ۾ 2.965 ارب روپين يعني 363 سيڪڙو جو نمايان اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي

مٺي سميت ضلع ٿرپارڪر ۾ نشي آور سوپارين جو وڪرو

مٺي (ڊ-ر) مٺي سميت ضلع ٿرپارڪر جي سمورن شهرن ۽ ڳوٺن جي علائقن ۾ غير قانوني طور تي سفينا گٽڪو ٻڙي سري عام ڪنهن خاص آشيرواد سان وڪرو ٿي رهي آهي پر سرڪاري قانوني ادارا خبر ناهي ڇو انهن گمنام منشيات فروشن اڳيان بيوس بڻيل آهن ۽ بندش جي آڙ ۾ اها سفينا سڳوري بليڪ ۾ ٻيڻ تي وڪرو ڪئي پئي وڃي. ذريعن کان اهو به معلوم ٿيو آهي ته ڪي خاص واپاري سڳورا اندروني طور تي اهو ڪاروبار سري عام ڪري رهيا آهن جن کي بااثر ڌرين جي اندروني حمايت به حاصل آهي، جنهن جي ڪري غريب ۽ نوجوان طبقو هن نشي جي ڪري تباهه ۽ برباد ٿي رهيو آهي ۽ سنڌ حڪومت جي سخت مخالفت باوجود به ضلع ٿرپارڪر ۾ ان خلاف ڪوبه روڪ ٽوڪ نظر نٿي اچي. ٿر جي ساڃاهوند حلقن اهڙي صورتحال تي افسوس جو اظهار ڪندي اهڙي منشيات فروشي خلاف سخت قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

سڪرنڊ جي ديهه ڏينو شاهه لڳ پنجون ميل اسٽاپ وٽ زمين ورڻي: سانول ڪيريو

زرعي زمين تي گذريل ٻن سالن کان قبضي هيٺ آهي جنهن جي پوکائي پڻ هلندڙ آهي

ماستر محبوب چانڊيو مبينا طور کيس مسلسل پريشان ۽ حراسان ڪري رهيو آهي

سڪرنڊ (ن ع) شهري اتحاد سڪرنڊ جي صدر سانول ڪيريو سنڌس آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته سڪرنڊ جي ديهه ڏينو شاهه لڳ پنجون ميل اسٽاپ وٽ سنڌس خريد ڪيل زرعي زمين تي گذريل ٻن سالن کان قبضي هيٺ آهي جتي پوکائي پڻ هلندڙ آهي جڏهن ته ماستر محبوب چانڊيو مبينا طور کيس مسلسل پريشان ۽ حراسان ڪري رهيو آهي جڏهن ته پوليس انڪوائري دوران محبوب چانڊيو لکت ۾ يقين ڏهاني ڪرائي هئي ته هو آئينده کيس تنگ نه ڪندو پر ڪجهه عرصي بعد هو مبينا طور هٿياربند ماڻهن سان گڏ زمين تي پهچي هارين کي هراسان ڪرڻ لڳو جنهن تي سڪرنڊ پوليس موقعي تي پهچي زمين تان قبضو خالي ڪرايو ۽ معاملو راجوڻي فيصلي ذريعي حل ڪرڻ لاءِ چيو هن وڌيڪ ٻڌايو ته ٻنهي ڌرين جي رضامندي سان ڪراچي ۾ امين حاڪم خان نوحاڻي جي سربراهي ۾ راجوڻي فيصلو ٿيو جنهن ۾ ماستر محبوب چانڊيو پاران زمين خريد ڪرڻ واري دعويٰ کي رد ڪيو ويو فيصلي دوران ڊاڪٽر انوار راڄڙ پڻ امين آڏو موقف اختيار ڪيو ته هن ماستر محبوب چانڊيو کي ڄاڻايل زمين وڪرو نه ڪئي هئي ان کان علاوه زمين وڪرو ڪندڙ سٽن پيٽرن پڻ امين آڏو تصديق ڪئي ته هنن پنهنجي حصي جي زرعي زمين سانول ڪيريو کي وڪرو ڪري پوري رقم وصول ڪئي آهي سانول ڪيريو موجب راجوڻي فيصلي ۾ ماستر محبوب چانڊيو پاران پيش ڪيل دستاويزن کي ڪوڙو قرار ڏيندي شرعي حساب سان فرنٽ ۽ پڇڙي مطابق زمين جا حصا طئي ڪيا ويا. پر فيصلي جي باوجود ماستر محبوب چانڊيو مبينا طور سندس زمين تي ڪم ڪندڙ هارين کي باقاعدگي سان ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن چيو ته معاملي بابت چانڊيا برادري جي ڇڳن مڙسن کي پڻ آگاهه ڪيو ويو پر مسئلو حل نه ٿي سگهيو سانول ڪيريو ايس ايس پي شهيد بينظير آباد سمير نور چنا کان مطالبو ڪيو ته هو پاڻ کي پرامن ۽ ذميوار شهري قرار ڏيندي مبينا ڌمڪين جو نوٽيس وٺي قانون موجب ڪارروائي ڪن ۽ کيس ۽ سندس هارين کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي

سڪرنڊ: سانول ڪيريو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

سهيل آفريدي جو سنڌ جو دورو ڪامياب رهيو: فيصل مغل

سنڌ حڪومت طرفان سهيل آفريدي جي دوري ۾ رڪاوٽون وڌيون ويون

27تاريخ تي سڄي سنڌ مان عوام نڪرندو ۽ باني پي ٽي آءِ جي آزادي واري جدوجهد ۾ شامل ٿيندي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پي ٽي آءِ لائيئر فورم حيدرآباد ڊويزن جي صدر ايڊووڪيٽ فيصل مغل ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ڊويزنل انفارميشن سيڪريٽري مسرت اقبال پي ٽي آءِ ڊويزن صدر حاجي امين الله خان، ايڊووڪيٽ پگهوانداس،ايڊووڪيٽ اسلم لغاري، عمران ظفر قريشي ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي وزيراعليٰ سهيل آفريدي جو سنڌ جو دورو ڪامياب رهيو سنڌ جي عوام وڏي انگ ٻاهر نڪري وزيراعليٰ جو استقبال ڪيو صحافين سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت طرفان وزيراعليٰ جي دوري ۾ رڪاوٽون وڌيون ويون تنهن هوندي به دورو ڪامياب رهيو هنن چيو ته سنڌ تبديلي چاهي ٿي، گذريل 18 سالن دوران پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام کي ڪجهه به نه ڏنو سگهي آهي سنڌ ۾ مايوسي بدامني ۽ لاقانونيت وڌي وئي آهي هنن چيو ته هڪ طرف بلاول ڀٽو زرداري وزيراعليٰ سهيل آفريدي کي پليڪار ڪري ٿو ته ٻئي طرف ميرپورخاص، ٽنڊوالهيار ۽ حيدرآباد ۾ سندس دوري دوران رڪاوٽون وڌيون ويون سنڌ مهمان نوازڌرتي آهي پر پيپلز پارٽي جي حڪومت 4 ڪروڙ کان وڌيڪ آبادي واري چونڊيل وزيراعليٰ کي به برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي پي ٽي آءِ اڳواڻن اعلان ڪيو ته 27 تاريخ تي سڄي سنڌ مان عوام نڪرندو ۽ باني پي ٽي آءِ جي آزادي واري جدوجهد ۾ شامل ٿيندي هنن چيو ته 27 تاريخ تبديلي جو ڏينهن ثابت ٿيندوهنن وڌيڪ چيو ته ملڪ جي ضرورت آزاد، شفاف ۽ مجوندون آهن عوام کي پنهنجو ووٽ ۽ حق استعمال ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي پي ٽي آءِ سڄي ملڪ ۾ نمائندگي موجود آهي پر ان باوجود پارٽي کي سياسي طور ديوار سان لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

لاڙ پٽي ۾ سارين جو فصل لهڻ کان اڳ آبادگار پريشان

سارين جي خريداري ڪندڙ ڪجهه ملز مالڪن پاران اگهه گهٽائڻ جون تياريون

فصل جي وڪري وقت اسان جي حقن جو تحفظ انتظاميا جي ذميواري آهي: آبادگار

ملاڪاتيار(ن ع) سنڌ جي آبادگارن ۽ هارين لاءِ فصل تيار ڪرڻ کان پوءِ ان جي مناسب اگهه تي وڪري جو مرحلو هميشه کان هڪ وڏو امتحان رهيو آهي هن وقت سارين جي خريداري جي موسم شروع ٿيڻ سان ٽنڊو محمد خان سجاول ٺٽو بدين جي آبادگارن ۽ هارين ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر بيچيني وڌي رهي آهي. آبادگارن جو الزام آهي ته سارين جي خريداري ڪندڙ ڪجهه ملز مالڪن پاران اڳ ۾ئي گهٽ اگهه حالتون پيدا ڪرڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن جن سان محنت سان تيار ڪيل فصل جو مناسب اگهه حاصل ڪرڻ بدران آبادگارن کي معاشي نقصان برداشت ڪرڻو پوي. آبادگارن جو چوڻ آهي ته مهانگائي ٻج، ڀاڻ، زرعي دوائن، ڊيزل ۽ پاڻي جي وڌندڙ خرچن کان پوءِ جيڪڏهن سارين جو اگهه به مرضي موجب مقرر ڪيو ويو ته ننڍو ۽ وچولو آبادگار وڌيڪ معاشي بحران جو شڪار ٿي ويندو آبادگارن ۽ هارين جو مطالبو آهي ته سارين جي خريداري بابت جيڪي اڳواٽ طئي ٿيل شرطون ۽ سرڪاري ضابطا موجود آهن انهن تي مڪمل ۽ شفاف نموني عمل ڪرايو وڃي، جيئن خريداري دوران آبادگارن سان ناجائزي، ڪٽوتين گهٽ اگهه يا ٻين مبينا طريقن ذريعي ناانصافي نه ٿي سگهي. آبادگارن جو چوڻ آهي ته فصل تيار ڪرڻ لاءِ هو مهينن تائين سخت محنت، قرض ۽ وڏا خرچ برداشت ڪن ٿا تنهن ڪري فصل جي وڪري وقت سندن حقن جو تحفظ انتظاميا جي ذميواري آهي. جيڪڏهن خريداري واري عمل ۾ شفافيت نه رهي ۽ آبادگارن کي سندن فصل جو مناسب معاوضو نه مليو ته ان جا معاشي اثر سڌو سنئون هزارين خاندانن جي روزگار ۽ زندگي تي پوندا. ان سلسلي ۾ ڊي سي بدين ڊي سي ٽنڊو محمد خان ڊي سي ٺٽو ۽ ڊي سي سجاول کان آبادگارن ۽ هارين طرفان مطالبو ڪيو ويو ته سارين جي خريداري شروع ٿيڻ کان اڳ ئي لاڳاپيل ملز مالڪن سان طئي ٿيل شرطن تي سختي سان عمل ڪرائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن خريداري مرڪزن جي نگراني ڪئي وڃي ۽ آبادگارن جي شڪايتن جي فوري ازالي لاءِ شفاف نظام قائم ڪيو وڃي. آبادگارن جو چوڻ آهي ته سندن خاموشي کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي. جيڪڏهن سندن جائز مطالبن کي نظرانداز ڪيو ويو يا فصل جي خريداري ۾ مبينا ناجائزي جاري رهي ته هو پنهنجي حقن لاءِ قانوني ۽ جمهوري طريقي سان احتجاج جو رستو اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿيندا. آبادگار رڳو فصل پيدا ڪندڙ نه پر ملڪ جي خوراڪ ۽ معيشت جا بنيادي محافظ آهن. تنهنڪري سندن معاشي حقن جو تحفظ ڪرڻ حڪومت، انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن جي بنيادي ذميواري آهي.

ڏگهڙي هاءِ اسڪول فاضل پٽي جي ترقياتي اسڪيم تي غور

صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ پاران ڪلاس رومز ۽ چارديواري جي تعمير جو حڪم

اضافي ڪلاس رومز ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن: هدايتون جاري

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي هاءِ اسڪول فاضل پٽي جي ترقياتي اسڪيم تي غور اضافي ڪلاس رومز ۽ چارديواري جي تعمير جو حڪم. صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ هاءِ اسڪول فاضل پٽي تعلقي ڏگهڙي ۾ اضافي ڪلاس رومز چارديواري ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ فوري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون اهو فيصلو مقامي ڪائونسلر محمد حسن پٽي جي شڪايت تي ڪيو ويو.ڪائونسلر محمد حسن پٽي پنهنجي درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو هو ته اسڪول ۾ سهولتن جي کوٽ سبب شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جڏهن ته چارديواري نه هجڻ سبب خاص طور تي شاگردياڻيون پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪن ٿيون.صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ پاران اسڪول ايجوڪيشن کاتي ۽ ايجوڪيشن ورڪس کان جواب طلب ڪرڻ ڪانپوءِ 4 آگسٽ 2026ع تي سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن سنڌ کي هدايت ڪئي هئي ته اسڪول جي ضرورتن موجب اضافي ڪلاس رومز ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن.فيصلي تي والدين استادن ۽ شاگردن خوشيءَ جو اظهار ڪندي ترقياتي اسڪيم جلد منظور ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

مٺي ۾ ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي سان مامي جي ديهانت تي تعزيتي سلسلو جاري

مٺي (ڊ-ر) ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي سان سندس مامي ۽ صوفي سنت هرداس پڳت جي گادي نشين سرگواسي پڳت ماتورام مهراج جي ديهانت تي تعزيتي سلسلو جاري آهي ۽ ڪالهه جن تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي تن ۾ پ پ پ جو مرڪزي اڳواڻ ايم اين اي مير منور ٽالپر صوبائي صلاحڪار دوست محمد راهمون، انجنيئر گيان چند ٽاراڻي، ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي، ڪامريڊ ننڊلال مالهي ۽ ٻيا به شامل آهن ۽ تعزيتي سلسلو جاري آهي.

حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج جاري

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 69 هين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله، محمد نديم شاهد خان،جاويد پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيوويو ان موقعي تي هنن چيوته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيوته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيوته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيوته اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 11 سيپٽمبر 2026ع

سنڌ جي، لوڪل گورنمينٽ قانون ۾ ترميم لاءِ بل، پيش

سنڌ ۾ مڪاني ادارا خلق جي روزمره زندگيءَ سان سڌو سنئون لاڳاپيل آهن روڊن، گهٽين، صفائي، پيئڻ جي پاڻي، نيڪال، غيرقانوني اڏاوتن، مقامي امن امان ۽ ٻين بنيادي سهولتن جو تعلق ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ مڪاني حڪومتن سان جڙيل آهي. ان ڪري مڪاني حڪومتن جي نظام ۾ ٿيندڙ هر تبديلي کي رڳو سياسي يا انتظامي معاملو سمجهڻ بدران ان کي عام ماڻهن جي زندگيءَ تي پوندڙ اثرن جي حوالي سان ڏسڻ ضروري آهي. سنڌ اسيمبلي ۾ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013ع ۾ ترميم لاءِ پيش ڪيل 2026ع وارو بل انهيءَ ڪري وڏي اهميت رکي ٿو. ترميمي مسودي جي اهم تجويزن مان هڪ اها آهي ته مڪاني ادارن جو مدو ختم ٿيڻ کان 120 ڏينهن اڳ سنڌ حڪومت اليڪشن ڪميشن کي مڪاني چونڊون ڪرائڻ لاءِ خط لکندي. نئين چونڊيل نمائندن جي اچڻ تائين موجوده ميئر ۽ چيئرمين ايڊمنسٽريٽر طور پنهنجون ذميواريون جاري رکي سگهندا. اصولي طور تي هيءَ تجويز ان خال کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش آهي، جيڪو مڪاني ادارن جو مدو ختم ٿيڻ ۽ نئين چونڊيل ادارن جي قيام وچ ۾ پيدا ٿيندو آهي. هتي اهو سوال به اُٿي ٿو ته ڇا موجوده نمائندن کي ايڊمنسٽريٽر طور برقرار رکڻ سان سياسي اثر رسوخ جو دائرو وڌڻ جو امڪان ته پيدا نه ٿيندو؟ ان لاءِ قانون ۾ واضح حدون، نگراني ۽ جوابدهيءَ جو مؤثر نظام ضروري هوندو. ترميمي بل ۾ ڊپٽي ميئر ۽ وائيس چيئرمين کي لاڳاپيل ڪائونسلن جو ڪنوينر بڻائڻ ۽ ڪائونسل جي اجلاسن جي صدارت جو اختيار ڏيڻ جي تجويز پڻ ڏني وئي آهي. ان سان ڪائونسل جي ڪارروائيءَ ۾ انهن عهدن جو ڪردار وڌيڪ واضح ٿي سگهي ٿو. ساڳيءَ طرح چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين خلاف بي اعتماديءَ جي رٿ لاءِ به ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت مقرر ڪرڻ جو مقصد شايد مڪاني ادارن ۾ غيرضروري سياسي عدم استحڪام کي روڪڻ هجي پر ڪنهن به اهڙي شق جو جائزو وٺڻ وقت نمائندن جي احتساب ۽ عوام جي حقن کي به برابر اهميت ڏيڻ گهرجي. بل جو هڪ اهم پاسو پوليس ۽ مڪاني نمائندن وچ ۾ رابطي بابت آهي. تجويز موجب ايس ايڇ او يوسي چيئرمين سان، جڏهن ته ايس ايس پي ميئر يا ضلعي چيئرمين سان عوامي تحفظ ۽ امن امان بابت رابطو ۽ صلاح مشورا رکندا. ساڳئي وقت بلدياتي نمائندن کي پوليس جي انتظامي ۽ جاچ وارن معاملن ۾ مداخلت جو اختيار نه هوندو. هي فرق انتهائي اهم آهي. مڪاني نمائندن کي پنهنجي علائقي جي مسئلن ۽ عوام جي شڪايتن بابت پوليس سان رابطو ڪرڻ جو حق هئڻ گهرجي پر پوليس جي پيشيوراڻي ۽ قانوني معاملن ۾ سياسي مداخلت جي گنجائش نه هجڻ گهرجي. جيڪڏهن قانون عملي طور تي هن توازن کي يقيني بڻائي سگهي ته اهو مقامي سطح تي انتظام ۽ امن امان بهتر بڻائڻ لاءِ فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿو. مصالحتي فورمن جي قيام جي تجويز پڻ قابل غور آهي صفائيءَ جي صورتحال ۽ غيرقانوني اڏاوتن بابت يونين ڪاميٽين ۽ يونين ڪائونسلن جي چيئرمينن کي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ڏانهن سڌي نشاندهيءَ جو اختيار ڏيڻ به عوامي مفاد سان لاڳاپيل قدم آهي. شهرن ۾ غيرقانوني اڏاوتون ۽ صفائيءَ جا مسئلا اهڙا معاملا آهن، جن جي نشاندهي لاءِ مقامي نمائندن وٽ عملي اختيار هجڻ گهرجي. پر اختيار سان گڏ ذميواري ۽ جوابدهي به لازمي هجڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ اهي اختيار به پسند ۽ ناپسند جو ذريعو بڻجي سگهن ٿا.

اسين سمجهون ٿا مڪاني حڪومتن جو نظام مضبوط ڪرڻ جو مقصد رڳو قانون ۾ ترميمون ڪرڻ نه پر اختيار واقعي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ هجڻ گهرجي. پارلياماني ڪاميٽيءَ کي گهرجي ته بل جي هر شق جو جائزو عوامي مفاد، شفافيت، نمائندگي، جوابدهي ۽ صوبائي توڙي مڪاني ادارن جي وچ ۾ اختيارن جي متوازن ورهاست جي بنياد تي وٺي. مڪاني حڪومت تڏهن ئي ڪامياب ٿيندي، جڏهن ميئر، چيئرمين ۽ ٻيا چونڊيل نمائندا صرف عهديدار نه پر پنهنجي علائقي جي ماڻهن لاءِ بااختيار ۽ جوابده خادم بڻجي ڪم ڪري سگهندا. سنڌ کي اهڙي مڪاني حڪومت جي ضرورت آهي جيڪا چونڊن کان چونڊن تائين نه پر هر ڏينهن عام ماڻهوءَ جي مسئلن جي حل لاءِ نظر اچي.

معاشي استحڪام ڪانپوءِ سياسي عدمِ استحڪام!

اعجاز ممنائي

ڪنهن به ملڪ جي ترقيءَ جو دارومدار ٻن بنيادي ٿنڀن تي مشتمل هوندو آهي، هڪ معاشي استحڪام ۽ ٻيو سياسي استحڪام. تاريخ شاهد آهي ته جتي به معيشت مضبوط ٿي آهي اتي سياسي استحڪام خود بخود اچي ويو آهي ۽ جتي سياسي ڇڪتاڻ جاري رهي، اتي معيشت به زوال پذير ٿي وئي. پاڪستان جي حوالي سان چئي سگهجي ٿو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اسان معاشي استحڪام ڪانپوءِ سياسي استحڪام کي قومي ترجيح بڻايون. معاشي استحڪام جو مطلب مهانگائيءَ تي ڪنٽرول، ڊالر جي قدر ۾ استحڪام، صنعت ۽ زراعت جي ترقي، روزگار جا موقعا ۽ عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي آهي جڏهن حڪومت ۽ ادارا گڏجي ڪم ڪن ته معيشت جي بحاليءَ جي رستي تي هلي پوي ٿي تازين ڪوششن سان پاڪستان ۾ به معاشي اشارن ۾ بهتري ڏسڻ ۾ آئي آهي معاشي پاليسيون ڊگهي مدي واريون هونديون آهن جيڪڏهن هر سال حڪومت تبديل ٿيندي يا سياسي جماعتون هڪ ٻئي خلاف احتجاج ۽ ڌرڻن ۾ مصروف رهنديون ته ڪا به پاليسي مڪمل نه ٿي سگهندي سياسي استحڪام سان سرمائيدارن جو اعتماد وڌي ٿو ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري اچي ٿي. پاليسين ۾ تسلسل اچي ٿو ۽ حڪومت عوام جي ڀلائيءَ لاءِ وقت ڏئي سگهي ٿي پاڪستان کي هن وقت ضرورت آهي ته سڀئي سياسي جماعتون پنهنجن گروهن ۽ ذاتي مفادن کي هڪ طرف رکي قومي چارٽر تي صحيحون ڪن اپوزيشن ۽ حڪومت هڪ ميز تي ويهي ملڪي مسئلن جو حل ڪڍن ادارا پنهنجي آئيني دائري ۾ رهي ڪم ڪن عوام کي سياست بدران معاشي ترقيءَ ۾ ڀائيوار بڻايو وڃي

گذريل ڏينهن ايشيائي ترقياتي بينڪ (ADB)جي ڏکڻ وچ ۽ اولهه ايشيا جي نائب صدر شهباز شريف سان وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ڪئي آهي، جنهن دوران وزيراعظم واضح ڪيو ته سخت مالي ۽ انتظامي سڌارن جي ڪري ملڪ جي معيشت مستحڪم ٿي آهي ۽ ان جي ڪري پاڪستان تي سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿيو آهي هن چيو ته فچ موڊيز ۽ ايس اينڊ پي جهڙين عالمي ريٽنگ ايجنسين پاڪستان کي هڪ مستحڪم معاشي نقطي نظر سان درجه بندي ڪئي آهي هن چيو ته مال برداري نظام کي بهتر بڻائڻ ۽ علائقائي واپاري رابطن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ايم ايل-ون ريلوي ڪوريڊور کي جديد لائينن تي اپ گريڊ ڪرڻ اثر بڻجي ويو آهي نجي شعبي جي مدد، توانائي فوڊ سيڪيورٽي برآمدات، هنرادو ذهانت ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ ۾ گڏيل تعاون جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ اهو اتفاق ڪيو ويو ته ملڪ-پارٽنرشپ حڪمتِ عملي 2026-30 ترجيحن کي ماڻهن جي زندگيءَ جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ اثرائتي قدمن ۾ تبديل ڪيو ويندو وزيراعظم معزز مهمان جو استقبال ڪندي شهري انفراسٽرڪچر، ٽرانسپورٽ ۽ عوامي سهولت جي منصوبن ۾ اي ڊي بي جي مدد جي تعريف ڪئي جنهن مان اهو واضح ٿي رهيو آهي ته معيشت، جيڪا ڪجهه سال اڳ بحران ۾ هئي، هاڻي بحاليءَ جي رستي تي اچي وئي آهي ۽ دنيا پڻ ان کي تسليم ڪري رهي آهي موڊيز ۽ فچ سميت عالمي ريٽنگ ايجنسين پڻ پاڪستان جي ڪريڊٽ ريٽنگ کي بهتر بڻايو آهي ۽ ان جي معيشت کي صحيح رستي تي قرار ڏنو ويو آهي هن وقت ملڪ اندر معاشي بحاليءَ جا مطالبا پڻ ڪيا پيا وڃن ڪجهه ڏينهن اڳ ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب چيو هو ته "پاڪستان يورو بانڊز ذريعي ٽي ڀيرا وڌيڪ پئسا گڏ ڪيا آهن" ناڻي وزارت موجب 3 ارب ڊالر جو بانڊ پاڪستان جي تاريخ جو سڀ کان وڏو سنگل بين الاقوامي بانڊ آهي، جنهن جي 3 ارب ڊالر جي بانڊن جي مقابلي ۾ طلب تقريبن ٻيڻي آهي ناڻي وزارت عالمي بانڊ مارڪيٽ ۾ پاڪستان جي واپسيءَ کي هڪ اهم معاشي ترقي قرار ڏنو آهي ۽ چيو آهي ته بانڊ جاري ڪرڻ سان پاڪستان کي 3 ارب ڊالر جي ٻاهرين فنانسنگ ملندي اعلان موجب حڪومت عالمي منڊيءَ مان حاصل ٿيندڙ آمدنيءَ کي ٻاهرين مالي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندي اهو پئسو قرضن جي ادائيگيءَ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هن سال جي شروعات ۾ اسان 5 سئو ملين ڊالر جو يورو بانڊ پڻ جاري ڪيو آهي ناڻي وزارت موجب پاڪستان 5.5 سالن جي يورو بانڊ تي 7.50 سيڪڙو جي ڪوپن جي شرح مقرر ڪئي آهي پاڪستان 10 سالن جي يورو بانڊ مان 1.25 ارب ڊالر گڏ ڪيا آهن 10 سالن جي يورو بانڊ تي 7.90 سيڪڙو جي ڪوپن جي شرح مقرر ڪئي وئي آهي ان حوالي سان اهو چيو ويو آهي ته عالمي سيڙپڪارن جي مضبوط شرڪت پاڪستان ۾ اعتماد جي بحاليءَ جو اشارو آهي ۽ پاڪستان جي عالمي سرمائي مارڪيٽن تائين رسائيءَ ۾ اهم ترقي ٿي آهي. ناڻي واري وزارت جو چوڻ آهي ته پاڪستان پهريون ڀيرو نئين گلوبل ميڊيم ٽرم نوٽ پروگرام تحت بانڊ جاري ڪيو آهي ۽ پاڪستان جي حڪمتِ عملي قرض بدران خودمختيار قرض جي انتظام تي مرڪوز آهي بيان ۾ چيو ويو آهي ته حڪومت ڊگهي مدي جي فنانسنگ مان ري فنانسنگ ۽ رول اوور خطري کي گهٽائڻ تي زور ڏنو آهي ۽ رڪارڊ يورو بانڊ عالمي مالي مارڪيٽن ۾ پاڪستان جي واپسي کي مضبوط ڪندو اقتصادي، ماليات ۽ ڪاروبار جي پاڪستان جي اڳتي وڌڻ جو رستو فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريءَ جي صدر ذڪي اعجاز حسين چيو ته حقيقت ۾ معيشت بهتريءَ جي طرف وڃي رهي آهي پر ان جو عام ماڻهوءَ کي اڃا تائين ڪو به عملي فائدو حاصل ناهي ٿي سگهيو هن وڌيڪ چيو ته ايران جنگ جي ڪري پاڪستان کي وڏو نقصان پهتو آهي هر شيءِ جي قيمت ۾ واڌ ۽ روزانو وڌندڙ مهانگائيءَ عام ماڻهوءَ کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي!! ان ڪري قومن جي معاشي ترقيءَ لاءِ رستا ڳولڻ لازمي آهن ۽ روزگار جي موقعن ۾ واڌ ڪرڻ لاءِ حڪومت کي سرمائيدارن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي انهن ۾ آءِ ايم ايف جو پروگرام به شامل آهي حاصل ڪيل قرضن جي ادائيگيءَ جي حوالي سان هڪ جامع پاليسي جوڙڻ ضروري آهي جن ۾ سماجي معاشي استحڪام کي به نظر ۾ رکيو وڃي ان سان گڏ ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ غريب طبقي جي بهتريءَ لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن اهوئي سياسي ۽ معاشي استحڪام جو ٻيو نالو آهي جڏهن ته ان ۾ سڀني طبقي سان سهولتون فراهم ڪرڻ شامل آهن هاڻي پاڪستان جي ملڪي صورتحال بهتر آهي چئلينجن جي باوجود حقن جي لاءِ جدوجهد ڪئي آهي اچو ته پاڪستان جي ترقيءَ لاءِ ملي ڪري ڪم ڪريون

وسيلا عوام جي پهچ کان پري رکو؟؟؟

محمود شام

پنج هزار ميٽر اوچن جبلن تي هڪ اڪيلو خاندان، هڪ بزرگ، هڪ عورت ۽ ڪيترين ئي نياڻين ۽ ٻار ٻار هر وقت چست، ٻوڙندا، ٻڪندا ۽ شفاف پاڻيءَ تائين پهچندا نظر اچن ٿا. پکين جو آواز، فطرت جو اڀرو حسن ۽ جا وڻ، روين ٻڪرين ۽ ڪڪڙين اهو افغانستان جي هڪ ڏورانهين جابو ڳوٺ جو ڏيک آهي هن دستاويزي فلم جي تياري ڪيترن ئي مهينن ۾ مڪمل ٿي ۽ ڪيترن ئي ادارن ان جي سرپرستي ڪئي هڪ ڀيرو ان کي ڏسڻ ويهو ته وچ ۾ وقفو ڪرڻ لاءِ به دل نٿي چوي مان اها دستاويزي فلم ڪيترائي ڀيرا ڏسي چڪو آهيان پر ان جي باوجود انساني زندگيءَ جي ارتقا کي سمجهڻ لاءِ ان جو مختلف پاسن کان مشاهدو ڪندو رهندو آهيان

هتي انساني ضرورت جا سڀئي وسيلا موجود آهن ۽ انهن وسيلن تائين هر ننڍي وڏي کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي پهچ حاصل آهي جڏهن چاهي پاڻيءَ جي چشمي تائين پهچي سگهي ٿو پيچرا ۽ رستا پڻ ٺهيل آهن پنهنجيون ٻنيون، پنهنجون پاڃيون نه ڪو آبيانو آهي نه ڪو ٽيڪس ڪٽي ٿو، ڪا وردي نظر نٿي اچي نه پوليس نه ڪسٽم، ڪو عمارتن جي نگراني ڪندڙ بااختيار ادارو به ناهي رشوت وٺڻ وارو ڪو ناهي. ٺڪنهڪري ڏيڻ وارو به ڪو ناهي ڪٿي به ڪرنسيءَ جي ڏيتي ليتي نٿي ٿئي. ٺڪنهڪري خلي ڪيسي وارو به ڪنهن تي بار نٿو بڻجي پنهنجون پاڃيون، پنهنجو پاڻي، پنهنجو گوشت، ننڍو هجي يا وڏو، ڪڪڙين جو هجي يا ٻڪرين جو ٻڪرين جو خالص کير ۽ مکڻ ظاهري طور تي زندگي ڏکي نظر اچي ٿي پر هر چهرو مطمئن، تازو ۽ خوش نظر اچي ٿو ڪنهن جي پيشانيءَ تي پريشاني ناهي ڪنهن کي ڪنهن سان ڪا شڪايت ناهي صبح نهايت وڻندڙ ڏينهن دوستانو ۽ شام نهايت دلڪش آهي پنهنجن وسيلن سان پنهنجا مسئلا حل ٿي رهيا آهن پاڻ تي ڀروسو آهي ۽ ان جو نتيجو خودداري آهي هن اڪيلي خاندان جي رهڻي ڪهڻي ۽ اڄ جي ڀرپور شهرن جي انساني رهڻي ڪهڻيءَ وچ ۾ صدين جو فاصلو آهي ڪيترن ئي ڏاهن تحقيق ڪئي، ڪيترين ئي تحريڪون هلايون سماج جا مختلف پاسا سامهون آيا، ڪتاب لکيا ويا، دستاويز تيار ڪيا ويا ۽ معاهدا ڪيا ويا پر بنيادي نڪتو ساڳيو آهي ته عام انسانن کي وسيلن تائين آزاديءَ سان رسائي حاصل هجي وسيلن تي ڪجهه خاندانن جو قبضو نه هجي دولت جي منصفاڻي ورهاست ٿئي ۽ هر شهريءَ کي پنهنجي حصي جو حق برابريءَ جي بنياد تي ملي

جڏهن آبادي وڌي ٿي ته وسيلن تائين پهچ جون مشڪلاتون به وڌن ٿيون هتي ئي ميڊيا، رياست، حڪومت ۽ حڪمرانن جي مهارت، خلوص نيت ۽ اهليت جو سوال پيدا ٿئي ٿو هن ڳوٺ ۾ هڪ بزرگ سربراهه آهي سڀئي ٻار ۽ نياڻيون ان کان رهنمائي حاصل ڪن ٿا هو نه رڳو سڀني ۾ نعمتن جي برابر ورهاست ڪري ٿو پر هر هڪ جي عزت نفس جو به خاص خيال رکي ٿو ته ڪٿي ڪنهن کي ڪنهن قسم جي محروميءَ کي منهن ته نٿو ڏيڻو پوي ان ڪري سڀئي مٿس اعتماد ڪن ٿا اسان به وڏا وڏا منصوبا ڪٽي وڃايل آهيون پر اهو سوچڻ لاءِ تيار ناهيون ته انسانن کي سٺي خوراڪ ملي رهي آهي يا نه؟ غذا جي کوٽ آهي يا ضرورت کان وڌيڪ غذا آهي؟ قانون سازي لاءِ هڪجهڙو ناهي بحث هلندو رهي ٿو ته نوان صوبا قائم ٿيڻ گهرجن نظام فرسوده ٿي ويو آهي صدارتي نظام بهتر آهي پارلياماني نظام عوام کي ڪجهه به نه ڏنو اهڙا بحث صدين کان هلندا پيا اچن بنيادي مسئلو اهو ئي رهندو اچي ته فيصلا ڪندڙن جي نيت صحيح ناهي وسيلن تي ڪجهه ماڻهو قابض ٿي وڃن ٿا پارليامينٽ ۾ به اهي ئي ماڻهو ويٺل آهن شهري ادارا، صوبائي ڪاتا، ملڪي وزارتون ۽ انهن مٿان مڙهيل عالمي تنظيمون، هڪ فرد تي پنهنجو ٻاروڌائينديون رهن ٿيون ۽ آخرڪار فرد جي آزادي به کسي وڃن ٿا پيئڻ جي صاف ۽ شفاف پاڻيءَ تائين اناج تائين کليل هوا تائين فرد جي رسائي محدود ڪئي وڃي ٿي جڏهن فرد جي وسيلن تائين پهچ نه هجي ته مسئلا جهنگلي ٻوٽن وانگر پاڻمرادو مٿو ڪڍندا رهن ٿا. هر دوا تي لکيل هوندو آهي ته "دوائون ٻارن جي پهچ کان پري رکو" پر غاصب رياستن جي لاءِ اڻلکيل هدايت اها هوندي آهي ته وسيلن کي شهرين جي پهچ کان پري رکيو وڃي جنهن به صديءَ ۾ معاملن کي سنڀالڻ لاءِ رياستون قائم ڪيون ويون ۽ شهرين سان عمراني معاهدا شروع ٿيا، اڪثر رياستن ۾ شهري وسيلن کان محروم ٿيڻ لڳا رياست ۽ ان جا ادارا شهرين جي سهولتن کي ضابطن ۾ آڻيندا رهيا پر پنهنجي ذميوارين جي ادائيگيءَ کي ايترو ضروري نه سمجهيو اهي آهستي آهستي وسيلن تي قبضو ڪندا ويا هڪ اداري مٿان ٻيو ادارو قائم ڪيو ويو سرڪاري خرچ وڌندو ويو جنهن جي نتيجي ۾ شهرين ۽ وسيلن وچ ۾ رڪاوٽون قائم ٿينديون ويون پنهنجي عظيم پاڪ سرزمين جي وسيلن ۽ بي شمار نعمتن ڏانهن نظر ڪريو الله تعاليٰ اسان جي حسين ملڪ کي نه رڳو 1947ع ۾ آباديءَ جي لحاظ کان ضرورت جون سموريون نعمتون عطا ڪيون آهن پر پوءِ جڏهن آبادي وڌي رهي آهي تڏهن به لامحدود وسيلا موجود آهن هاڻي 2047ع تائين آباديءَ ۾ جيڪا واڌ ٿيندي، ان کي نظر ۾ رکندي به اسان وٽ پاڻي اناج، چوپايو مال، تازي هوا، ساموندي خوراڪ فضائي نعمتون ۽ زميني پيداوار سڀ ڪجهه موجود آهي

پاڪستان ۾ نه سڀني ڏينهن ۾ سڀئي موسمون ڏسي سگهجن ٿيون ۽ هر قسم جا رنگ ۽ خوشبوءِ محسوس ڪري سگهجي ٿي ڪهڙو شاندار جاگرافيائي نقشو آهي! جبل آهن جيڪي سرسبز به آهن ۽ بنجر به ميدان ميلن تائين پکڙيل آهن دريائن جا ڪچا علائقا آهن چمڪندڙ ريگستان، بيابان ۽ ٻيلا آهن ڊگها ساموندي ڪنارا آهن سنڌ، پنجاب، خيبر پختونخوا، بلوچستان، آزاد جمون ۽ ڪشمير توڙي گلگت بلتستان، جتي گليشيئر به آهن چشما به آبشار به ۽ صاف پاڻيءَ واريون ڍنڍون به ڪهڙو وسيلو آهي جيڪو هن ملڪ ۾ موجود ناهي؟ ڪهڙي موسم آهي جيڪا اسان جي نصيب ۾ ناهي؟ آخر ڪهڙي شيءِ جي کوٽ آهي؟ بي پناهه وسيلا موجود آهن پر انهن جي منصفاڻي ورڇ ڪندڙ ادارو ناهي هن خطي تي صدين کان مختلف پرڏيهي حملي آور قابض ٿيندا رهيا آهن ٺهنڪري هن آزاد ۽ خودمختيار رياست جا حڪمران به انهن پرڏيهي غاصبن جي طرز جي حڪمراني ڪندا رهيا آهن اهي پنهنجي ماڻهن کي پنهنجو نه سمجهندا آهن ڪين پنهنجا محڪوم، پنهنجا هاري، پنهنجا مزدور ۽ پنهنجا ملازم سمجهندا آهن حالانڪ ڪين اهو اختيار ۽ اقتدار ڪنهن به ناهي ڏنو ويو 20هين صديءَ ڪانپوءِ به قبائلي سماج جا اثر غالب آهن جتي ڪٿي آزادي نظر به اچي ٿي اتي نئين قانونسازي ذريعي ان کي شهرين کان پري ڪيو وڃي ٿو پوليس ڪسٽم، ٽيڪس عدالتون عمارتن جي نگراني ڪندڙ ادارا ۽ اهڙي قسم جا ضابطي وارا ٻيا ادارا پنهنجن ماڻهن کي سهولتون فراهم ڪرڻ بدران وسيلن ۽ انسانن وچ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪن ٿا وسيلن جي ورڇ به منصفاڻي ناهي نه ئي عهدا ۽ منصب اهليت ۽ قابليت جي بنياد تي ڏنا وڃن ٿا.

ملڪي ادارن وانگر عالمي ادارا به انسانن کي سهولتون ڏيڻ بدران مشڪلاتون فراهم ڪن ٿا. پنهنجن وسيلن تي ڀروسو ڪرڻ جو درس ڏيڻ بدران عالمي مالياتي ادارا ۽ ٻيا عالمي ڪاتا قومن کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائين ٿا. انهن کان خودداري، خودمختياري ۽ خودڪفالت کسي وٺن ٿا. ان ڪري رياستن جي چهرن تي پريشاني نظر اچي رهي آهي ۽ حڪمرانن جي پيشانين تي ورڙ گهنج وڌي رهيا آهن. ڳوٺ جي ماڻهن وانگر رياستن جي ماڻهن کي به پيئڻ لاءِ صاف پاڻي آسانيءَ سان ميسر ناهي، نه ئي خالص کير موجود آهي. جيستائين وطن واسين کي وسيلن تائين برابريءَ جي بنياد تي رسائي حاصل نه ٿيندي، تيستائين مسئلا وڌيڪ خوفناڪ ۽ سنگين ٿي ويندا.

قائداعظم رح جو پاڪستان جو تصور!

ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل

قائداعظم محمد علي جناح رح آزاد ملڪ حاصل ڪرڻ جو مطالبو انهيءَ لاءِ ڪيو هو ته جيئن ننڍي کنڊ جا مسلمان جيڪي 1857ع جي جنگ آزاديءَ ۾ ۽ ان سان گڏوگڏ هندوئن جي نفرت ۽ تشدد جو نشانو به بڻيل رهيا، اهي هڪ آزاد قوم جي حيثيت ۾ پنهنجي زندگي گذاري سگهن قائداعظم رح چاهيو ٿي ته پاڪستان ۾ هڪ فلاحي مملڪت قائم ڪئي وڃي جتي استحصال کان پاڪ معاشري ۾ مسلمان پنهنجي مذهبي روايتن مطابق زندگي بسر ڪري سگهن. پر بدقسمتي سان قائداعظم رح جو خواب سندس زندگيءَ ۾ پورو نه ٿي سگهيو اسان جي حڪمرانن جي خود غرضي ۽ تنگ نظريءَ جي نتيجي ۾ اسان جي ملڪ جو اوڀر وارو حصو جدا ٿي چڪو آهي انهيءَ وڏي حادثي بعد به اسان ڪو سبق حاصل نه ڪيو آهي اڄ قائداعظم رح جي ڏينهن جي موقعي تي قائداعظم رح جي تصور ۾ پاڪستان جو جيڪو خاڪو هو، انهيءَ خاڪي کي قائداعظم رح جي پنهنجن لفظن ۾ قوم اڳيان پيش ڪندس ۽ قوم پاڻ فيصلو ڪري ته اسان جي حڪمرانن قائداعظم رح جي پيغام تي ڪيترو عمل ڪيو آهي

قائداعظم ڍاڪا يونيورسٽي ۾ جلسي ۾ ڊگرين ڏيڻ جي موقعي تي 26 مارچ 1948ع ۾ آزاديءَ جي اهميت تي روشني وجهندي فرمايو: "اسان غلاميءَ جون زنجيرون ٽوڙي ڇڏيون آهن هاڻي اسان هڪ آزاد قوم آهيون اسانجي مملڪت اسانجي پنهنجي آهي اسان جي پنهنجي حڪومت آهي پر خيال رهي ته آزاديءَ جي معنيٰ مطلق العناني ڪونهي آزاديءَ جي اها معنيٰ هرگز ڪونهي جو اوهان ٻين جي مفاد يا ملڪ جي مفاد کي نظرانداز ڪري جيئن وڻيو تيئن ڪريو نه بلڪل نه "هاڻي توهان تي وڏي ذميداري عائد ٿئي ٿي هاڻي اوهان لاءِ هڪ متحد ۽ مضبوط قوم جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ ايترو ضروري ٿي پيو آهي جو هن کان اڳ ڪڏهين به ڪونه هو "هاڻي اسان کي جنهن شيءِ جي ضرورت آهي اهو آهي تعميري جذبو (اسپرٽ) هاڻي جنگ ۽ جدل جي جذبي جي ضرورت نه رهي آهي اهو جذبو ان وقت اسان لاءِ ضروري هو، جڏهن اسان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئاسين "آزادي قائم رکڻ لاءِ تعميري ڪم ڪرڻ آزادي حاصل ڪرڻ کان ڪئين ڀيرا وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي آزاديءَ لاءِ جنگ ڪرڻ يا جيل ڪاٽڻ حڪومت هلائڻ کان ڪئين ڀيرا وڌيڪ آسان آهي" قائداعظم رح پاڪستان ۾ اهڙي حڪومت قائم ڪرڻ چاهي ٿي، جنهن ۾ ماڻهن کي انصاف ملي سگهي ۽ جتي اسلام جي عدل ۽ هڪجهڙائيءَ جي اصولن سان عمل ڪرڻ جو موقعو ملي باني پاڪستان هڪ موقعي تي تقرير ڪندي فرمايو: "پاڪستان جي حڪومت سماجي انصاف ۽ اسلامي سوشلزم جي اصولن تي قائم هئڻ گهرجي اسلامي سوشلزم کان علاوه ٻيو ڪو "ازم" قابل قبول نٿو ٿي سگهي اهوئي اهو "ازم" آهي جيڪو انساني ڀائيچاري ۽ مساوات جو درس ڏئي ٿو منهنجي خواهش آهي ته پاڪستان صحيح معنيٰ ۾ هڪ اهڙي مملڪت بڻجي وڃي جو هڪ ڀيرو ٻيهر دنيا جي سامهون (حضرت) عمر فاروق رضه جي دور جو عملي نقشو سامهون اچي وڃي (آخري لمحات از محمد اشرف عطا 8710).

قائداعظم رح جي دلي خواهش هئي ته ملڪ ۾ قانون جي بالادستي قائم ٿئي ۽ رشوت ۽ ٻين معاشرتي خرابين جو خاتمو ڪيو وڃي. پاڪستان قائم ٿيڻ کان صرف ٽي ڏينهن اڳ 11. آگسٽ 1947ع تي پاڪستان دستور ساز اسيمبلي جي صدر چونڊجڻ بعد پاڻ فرمايائون ته: "حڪومت جو پهريون فرض، قانون جي حفاظت ڪرڻ آهي ته جيئن ان جي باشندن جي جان، مال، عزت مذهب سلامت، رهي سگهن. هندستان ۾ هن وقت جيڪا وبا ڦهليل آهي، اها آهي رشوت خوري، تنهنجي معنيٰ، ته اسان کي ان جي پاڙ پٽڻ لاءِ اهڙا ته سخت اپاءُ وٺڻا ۽ ڏاڍا قدم کڻڻا پوندا جو جيئن "دولتِ پاڪستان" جي لغت مان ان (رشوت) جو نالو حرف غلط جيان مٽجي وڃي. حقيقت ۾، رشوت خوري حڪومت لاءِ زهر قاتل آهي ۽ توهان کي اهڙا رستا ۽ طريقا ڳولڻا پوندا، جنجي آڌار تي اسان پنهنجي پياري وطن مان، ان جو نام و نشان هميشه لاءِ مٽائي ڇڏيون قائداعظم رح چاهيو ٿي ته اسين ذاتي اختلافات وساري، اتحاد ۽ اتفاق جو مظاهرو ڪريون ته جيئن پاڪستان مضبوط ٿي سگهي. اهوئي سبب هو جو قائداعظم عيدالفطر جي موقعي تي 6. آگسٽ 1948ع تي جنهن وقت پاڻ زيارت (بلوچستان) ۾ سخت بيمار هئا ۽ زيرعلاج هئا، هڪ پيغام ۾ فرمايو: "گذريل ٻارهن مهينن جو داستان مسلسل "جدو جهد" جي تاريخ آهي. مهاجرن جي مظلوم هجومن جي مدد لاءِ اسان سڀني وسيلن ۽ ذريعن کي ڪتب آندو آهي. اسان کي انديشو هو ته متان اهي وسيلا ۽ ذريعا اسان سان بيوفائي نه ڪن. پر اسان سخت کان سخت طوفان جو رخ ڦيرائي ڇڏيو ڪنارو اڃا پري آهي پر تنهن هوندي به سامهون ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪڏهين اسان پنهنجن ذاتي اختلافن ۾ ڦاسي، پنهنجي طاقت کي ضايع ٿيڻ نه ڏنو ته پوءِ اسان کي پنهنجي روشن مستقبل تي ايمان رکڻ گهرجي." قائداعظم رح پنهنجي پيغام ۾ وڌيڪ فرمايو: "اسان کي اتحاد و اتفاق ۽ ضبط و نظم جي هن وقت سڀ کان گهڻي ضرورت آهي. اسان فقط اتحاد، تنظيم ۽ يقين محڪم جي سهاري ئي اهڙو "پاڪستان" اڏي سگهنداسين، جنهنجو نقشو اڃا تائين اسانجي دماغ ۾ ڦري رهيو آهي."

دهلي ۾ ڪوٺايل مسلم ليگ جي اجلاس ۾ خطاب ڪندي 24 مارچ 1943ع تي قائداعظم واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو ته: "مان نهايت ضروري ٿو سمجهان ته زميندارن ۽ سرمائيدارن کي خبردار ڪريان ان طبقي جي خوشحالي جي قيمت، عوام ادا ڪري رهيو آهي ان جو سهرو جنهن مٿي تي آهي هو انتهائي ظالمانو ۽ شرانگيز انتظام آهي ان نظام پنهنجن پليل عنصرن کي ان حد تائين خود غرض بڻائي ڇڏيو آهي. جو ڪين ڪنهن به جائز دليل سان اسان قائل نٿا ڪري سگهون پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ واري بدحالت ۽ عوام جو استحصال ڪرڻ جي برائي، سندن رت ۾ سمائجي چڪي آهي اهي ظلم اسلام جي حڪمن کي وساري چڪا آهن حرص ۽ هوس، سرمائيدارن کي اٿلو ته اٿلو ڪري ڇڏيو آهي. جو هو مفاد پرستي ۾ دشمن جي آلہ ڪار بڻجڻ کان به نٿا ڪسن قائداعظم رح پاڪستان کي اهڙو ملڪ بڻائڻ چاهيو ٿي جتي امير ۽ غريب جو فرق نه هجي ها ملڪ ۾ امن امان هجي ها. قانون جي حڪمراني هجي ها. پٽاخوري جو نام و نشان نه هجي ها. عام ماڻهو کي گهر ويٺي انصاف ملي ها. معاشرتي ناانصافي جو خاتمو ٿي چڪو هجي ها.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

تيل جي وڌندڙ اگهن تي عوام جي خاموشيءَ کي سمجهو!

ملڪ ۾ مهانگائيءَ جو مسئلو هاڻي رڳو انگن اکرن، حڪومتي بيانن ۽ بجيٽ جي دستاويزن تائين محدود نه رهيو آهي پر اهو عام ماڻهوءَ جي روزاني زندگيءَ جو سڀ کان وڏو مسئلو بڻجي چڪو آهي. خاص طور تي پيٽرول ۽ ٻين تيل وارين شين جي اگهن ۾ واڌ جو سڌو سنئون اثر هر طبقي تي پوي ٿو پر غريب ۽ وچولي طبقي لاءِ ان جا اثر وڌيڪ سخت ۽ تڪليف ڏيندڙ آهن جڏهن ڪجهه مهينا اڳ تيل جون قيمتون چار سئو رپين جي حد تائين پهتيون هيون ته حڪومت طرفان غريب ۽ وچولي طبقي کي رليف ڏيڻ لاءِ سبسڊيءَ جو اعلان ڪيو ويو هو. ان وقت اهو تاثر ڏنو ويو هو ته حڪومت عام ماڻهن جي معاشي تڪليفن کان بي خبر ناهي ۽ ڪين وڌندڙ مهانگائيءَ جي اثرن کان بچائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا. پر هاڻي صورتحال هڪ ڀيرو ٻيهر ساڳئي هنڌ پهچندي نظر اچي رهي آهي. تيل جون قيمتون آهستي آهستي وڌندي وري ان ئي حد کي ڇهي رهيون آهن، جتي ڪجهه وقت اڳ حڪومت کي عوام جي مدد لاءِ سبسڊيءَ جو اعلان ڪرڻو پيو هو. جيڪڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ موجوده صورتحال برقرار رهي ۽ قيمتن ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو ته خدشو آهي ته تيل جا اگهه اڳوڻي حد کان به اڳتي نڪري وڃن. اهڙي صورتحال ۾ سڀ کان وڏو سوال اهو آهي ته عام ماڻهو آخر ڪيتري دير تائين مهانگائيءَ جو اهو بار برداشت ڪري سگهندو؟

قمرالدين چچڙ

اجوڪو ڏينهن ..... 11 سيپٽمبر



مختيار انڙ

قائداعظم محمد علي جناح



اڄ پاڪستان جي بانيءَ ۽ پهرئين گورنر جنرل قائداعظم محمد علي جناح جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جي جنم جي تاريخ عام طور تي 25 ڊسمبر 1876ع ۽ جنم جو هنڌ ڪراچي ٻڌايو وڃي ٿو پر اصل اسڪولي رڪارڊ موجب هو 5 آڪٽوبر 1875ع تي ٺٽي ضلعي جي ننڍڙي شهر جهرڪ ۾ ڄائو هو هن مختلف اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪري مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو انهن اسڪولن ۾ پرائمري اسڪول جهرڪ، گوڪلداس تيج گجراتي پرائمري اسڪول بمبئي سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچي ۽ ڪرسچين مشنري اسڪول ڪراچي شامل آهن هن لنڊن جي مشهور تعليمي اداري لنڪن ان (Lincoln's Inn)مان بئرسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيو وطن واپس ورڻ بعد هن وڪالت شروع ڪئي سندس شمار ننڍي کنڊ جي انتهائي ڪامياب وڪيلن ۾ ٿيندو هو هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات انڊين نيشنل ڪانگريس ۾ شموليت سان ڪئي اڳتي هلي اها پارٽي ڇڏي آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ انهيءَ پارٽيءَ جي مرڪزي اڳواڻن ۾ شامل ٿي ويو شروع ۾ هو هندو مسلم ڀائيچاري جو حامي هو پر بعد ۾ مسلمانن جي الڳ وطن واري مطالبي جي حمايت ڪيائين اڳتي هلي 1947ع ۾ جڏهن پاڪستان وجود ۾ آيو ته ڪيس انهيءَ نئين وطن جو پهريون گورنر جنرل مقرر ڪيو ويو. هن پاڪستان کي هڪ خوشحال ۽ آسودو ملڪ ڏسڻ جو خواب ڏٺو هو هن چاهيو ٿي ته پاڪستان جي سمورن شهرين کي هڪجهڙا حق حاصل هجن ۽ سمورا شهري سک ۽ سڪون سان پنهنجي وطن جي تعمير ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن افسوس جو سندس اهو خواب اڌورو رهجي ويو 1948ع جي شروع ۾ سلهه جي موذي مرض سندس صحت کي جهوري وڌو ۽ هن 11 سيپٽمبر 1948ع تي وفات ڪئي

خانبهادر اردشير هرمسجي ماما

اردشير ماما ڪراچيءَ جي پارسي خاندان جو مشهور سماجي اڳواڻ هو هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1873ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو هو ڪراچيءَ جي مشهور ڪاروباري شخصيتن مان هڪ هو هن شروع ۾ سرڪاري نوڪري ڪئي پر پوءِ اها نوڪري ڇڏي پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيائين هو ڪراچيءَ جي سياسي حلقن ۾ به ڪافي سرگرم هو پاڻ ڪراچي ميونسپلٽيءَ جو 21 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين ميمبر رهيو ۽ سڄا سارا 17 سال ڪراچيءَ جي صدر واري علائقي جو اعزازي مئجسٽريٽ رهيو ڪراچيءَ جي ميئر طور به خدمتون سرانجام ڏنائين هن ڪراچي ڪلب جي صدر، فرسٽ ڪلاس آنرري مئجسٽريٽ، ڪراچي ڪنٽونمينٽ جي ميمبر ۽ ٻين ڪيترن ئي سياسي ۽ سماجي ادارن جي سرگرم ڪارڪن ۽ سرواڻ طور خدمتون سرانجام ڏنيون هن جي خيراتي ڪمن جي لسٽ تمام ڊگهي آهي هن ماما پارسي گرلس هاءِ اسڪول جي تعمير لاءِ 3 لک رپيا، غريب پارسي خاندانن جا گهر ٺهرائڻ لاءِ 75 هزار رپيا ۽ منگهي پير واري گرم چشمي لاءِ 16 هزار رپيا چندو ڏنو ان کان علاوه ليڊي ڊفرن اسپتال، سول اسپتال ۽ ٻين ڪيترن ئي ادارن جي مالي سهائتا ڪيائين هن 15 فيبروري 1952ع تي وفات ڪئي هن نامور شخصيت جي زندگيءَ جو هڪ تفصيلي خاڪو مرحوم گل محمد ڪلمتيءَ جي ڪتاب "ڪراچيءَ جا لافاني ڪردار، ڀاڱو پهريون" ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

تاج صحرائي



اڄ مشهور ليکڪ، شاعر ۽ آثار قديمه جي ماهر تاج صحرائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو پورو نالو تاج محمد ولد نورمحمد ميمڻ هو ۽ سندس جنم شڪارپور ۾ 11 سيپٽمبر 1921ع تي ٿيو هن مئٽرڪ جو امتحان پنهنجي اباڻي شهر شڪارپور مان پاس ڪيو جڏهن ته بي اي ۽ بي ٽي جون سندون ڪراچيءَ جي تعليمي ادارن مان حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي 1952ع ۾ دادوءَ ۾ طلب المولىٰ اسڪول قائم ڪري پاڻ انهيءَ جو هيڊ ماسٽر مقرر ٿيو هن دادوءَ ۾ علامه آءِ آءِ قاضي پبلڪ لائبريري پڻ قائم ڪئي هن ڪجهه عرصو سنڌ ميوزيم حيدرآباد جي پهرئين اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طور پڻ ڪم ڪيو هن سنڌ جي قديم ماڳن سنڌ جي تهذيب، شاهه جي شاعري ۽ ٻين موضوعن تي ڪيترائي مضمون ۽ تحقيقي مقالا لکيا سندس ڇپيل ڪتابن ۾ سنڌو تهذيب، دادو ضلعو- جاگرافيءَ ۽ تاريخ جي آئيني ۾، ڪيرٿر جبل گورک چوٽي منڇر ڍنڍ، ٽيڻين ننڍ اڪوڙ ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن ڪيس پاڪستان سرڪار پاران حسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي سان نوازيو ويو هن 28 آڪٽوبر 2002ع تي وفات ڪئي سندس شخصيت ۽ ڪارنامن تي مشهور اديب پروفيسر اعجاز احمد قريشيءَ هڪ ڪتاب ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي جنهن جو موضوع آهي "تاج صحرائي- ڏاهو محقق تعليمدان ۽ عالم" مرحوم محمد عرس اظهر سولنگيءَ به پنهنجي ڪتاب "دادو ضلعو هڪ اڀياس" ۾ تاج صحرائيءَ جو سوانحي خاڪو شامل ڪيو آهي

ڊاڪٽر ميمڻ عبد المجيد سنڌي

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي دور جو وڏو عالم، اديب ۽ تعليمي ماهر هو سندس ولادت شڪارپور تعلقي جي ڳوٺ ماڙيءَ ۾ حاجي غلام حسين ميمڻ جي گهر ۾ ٿي هن جي جنم جي تاريخ تي اختلاف آهي سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا سميت ڪجهه حوالن ۾ هن جي جنم جي تاريخ پهرين جنوري 1930ع لکي وئي آهي جڏهن ته اڪثر حوالن ۾ 11 سيپٽمبر 1931ع ڄاڻائي وئي آهي خود سندس پنهنجي لکيل ڪتاب "ميمڻ برادري- تاريخ ثقافت ۽ معاشرت" ۾ هن پنهنجي جنم جي تاريخ 11 سيپٽمبر 1931ع لکي آهي ان ڪري اسان کي اهائي تاريخ صحيح لڳي ٿي هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان 1952ع ۾ پاس ڪيو سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪيائين ۽ اڳتي هلي ايم اي (سنڌي)، ايم اي (مذاهب عالم) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين قرائت ۽ فارسيءَ جي تعليم خانگي طور شڪارپور مان حاصل ڪيائين 1974ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات 1953ع ۾ آبپاشي کاتي ۾ اوورسيئر طور ڪيائين 1963ع ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ مختلف ڪاليجن ۾ پڙهائڻ کان پوءِ 1990ع ۾ رٽائر ٿيو ڊاڪٽر سنڌيءَ کي سنڌي ادب ۽ خاص طور تي لوڪ ادب سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي رهي شروع ۾ ڏور ٻيتن ۽ ڳجهارتن سان سندس شوق هو سماجيات، ادبي تاريخ، لسانيات، تصوف، لطيفيات ۽ ٻين موضوعن تي سنڌيءَ ۾ 80 ڪتاب، اردوءَ ۾ 10 ۽ انگريزيءَ ۾ 2 ڪتاب لکيائين پاڻ ڪيترائي ئي ادبي ادارا قائم ڪيائين جن ۾ سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو، سنڌي ادبي سوسائٽي سکر ۽ لطيف اڪيڊمي شامل آهن انهن ادارن مان ڪيترائي ڪتاب به ڇپرائي پڌرا ڪيائين ڪجهه نصابي ڪتاب به لکيائين هن نامور انسان 11 فيبروري 1996ع تي وفات ڪئي پاڪستان سرڪار سندس لاءِ 1982ع ۾ صدارتي تمغ امتياز ۽ 1992ع ۾ ستاره امتياز جو اعلان ڪيو.

شبنم موتي

اڄ نامور ليکڪ ۽ شاعره شبنم موتيءَ جي سالگره جو ڏينهن آهي هن جو جنم 11 سيپٽمبر 1956ع تي ڪوئيٽا ۾ ٿيو هن جو اصل نالو صبيحه شبنم آهي سندس والد قاضي عبدالمنان لاڙڪاڻي جو مشهور سياستدان هو ۽ 1953ع کان 1955ع تائين سنڌ سرڪار جي پبلڪ ورڪس کاتي جو وزير رهيو. شبنم ابتدائي تعليم پهريائين لاڙڪاڻي جي وي آءِ پي اسڪول ۽ ان کان پوءِ حيدرآباد جي ٽريننگ ڪليج ۽ پگٽ ميموريل هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا امتحان لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين ۽ بي اي جو امتحان پرائيويٽ اميدوار طور ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين هن ٻالڪپڻ کان ئي لکڻ جي شروعات ڪئي سندس ڪهاڻيون، شاعري ۽ ٻيون لکڻيون سنڌ جي لڳ ڀڳ سمورن ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي چڪيون آهن

بيوس گلاڏهي

بيوس گلاڏهي نئين ٽهيءَ جو مشهور شاعر آهي هن جو جنم 11 سيپٽمبر 1987ع تي ڳوٺ گلاڏي ڪهاوڙ تعلقي وارهه ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ٿيو هن جو پورو نالو سجاد حسين ولد محمد يعقوب گلاڏهي آهي مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان وارهه مان پاس ڪيائين هن 2001ع کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي هن جي شاعري سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي آهي سندس شاعري گڏيل شاعريءَ جي ڪتابن "سار سپنا، صليب"، "واڻيون مهڪيون وات تي" ۽ "ڪونج قطارون ڏات جون" ۾ ڇپجي چڪي آهي

سنڌو پيرزادو

سنڌي ٻوليءَ جي هن اڀرندڙ شاعره جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي عبدالستار پيرزادي جي گهر ۾ ٿيو هن ايم اي (اردو) تائين تعليم حاصل ڪئي آهي ۽ سندس رهائش ڪراچيءَ ۾ آهي سندس شاعري سنڌ جي لڳ ڀڳ سمورن ساک وارن رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندي رهي آهي هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "صليب جاڳ اسان جي" (ترتيب) ۽ "ڪراچي ڪبوتر ۽ ڇوڪري" (شاعري) شامل آهن هن جي شاعريءَ کي سنڌ جي ترقي پسند حلقن ۾ سٺي موٽ ملي آهي

مرزا مراد علي بيگ ٻيدل

مرزا مراد علي بيگ انگريزن جي دور جو نامور مرثيه گو ۽ غزل گو شاعر هو. شاعريءَ سان گڏ هو هڪ خوش خط ڪاتب، حاذق حڪيم ۽ موسيقيءَ جو زبردست ڄاڻو پڻ هو هن جو جنم 1862ع ڌاري مرزا فتح علي بيگ جي گهر حيدرآباد ۾ ٿيو آخوند علي محمد جي مڪتب مان سنڌي ۽ پارسي ٻوليءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين هن پهريائين پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪئي ۽ بعد ۾ حيدرآباد جي ميونسپل ۾ ملازمت ڪيائين پر اهي نوڪريون سندس مزاج مطابق نه هيون، ان ڪري ٻئي نوڪريون ڇڏي ڏنائين هن جا اکر موتيءَ جي داڻن وانگر سهڻا هئا، ان ڪري مير نورمحمد خان ٽالپر کيس پنهنجو ڪاتب مقرر ڪيو هن مير صاحب جي لائبريريءَ ۾ موجود ڪيترن ئي ڪتابن کي پنهنجن سهڻن اکرن ۾ قلمبند ڪيو مير نورمحمد خان هن کي تمام گهڻو پسند ڪندو هو ۽ مختلف مسئلن تي ڪائنس صلاحون مشورا وٺندو هو. ان کان علاوه غزل پڻ لکيائين شاعريءَ ۾ سندس پهريون استاد مرزا قاسم علي بيگ هو، جيڪو سندس وڏو ڀاءُ هو ان بعد مشهور ڪافي گو شاعر سيد مصري شاهه کي پنهنجو استاد مڃيندو هو مير عبدالحسين سانگيءَ سان به سٺي عليڪ سليڪ هئس هن پنهنجي فارسي ۽ اردو شاعريءَ ۾ "مرزا" ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ "ٻيدل" تخلص استعمال ڪيو آهي هن جي شاعريءَ جو مجموعو "شگوفه ماتم" ڇپيل آهي جڏهن ته سندس شاعريءَ جا ڪجهه ٻيا ڪتاب قلمي صورت ۾ سندس پوٽيرن وٽ موجود آهن هن 11 سيپٽمبر 1916ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي کيس ڪربلي معليٰ ۾ دفنايو ويو.

غلام نبي عاقل ٽانگور



غلام نبي عاقل ٽانگور جو جنم پهرين جنوري 1931ع تي نوشهرو فيروز ضلعي جي شهر هالاڻيءَ ويجهو ڳوٺ صالح ٽانگور ۾ ٿيو هن جي والد جو نالو محمد ڪامل ٽانگور هو هن ننڍپڻ کان ئي شاعري شروع ڪئي هن جي شاعريءَ ۾ نظم، بيت، ڪافيون ۽ قطعا وغيره شامل آهن هن جي شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي ساک وارن ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿي هن ڀلوڙ شاعر 11 سيپٽمبر 2001ع تي وفات ڪئي

خان محمد فقير چانڊيو



خان محمد فقير چانڊيو ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي درگاهه جو مشهور راڳي هو هن جو جنم 1945ع ڌاري ڳوٺ دليل چانڊيو تعلقي شهيد فاضل راهو ضلعي بدين ۾ ٿيو سندس والد محمد عرس چانڊيو به شاهه جي ڪلام جو راڳي هو خان محمد کي ڀٽائيءَ جي راڳ سان ننڍي هوندي کان ئي عشق رهيو پنهنجي والد سان گڏ ڀٽائيءَ جي درگاهه تي ايندو هو ۽ پنهنجي والد ۽ ٻين فقيرن کان شاهه جو راڳ ٻڌي پاڻ به شاهه جا بيت جهونگاريندو هو ان بعد سيد غلام شاهه کان شاهه جي ڪلام جا مختلف سُر ۽ راڳڻيون سکيائين هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي به شاهه جو راڳ پيش ڪري داد حاصل ڪيو ثقافت کاتي پاران هن شاهه جي ڪلام کي آمريڪا، آسٽريليا، اسپين، انگلينڊ ۽ ٻين ملڪن تائين پهچايو هن کي ثقافت کاتي پاران لطيف ايوارڊ سان نوازيو ويو لطيف جي هن پانڌيئڙي 11 سيپٽمبر 2020ع تي دم ڏنو ڀٽائيءَ جي حوالي ڪيو کيس ڀٽ شاهه ۾ دفنايو ويو.

رشيد هميراڻي

رشيد هميراڻي ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلم جو مشهور اداڪار ۽ پاڪستان ٽيليويزن جو نيوز ريڊر هو هن جو جنم حيدرآباد جي ڪاتا چوڪ واري علائقي ۾ هڪ سرندي واري خاندان ۾ ٿيو سندس والد خان محمد سٽي سروي آفيس جو هڪ آفيسر هو. رشيد هميراڻيءَ ايم اي (ايڪنامڪس) تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ سنڌ سرڪار جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ کاتي ۾ نوڪري ڪري ڊائريڪٽر طور رٽائر ٿيو هن پنهنجي فني سفر جي ابتدا 1967ع ڌاري ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي هڪ اناؤنسر طور ڪئي کيس پاڪستان ٽيليويزن تي عبدالڪريم بلوچ متعارف ڪرايو هن جي يادگار سنڌي ڊرامن ۾ "روئي ڏنو رات"، "اونده ۽ روشني ۾" ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن هن 1970ع ڌاري پاڪستان ٽيليويزن تي سنڌي خبرون پڙهڻ شروع ڪيون ۽ لاڳيتا 30 سال نيوز ڪاسٽر رهيو هن کي پاڪستان ٽيليويزن جي "پهرئين سنڌي مرد نيوز ڪاسٽر" هجڻ جو اعزاز حاصل رهيو فلمي دنيا سان به سندس لڳاءُ رهيو هن فلم "رنگ محل" ۾ هيرو جو ڪردار ادا ڪيو هن پنهنجي هڪ ڊگهي آتم ڪٿا به لکي هئي پر اها سندس حياتيءَ ۾ ڇپجي نه سگهي ۽ فن جي دنيا جي هن انمول هيري 11 سيپٽمبر 2021ع تي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 45 سال 2026

شريمتي ديلان ڌيءَ ڏانو زال لڇمڻ ذات مينگهواڙ هندو بالغ رهندڙ ديهه 190 اڪبر آباد تعلقو ڏگهڙي..پلينٽف. بخلاف. لڇمڻ ولد انبو هندو بالغ ذات ميگهواڙ رهندڙ پرام پاڙو سامارو تعلقو سامارو ضلعو عمرڪوٽ ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف جوڊيشنل سيپريشن رڪوري داوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر 128 سال 2026

مسمات ظهيران ڌيءَ آصف علي رهندڙ ڳوٺ گامن خان جراهه تعلقو هالا ضلعو مٽياري..پلينٽف. بخلاف. شاهد ولد علي حسن ذات ڪوڪر رهندڙ ڳوٺ ولي محمد ڪوڪر تعلقو ٺري ميرواهه ضلعو خيرپور ميرس ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا

عام اطلاع

هر عام وخاص کي اطلاع لاءِ ڏنو وڃي ٿو ته مان سيد شرافت علي ولد سيد عنايت علي سروي نمبر 201 بابت (اين او سي) N.O.C. حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست جمع ڪرائي رهيو آهيان جاتايل سروي نمبر 201 جي زمين 48 ايڪڙ 11 گهنٽا ، ديهه ٽڪ مڪان ٽپو ڪلو ڪوهار تعلقو ٽانڊو بولا خان ضلع جامشورو، جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي جاتايل يا ان جي ماپ/حدبندي بابت ڪنهن قسم جو اعتراض يا دعويٰ هجي ته هو هي اعلان شايع ٿيڻ جي تاريخ کان ست (7) ڏينهن اندر پنهنجي اعتراض سان گڏ تپيدار سرڪل آفيس / مختيارڪار صاحب جي آفيس سان رابطو ڪري.مقرر مدت گذرڻ کان پوءِ ڪنهن به اعتراض تي قانون موجب غور نه ڪيو ويندو ۽ اين او سي جي ڪارروائي اڳتي وڌائي ويندي.

سيد شرافت علي ولد سيد عنايت علي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي علي محمد ولد الياس سومرو درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي الياس ولد احمد سومرو جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه اوجهري ٽپو بخشو تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 122 ۾ بين مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ الهڏنو سومرو تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي الياس ولد احمد سومرو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 علي محمد پٽ فوتي جو 2 غلام حسين پٽ فوتي جو 3 مسمات رحيمان ڌي فوتي جي 4 مسمات آمنت ڌي فوتي جي 5 مسمات جنت زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي اطلاع ٿو ڏجي ته مان غمشاد علي ولد محمد رمضان رهندڙ پوم (POM) پلازه حيدرآباد هڪ عدد فليٽ نمبر 09 ٿرڊ فلور سٽي سروي نمبر 12/1-C وارڊ A عامل ڪالوني حيدرآباد سنڌ سيل ڊيڊ نمبر C.S No. A/12/1 خريد ڪري رهيو آهيان مٿين ملڪيت بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض هجي ته هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان پنهنجو اعتراض هيٺ ڏنل نمبر تي نوٽ ڪرائي يا عسڪري بينڪ بوهري بازار صدر حيدرآباد برانچ سان رابطو ڪن ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو

غمشاد علي ولد محمد رمضان شناختي ڪارڊ نمبر 4120340243411 موبائل نمبر 03337841142

عام اطلاع

هرعام وخاص ماڻهن کي اطلاع ٿو ڏجي ته هڪ عدد پلاٽ نمبر O-6 ايراضي ٽوٽل 50-02 ايڪڙ واقع سائيٽ ايريا ڪوٽڙي ۾ آهي پلاٽ جو نالو M/S Awami Foods Industries آهي ۽ پلاٽ جي مالڪ جو نالو نريش ڪمار ولد گرڌاري لال شناختي ڪارڊ نمبر 4110208528879 آهي مان ان کان پراپرٽي پلاٽ نمبر O-6 فيڪٽري ايراضي 50-02 ايڪڙ خريد ڪري رهيو آهيان جيڪڏهن ڪنهن شخص،سرڪاري، نيم سرڪاري اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض دستاويزي ثبوتن سميت سيڪريٽري سائيٽ آفيس منگهو پير روڊ ڪراچي وٽ جمع ڪرائي يا هيٺ ايڊريس تي جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ سودي جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

ميسرز راجا انڊسٽريز اجي ڪمار ولد اشوڪ ڪمار شناختي ڪارڊ نمبر 4140593443589 ايڊريس حيدري پاڙو ميرپور بٺورو ضلعو سجاول

ڪورٽ نوٽيس

سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظير اباد
ايف سي سوٽ نمبر 296 سال 2025

مسمات فاطمه، بيواهه مرحوم قائم جتوئي .. درخواستگذار. خلاف. (1)صوبو سنڌ، معرفت سيڪريٽري روينيو سنڌ، سيڪريٽريٽ ڪراچي (2)ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد(3) اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاهه(4) مختيارڪار روينيو نوابشاهه(5) سب رجسٽرار نوابشاهه سٽي(6) سروي نوابشاهه(7) غلام رسول ولد ولي محمد، فوت ٿيل، پنهنجي قانوني وارثن معرفت، جن ۾ ولي محمد، ايوب، علي گل Dato Khan مسمات حسن، مسمات حاجاڻي، مسمات حڪيمان، مسمات حميده، مسمات زرينا ۽ مسمات وزيران سمورا ڌي پٽ شامل آهن. رهندڙ ڳوٺ گل محمد جتوئي تعلقوميهڙ ضلعو دادو(8) هادي بخش ولد شاهه بخش جمالي(9)علي بخش ولد شاهه بخش جمالي(10)قادر بخش ولد شاهه بخش جمالي (11)حاڪم ولد شبير جمالي ڳوٺ محمود جمالي رهندڙ سٽي گيس اسٽاپ پرسان نوابشاهه (12) شڪيل احمد ولد محمد قاسم قاضي(13)عقيل احمد ولد محمد قاسم قاضي ، گڏ لڪ اسٽيٽ ايجنسي سانگهڙ روڊ، نوابشاهه مٿي ڄاڻايل جوابدارن کي اطلاع ڏجي ٿو ته درخواستگذار طرفان هن عدالت ۾ ڊڪليئريشن، قبضي، رجسٽرين جي منسوخي، ميسني منافعي(Mesne Profit) ، ورهاست ۽ مستقل حڪم امتناعي بابت دعويٰ داخل ڪئي وئي آهي جيڪا آرڊر VII رول 1، ضابطه سول پروسيجر (CPC) تحت داخل ٿيل آهي.عدالت طرفان اوهان کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته اوهان 21 سيپٽمبر 2026 ع صبح 8:30 وڳي عدالت ۾ ذاتي طور، يا پنهنجي وڪيل/بااختيار نمائندي معرفت پيش ٿي، مٿي ڄاڻايل دعويٰ بابت پنهنجو لکيل جواب يا اعتراض داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان مقرر تاريخ تي پيش نه ٿيا ته اوهان جي غيرحاضري ۾ ڪيس جي ٻڌڻي ڪري هڪ طرفي (Ex-Parte) فيصلو قانون موجب ڪيو ويندو.هي نوٽيس 4 سيپٽمبر 2026 ع تي عدالت جي مهر ۽ صحيح سان جاري ڪيو ويو.

سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار مسمات رحيمان زال احمد خان ٻبر رهندڙ ڳوٺ جاڙو ٻبر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي سڪندر علي ولد احمد ٻبر تاريخ 04-12-2025تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 159/1,2,3 ايراضي حصي موجب ديهه ڇڇا ڏيڻا ٽپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) مسمات رحيمان (ماءُ) (2) زم زم ٻبر (ڀيڻ) (3) عيشا (ڀيڻ) (4) مدني ٻبر (ڀيڻ) (5) جدا ٻبر (ڀيڻ) (6) حوا ٻبر (ڀيڻ)جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرانڪائٽ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار اعظم حسين ولد گل حسن رهندڙ پيروز پرهياڙ تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي گل حسن پرهياڙ ولد محمد اڪبر تاريخ 04-04-2018 تيفوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 95 100/2,62,64/1,2 97/A,B ايراضي حصي موجب ديهه سڪيور ٽپو هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) فدا حسين (پٽ)(2) اعظم حسين (پٽ) (3) خادم حسين (پٽ) (4) مسمات نورالنساءِ (ڌي) (5) گل جهان (ڌي) (6) مسمات زاهده (ڌي) (7) مسمات رخسانه (ڌي) (8) مسمات شاهده (ڌي)جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرانڪائٽ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر 310 سال 2026

مسمات سوهاڻ چانڊيو.پلينٽف. بخلاف. سهيل پليجو ولد سائين ڏنو ذات پليجو رهندڙ يتيم مسافر خانو سن سٽي تعلقو مانجهند ضلعو جامشورو..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر 310 سال 2026

مجيب الرحمن.پلينٽف. بخلاف. مسمات نورجهان ڌيءَ غلام محمد ملاح زال مجيب الرحمن رهندڙ خاصخيلي لطيف چوڪ ڪوٽڙي ضلعوجامشورو..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ازدواجي حقن جي بحالي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
گارڊين سوٽ نمبر 30 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 494 سال 2025

مسمات سعيده خاتون زال عرفان مهدي رهندڙ جام خان لغاري فليٽ نمبر 159-160 وانڪي وسي حيدرآباد..پلينٽف. بخلاف. عرفان مهدي ولد شاهنواز رهندڙ جام خان لغاري فليٽ نمبر 159-160 وانڪي وسي حيدرآباد..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف گارڊين درخواست زير قلم 7,8,25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 11-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
فيملي ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 103 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 494 سال 2025

مسمات سعيده خاتون زال عرفان مهدي رهندڙ جام خان لغاري فليٽ نمبر 159-160 وانڪي وسي حيدرآباد..پلينٽف. بخلاف. عرفان مهدي ولد شاهنواز رهندڙ جام خان لغاري فليٽ نمبر 159-160 وانڪي وسي حيدرآباد..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13 ويسٽ پاڪستان ايڪٽ 1964 تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 11-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج IX حيدرآباد
سول اپيل نمبر 239 سال 2025

محمد اعظم..اپيليڪينٽ. بخلاف. آسيه بيبي زال حميد الله سومرو رهندڙ اسدالله شاهه بخاري بسم الله ٽائون چينل روڊ حيدرآباد ...ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1497 سال 2026

مسمات Aisha..پلينٽف. بخلاف. علي حيدر ولد محمد خان رهندڙ نزد حاجي محمد Saeed Mazor نزد ڪوسر هاسٽل حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 340 سال 2026

مسمات سوهاڻ ڌيءَ جاڙو خان رهندڙ نوشهروفيروز حال چانڊي چوڪ تاج ڪالوني نوابشاهه.پلينٽف. بخلاف. وحاهد علي ولد نواب خان رهندڙ نوشهروفيروز پوليس هيڊ ڪوارٽر شهيد بينظير آباد 030281737823 ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر 70 سال 2026

مسمات شيرين ڌيءَ محمد رمضان شيخ رهندڙ ڳوٺ بختاور ڪالوني نزد برهان شاهه ٽنڊو محمد خان.پلينٽف. بخلاف. الهه بخش ولد خدا بخش سيلرو رهندڙ Ima Wah درگاهه پير ڌني تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 11-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/فيملي مورو
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 20
فيملي سوٽ نمبر 93 سال 2026

مسمات اسما ڌيءَ محمد وارث ابڙو ويٺل وارڊ نمبر 20 محمدي ڪالوني مورو.پلينٽف. بخلاف. نعيم احمد پٽ علي اڪبر قريشي ويٺل ڳوٺ ڏيپارجا تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13(3) تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/فيملي مورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سڪسيشن سوٽ نمبر 43 سال 2026

مسمات خير بانو ساريو زال خان ساريو رهندڙ ڳوٺ اچن شاهه تعلقو هالا ضلعو مٽياري..اپيليڪينٽ. بخلاف. (1) مسمات سومل بيواهه اعجاز گل (2) خان ساريو ولد محمود ساريو رهندڙ ڳوٺ اچن شاهه تعلقو هالا ضلعو مٽياري (3) عسڪري بينڪ برانچ هالا (4) جنرل هيڊ ڪوارٽر (GHQ) راولپنڊي پاڪستان آرمي (شهدا سيل) ويلفيئر اينڊ ريهيبليٽيشن ڊائريڪٽوريٽ (WR&Dte) (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ....ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي اعجاز گل شناختي ڪارڊ نمبر 4130135069245 وفات جي تاريخ 31-05-2024 پراپرٽي ۾ پينشن امائونٽ ۽ ٻيا سروس بينفٽ جيڪي عسڪري بينڪ برانچ هالا جي اڪائونٽ نمبر 3480590002910 رکيل آهن بحق فوتي اعجاز گل ولد خان ساريو تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

دڪانن آڏو رکيل صندل ۽ ٻيو سامان ضبط ڪري ڇڏيو جڏهن ته مختلف هنڌن تي بيٺل غيرقانوني چنگچي رڪشائن ۽ ٺيلهن کي هٽائي ڇڏيو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته عدالت جي حڪم تي حددخيلن خلاف ٻئي ڏينهن ۾ آپريشن ڪري رهيا آهيون هن چيو ته چيرا ۽ دڪا ڏاهي پٽ ڪرڻ سان گڏوگڏ دڪانن آڏو غيرقانوني رکيل سامان پڻ تحويل ۾ ورتو ويو آهي حددخيلن سبب شهرين کي پنڌ هلڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچن ٿيون ڪارروائي بنا فرق جي جاري رهندي ڪنهن کي به ڪا رعايت نه ڏني ويندي حددخلين جي خاتمي تائين ڪارروائي جاري رهندي ٽنڊوآدم جي وڪيلن پاران سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ احتجاجي مظاهرو

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

۾ شاگردن نعتون پيش ڪيون جڏهن ته نعت شريف ۽ ديني سوالن جوابن جا مقابلا پڻ ڪرايا ويا، بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ قلم ڪتاب ۽ ڪيش انعام ورهايا ويا

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

علاج جي سهولت نه ملڻ سبب ڪيترن ئي مالوند ماڻهن جا قيمتي جانورن جا واڙا ڇٽ ٿي ويا آهن مقامي جانورن جي سرڪاري اسپتال ۾ ڊاڪٽر ۽ عملو اڪثر غير حاضر رهڻ ۽ اسپتال کي هر وقت تالو لڳل رهڻ جون شڪايتون پڻ سامهون آيون آهن. علائقي واسين موجب، سرڪاري عملي پاران ڊيوٽي سرانجام ڏيڻ بدران مبينا طور خانگي ماڻهن جي حيثيت ۾ جانورن جو علاج ڪيو پيو وڃي جڏهن ته لائيو اسٽاڪ ۽ اينيمل هسبينڊري کاتي طرفان پاڳين کي پالتو جانورن جي علاج لاءِ دوائون مفت فراهم ڪيون وينديون آهن پر متعلقا ڊاڪٽرن ضلعي آفيسرن ۽ عملي سان ملي ڀڳت ڪري سرڪاري دوائون پاڳين کي ڏيڻ بدران دڪانن تي وڪرو ڪريو ڇڏين،جڏهن ته سرڪاري اسپتال جي ڪمرن ۾ ڪتون ۽ بسترا رکي اسپتال کي پرائيويٽ اوطاق ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري پٽ شاهه ۽ پرياسي جي 50 کان وڌيڪ ڳوٺن ۾ بروقت ويڪسين ۽ علاج نه ٿيڻ سبب پالتو جانورن ۾ مختلف بيماريون پکڙجي ويون آهن ذريعن موجب، گذريل ٻن مهينن دوران 60 کان وڌيڪ ٻڪريون ڍڳيون مينهون ۽ ٻيا قيمتي پالتو جانور بيمارين وڳهي مري ويا آهن. جانورن جي سرڪاري ڊاڪٽر ۽ عملي جي مبينا غير حاضري سبب مالوند ماڻهن کي پنهنجن جانورن جي علاج لاءِ سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي،ڊاڪٽر ۽ عملو دستياب نه هئڻ ڪري ڪيترائي پاڳيا هالا، ٽنڊو آدم، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن مان هزارين رپيا خرچ ڪري پرائيويٽ ڊاڪٽرن کان مال جو علاج ڪرائڻ تي مجبور آهن. لائيو اسٽاڪ اينڊ اينيمل هسبينڊري کاتي پاران گرمي، سردي ۽ ٻين موسمن دوران مختلف وقتن تي پالتو جانورن کي موذي بيمارين کان بچائڻ لاءِ پي پي آر سي پي پي ايم ايف ڊي، اي ٽي وي ۽ ايڇ ايس سميت مختلف ويڪسينون ڪيون وينديون آهن پر هتان جا ڊاڪٽر ۽ عملو لڪ چپ ۾ من پسند ماڻهن کان خرچ پکو وٺي پرائيويٽ طور انهن جي گهرن اوطاقن ۽ واڙن ۾ جانورن جو علاج ڪرڻ ۾ مصروف آهن جڏهن ته هزارين جانورن کي پاليندڙ پاڳيا سرڪاري علاج جي سهولت کان محروم ٿيل آهن. ٻئي طرف پٽ شاهه جي ڪساب خانن تي پڻ ڊاڪٽر ۽ عملي پاران جانورن کي چيڪ ڪري ضبح ڪرائڻ بدران جانورن جي گوشت تي لڳندڙ سرڪاري ٺپا ڪسائين حوالي ڪيا ويا آهن ان صورتحال سبب ڪسائين پاران مبينا طور بيمار ۽ مئل جانورن جي گوشت تي سرڪاري ٺپا هڻي دڪانن تي غير معياري گوشت وڪرو ڪرڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته بيمار ۽ مئل جانورن جو غيرمعياري گوشت کائڻ سبب ڪيترائي ماڻهو مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿيا آهن. جڏهن ته ڊاڪٽرن ۽ عملي پاران مبينا طور ملوث ڪاسائين خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران رشوت وٺي ڪين غير معياري گوشت وڪرو ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي آهي. هوڏانهن جانورن جي اسپتال جي ڊاڪٽر ۽ عملي جي مبينا ملي ڀڳت سان قيمتي سرڪاري پلاٽ تي پرائيويٽ ماڻهن هتان رهائشي گهر تعمير ڪرائي انهن کي ڪروڙين روپين ۾ وڪرو ڪرڻ جو پڻ انڪشاف ٿيو آهي ذريعن موجب، ڪافي وقت اڳ سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ پاران سرڪاري پلاٽ تي گهر تعمير ڪرائڻ جو نوٽيس وٺندي قبضا خالي ڪرائڻ ۽ قانوني ڪارروائي جو حڪم ڏنو ويو هو مقامي ڊاڪٽرن ۽ عملي ملي ڀڳت ڪري صرف فرضي طور پاڻ کي بچائڻ لاءِ ليٽر جاري ڪري معاملي کي ماٺ ميٺ ۾ دٻائي ڇڏيو علائقي واسين جو وڌيڪ چوڻ آهي ته ان معاملي سان لائيو اسٽاڪ اينڊ اينيمل هسبينڊري کاتي جي آفيسرن پڻ پنهنجو حصو ورتو اهو ئي سبب آهي جو عوامي ملڪيتن تي هن مهل تائين مبينا قبضا برقرار آهن جڏهن ته اعليٰ عملدارن پاران پڻ اجا تائين ڪو اثرائتو تحرڪ نه ورتو ويو آهي. مالوند ماڻهن ۽ علائقي واسين لائيو اسٽاڪ کاتي جي صوبائي وزير سيڪريٽري سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته پٽ شاهه جي سرڪاري جانورن جي اسپتال جي صورتحال جي ڊاڪٽرن ۽ عملي جي غير حاضري، ويڪسين ۽ علاج جي فراهمي، دوائن جي وڪري،ڪساب خانن تي غيرمعياري گوشت جي چڪاس ۽ سرڪاري پلاٽ تي مبينا قبضن جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

ٺاٺي جي حد ۾ خيرپور لاڙڪاڻو روڊ تي 3 ڪلاڪن ۾ لاڙڪاڻو واسي فخر عباس لنڊ کان سي ڊي موٽرسائيڪل موبائل فون 10 هزار روڪ رقم ۽ اي ٽي ايم ڪارڊ ڦر ڪري ورتا ٻئي واردات ۾ هٿيارٻندن مسافر عبدالهادي چانڊيو کان 20 هزار روڪ رقم ڦري ورتي جڏهن ته تيزي سان ٿيندڙ ٽئين واردات ۾ گمبٽ لڳ ڳوٺ شفيع محمد شاهاڻي واسي غلام الله شاهاڻي کان 6 هزار روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا.ان سلسلي ۾ جڏهن ايس ايڇ او محبوب ڪلهوڙو اعظم ميمڻ سان رابطو ڪيو ويو جنهن ٻڌايو ته ڪي ڦرڻ جاواقعا پيش آيا آهن ڪجهه ڦورن جي سڃاڻپ ٿي آهي انهن ڦورن کي علائقي جي ماڻهن به ڏٺو آهي اميد آهي ته ڦورن تائين پهچڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪندس ۽ نه وري انهن کي بخش ڪندس معاشرن جو تعلق لاڙڪاڻي ۽ ٻين علائقن سان آهي انهن ۾ هڪ معاشر جو تعلق لنڊ برادريءَ سان آهي جيڪو لاڙڪاڻي جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي پوليس معاشرن جا نالا راز ۾ رکيا آهن ٻيو ته بهانا به ڪري رهي آهي

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

ريلي ۾ ايڊووڪيٽ امتياز ٻگٽي ، ايڊووڪيٽ مدثر احمد چنو ، ايڊووڪيٽ شڪيل احمد سومرو، ايڊووڪيٽ محمد علي جتوئي، ايڊووڪيٽ مظهر حسين منگريو ، ايڊووڪيٽ لياقت صديقي ، الاهي بخش شيخ ايڊووڪيٽ ،ايڊووڪيٽ ظفر چنو ايڊووڪيٽ سيد محمد علي شاهه، ايڊووڪيٽ حبيب الله بروهي ايڊووڪيٽ نذير حسين ٻيو ايڊووڪيٽ انور علي شيخ، ايڊووڪيٽ راڄ محمد هڪڙو ايڊووڪيٽ آفتاب احمد سومرو ايڊووڪيٽ نديم احمد قليوڙو ايڊووڪيٽ عمران جتوئي ٻيا ڪيترائي وڪيل شهري، سياسي سماجي اڳواڻ شامل هئا.ان موقعي تي وڪيلن سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به قدم کي رد ڪندي سخت احتجاج ڪيو ،سنڌ جي ورهاڱي خلاف پنهنجو آواز بلند ڪيو،وڪيل اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ جي وحدت ۽ خودمختياري تي ڪنهن به قسم جو وار قبول نه ڪيو ويندو

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

چونڪ تي جلسو ٿيندو جنهن ۾ صوبائي قيادت نثار احمد کهڙو سميت صوبائي قيادت شريڪ ٿيندي، جيڪو ڏاڍو ۽ کي اين شاهه لاءِ وڏو اعزاز آهي هن وڌيڪ چيو ايم آر ڊي جي شهيدن جمهوريت جي بحالي لاءِ قربانيون ڏنيون امر ٿي ويا شهيد ٿي ويل پ پ جا اثاثا آهن ، جن کي ڪڏهن به نه وساري سگهون ، هن وڌيڪ چيو ته پ پ سنڌ جي ورهاڱي کي اسيمبلي فلور تي رد ڪري چڪي آهي مخالف ڌر اڳتي اچڻ خاموش هڻڻ سمجهه کان ٻاهر آهي.ان موقعي تي پ پ پ تعلقا ڏاڏو صدر آيم عمر پنهور ، سجاد حسين جوڻيجو ، سردار ياسر خان ٻبر ، ڊاڪٽر خليل سڪندر ڪونهارو ، خالد حسين ٻبر سميت ٻيا پ پ پ اڳواڻ پڻ موجود هئا

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

آهي ۽ هن کي گم ٿيڻ کي هڪ مهيني کان مٿي گذري ويو آهي ڪو به ڏس پتو نٿو پئي.اسان کي شڪ آهي ته گلبار سيخ سعيد شيخ ،گل بانو شيخ ۽ فرزند سامتيو منهنجي ڌيءَ سويرا کي اغوا ڪرايو آهي ۽ اغوا جو ڪيس سپوڊيرو ٿاڻي تي داخل ڪرايو آهي پر سپوڊيرو پوليس ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آندي آهي سان آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ۽ علائقي جي معزز شخصيتن کي اپيل ٿي ڪيان ته منهنجي ڳولا ۾ مدد ڪري منهنجي ڌيءَ واپس ڪرائي ڏني وڃي اگر جنهن به منهنجي ڌيءَ کي اغوا ڪيو آهي ته اهو به ظاهر ڪيو وڃي ۽ اسان جي بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

سنڌ جي ورهاڱي جي سازش سنڌو درياهه تي ڊاڙي، جالپور سميت نون ڪئنالن ۽ ڊيمن جي تعمير ۽ زمينن تي قبضي خلاف ٽنڊوباگو شهر ۾ عوامي سجاڳي مهم جي ريلي ڪڍي سجاڳي مهم جا هينڊ بل دڪاندارن ريڙهين ۽ هوٽلن تي ويٺل ماڻهن کي ڏنا ۽ چيو ته هن سجاڳيءَ جي سڌ کي پنهنجي ڳوٺن ۽ گهرن تائين عام ڪريو ته جيئن سنڌ کي ايندڙ وڏين مصيبتن کان بچائي سگهون ڌرتي ۾ گڏ ٿيل ميڙاڪي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو آهي ته آمريڪا ڏکڻ ايشيا ۾ نئون اسرائيل ٺاهڻ چاهي ٿو گوادر ضيائي ٽولي ۽ ڪراچي مڪمل طور ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن حوالي ڪري ڪراچي ۽ گوادر کي ٻه اسرائيل جيان آمريڪي هٿيارن جو اڏو بڻائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي آمريڪا جيئن اسرائيل وسيلي وچ اوڀر تي قبضو ڪيو تيئن پاڪستان کي غير مستحڪم بڻائي ڏکڻ ايشيا تي به مڪمل طور قبضو ڪرڻ چاهي ٿو سنڌ ٽوڙڻ جي سازش ڪندڙ آمريڪي ايجنٽ آهن پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ ۽ پيپلز پارٽي سنڌ جا وسيلا آمريڪي سامراج حوالي ڪري ڇڏيا آهن پر سنڌي قوم پنهنجي ڌرتي جي تحفظ لاءِ وڙهندي، جنگ ڪندي، پرامن جمهوري جدوجهد ڪندي سنڌ جي حفاظت لاءِ سنڌ جو ٻچو ٻچو وڙهندو

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

ايڊووڪيٽ عبدالقادر خانزاده ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا جن تعريبازي به ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته سنڌ کي ورهائڻ ۽ ان مان نوان صوبا ٺاهڻ واري ڳالهه اسان ڪنهن به صورت ۾ تسليم نه ڪنداسين جيڪا سنڌ جي وحدت تي وار آهي محسن نقوي جي اهڙن بيانن جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هن چيو ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي سنڌ جي اسيمبلي ۽ سنڌين پاڪستان کي ٺاهيو اڄ وري سنڌ خلاف سازشون ڪيون پيون وڃن جنهن خلاف سنڌ جو عوام پرامن احتجاج ڪري رهيو آهي جنهن کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي.

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

اطلاع تي ڳوٺاڻن ۽ پوليس پهچي زخمي کي نئون آباد اسپتال منتقل بعد ۾ ڪيس ٽنڊو آدم اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته نئون آباد پوليس ڪارروائي ڪندي شڪ جي بنياد تي جٽڻ کي گرفتار ڪري ورتو آهي.

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري فاضل بلاول لاشاري مرڪزي ميڊيا سيڪريٽري امجد علي ٽالپر ضلعي ٺٽي جي صدر مالڪ رزاق چانڊيو سنڌي شاگرد تحريڪ ضلعي آرگنائيزر علي اڪبر لاشاري، سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻ رمضان ميمڻ ڳالهائيندي چيو ته سجاڳ ٻار تحريڪ جو 8 سيپٽمبر 1978 تي بنياد اديب ، دانشور ، ليکڪ شاعر ، سياستدان ، سنڌو دريا جي وڪيل قائد انقلاب محترم رسول بخش پليجو صاحب وڌو سجاڳ ٻار تحريڪ جو مقصد ٻارڙن ۾ علم ، شعور ، قومي سجاڳي ۽ حقن جي سڃاڻپ آهي . هي تنظيم 48 سالن کان جدوجهد جي عملي ميدان ۾ حصو وٺندي رهي آهي سجاڳ ٻار تحريڪ سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ايم آر ڊي تحريڪ جو حصو رهڻ کان وٺي ڪالاباغ ڊيم خلاف جدوجهد هجي يا 6 نوان ڪئنالن خلاف جدوجهد ، ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف مذاحمت ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ اڳواٽي وارو ڪردار نڀايو آهي. اڳواڻن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته 1940ع جي قرارداد تي عمل ڪرڻ بدران ملڪ کي تجربيگاهه بڻايو ويو آهي. اڳ ۾ ون يونٽ مڙهي ملڪ کي ٻه اڌ ڪيو ويو هاڻ نوان يونٽ ٺاهي ملڪ کي تباهه ۽ برباد ڪيو پيو وڃي، جيڪي چون ٿا نوڪري وڃي ته وڃي نوان يونٽ ٺاهينداسين سي عوامي نوڪر بدران پاڻ کي شهنشاهه اعظم سمجهن ٿا عوام جي راءِ بدران ڪنهن شهنشاهه اعظم جو فرمان بند ٿيڻ گهرجي سنڌي قوم فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي ته سنڌ ۾ ڪو به نئون صوبو نئون يونٽ يا جنرل مشرف وارو مڪاني نظام قبول ناهي

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

مرڪزي قيادت اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ سندس شاندار ۽ پرجوش استقبال ڪيو ڪارڪنن ڊاڪٽر قادر مگسي کي گلن جا هار ۽ سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪون پارايون مٿس گلن جي ورکا ڪئي ۽ سنڌ جي وحدت خلاف ٿيندڙ سازشن خلاف زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي گڏ ٿيل ڪارڪنن کي خطاب ڪندي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ اسان جو تاريخي وطن آهي ۽ هي ڌرتي سنڌي قوم لاءِ الله تعاليٰ طرفان عطا ڪيل تحفو آهي. جنهن جي وحدت، قومي وجود، وسيلن ۽ حقن جي حفاظت ڪرڻ اسان سڀني جي قومي ذميواري آهي هن چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ بقاءِ لاءِ هلندڙ جدوجهد کي وڌيڪ منظم سگهارو ۽ تيز ڪيو ويندو ۽ سڄي سنڌ جي عوام کي جاڳائي، منظم ڪري پرامن جمهوري ۽ عوامي جدوجهد ذريعي سنڌ خلاف ٿيندڙ هر سازش کي ناڪام بڻايو ويندو ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته ڪراچي سنڌ جو انتهائي وڏو ۽ وڏي آبادي وارو شهر آهي، تنهن ڪري انتظامي سهولتن ۽ بهتر حڪمراني لاءِ ڪراچي شهر اندر ڪي ڊويزنون قائم ڪيون وڃن پر ڪنهن به انتظامي تبديلي کي سنڌ جي وحدت خلاف استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي هن چيو ته ڪراچي اندر رهندڙ لکين سنڌين ۽ سنڌي آبادين کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي، انهن آبادين ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي نيڪال روڊن تعليم صحت، ٽرانسپورٽ ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي سخت کوٽ آهي، تنهن ڪري حڪومت سنڌي آبادين سان ٿيندڙ ناانصافي ختم ڪري ڪين بنا ڪنهن فرق جي سمورين بنيادي شهري سهولتون فراهم ڪري هن واضح ڪيو ته سنڌ ترقي پسند پارٽي ڪنهن به قوت کي اها اجازت نه ڏيندي ته اها انتظامي معاملن جي آڙ ۾ سنڌ جي تاريخي ۽ جاگرافيائي وحدت خلاف سازش ڪري يا سنڌ جي قومي وجود کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري، هن مسلم ليگ (ن) جي قيادت کان مطالبو ڪيو ته اها پنهنجي وفاقي وزيرن پاران سنڌ بابت ڏنل بيانن جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺي چاڪاڻ ته اهڙا بيان سنڌ جي ماڻهن ۾ بيچيني ۽ ڪاوڙ پيدا ڪن ٿا. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ جا ست ڪروڙ ماڻهو پنهنجي تاريخي وطن جي انچ انچ جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻن ٿا ۽ سنڌ جي ڌرتي، وحدت، وسيلن ۽ قومي حقن خلاف ڪنهن به سازش آڏو خاموش نه ويهندا. هن چيو ته ايندڙ وقت ۾ سنڌ اندر اهڙي زبردست، منظم ۽ پرامن عوامي تحريڪ هلائي ويندي، جنهن ۾ ڪراچي کان ڪشمور ۽ ڪيٽي بندر کان ڪارونجهر تائين سڄي سنڌ هڪ آواز ۽ هڪ للڪار بڻجي اٿندي ۽ پنهنجي قومي وحدت خلاف ٿيندڙ هر سازش کي عوامي طاقت سان ناڪام بڻائيندي

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

تعريبازي ڪئي وئي احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي جمعيت علماء اسلام جي اڳواڻن عبدالصمد جمالي،عبدالرحيم دلواڻي حافظ اشرف ٽالپر عبدالغني نظاماڻي ايس ٽي پي اڳواڻ مير عاشق ٽالپر ۽ ٻين چيو ته تعلقي اسپتال ٽلهار جو تعميراتي ڪم ڪن سالن کان بند پيل هجڻ سبب تعلقي جي وڏي آبادي صحت جي بنيادي سهولتن کان محروم آهي جڏهن ته غريب ۽ مسڪين مريضن کي علاج لاءِ ٻين شهرن جو رخ ڪرڻو پوي ٿو اڳواڻن مطالبو ڪيو ته تعلقي سول اسپتال ٽلهار جو رڪيل تعميراتي ڪم بنا دير شروع ڪري مقرر مدي اندر مڪمل ڪيو وڃي، جيئن علائقي جي عوام کي بهتر ۽ معياري طبي سهولتون فراهم ٿي سگهن هنن چيو ته راڄوخاناڻي لائبريري جو تعميراتي ڪم پڻ ڏکهي عرصي کان روليڙي جو شڪار آهي جنهن سبب شاگردن ۽ نوجوانن کي مطالعي لاءِ گهربل سهولتون ميسر ناهن احتجاج ڪندڙن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته راڄوخاناڻي ۽ پرياسي ۾ بند پيل اسڪول ڪولرايا وڃن، گرلس هاءِ اسڪول راڄوخاناڻي جو رڪيل تعميراتي ڪم مڪمل ڪيو وڃي جڏهن ته رورل هيلٿ سينٽر راڄوخاناڻي جي ڪافي عرصي کان بند پيل نائٽ شفٽ پڻ بحال ڪئي وڃي جمعيت علماء اسلام جي اڳواڻن ۽ احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبن تي جلد عمل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ وڌيڪ سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي .

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

ڏاڏي گذريل ڏينهن لاڏاڻو ڪري وئي هئي سندس وفات تي تعزيت لاءِ سائين ويرومل سوروائي جي رهائشگاهه ٽنڊو باگو ۾ ديوان برادري سميت مختلف شهرن مان ۽ برادرين سان تعلق رکندڙ معززين سياسي ۽ سماجي اڳواڻن، وڪيلن واپارين، شهرين ۽ ٽائون ڪميٽي ٽنڊو باگو جي ڪائونسلرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ سائين ويرومل سوروائي سان سندس والده جي وفات تي تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو مرحوم جو تيجهو اڄ ٽنڊو باگو شهر ۾ ٿيو. ان موقعي تي سائين ويرومل سوروائي چيو ته مان ماڻٽن، دوستن، ديوان برادري ۽ مختلف شهرن کان آيل شهرين منهنجي والده جي وفات تي مون سان تعزيت ڪئي جنهن تي آئون سڀني جو سان شڪرگذار آهيان.

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

بلاوي شاهه ڪريم مان جيءَ کي جوڪو آهي لاڳاپيل اختياريون قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ٽوڙين انساني حقن جون تنظيمون نوٽيس وٺي منهنجي پاءُ فاضل کي انصاف فراهم ڪري ايس ايڇ او کي بلاوي ٿاڻي تا هٽائي سنسيٽر ايس ايڇ او مقرر ڪيو وڃي ڪاوش عيوضي صحافي عرفان سنڌي پاران مطالبو صحافي عرفان سنڌي صغير ٻارڙن سان گڏ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه ڏينهن ٻهريان ايس ايڇ او بلاوي شاهه ڪريم منهنجي پوربعيت پاءُ فاضل مگهار کي سادن ڪپڙن ۾ پرائيوٽ ڪار ۾ جبري طور ڏٺا واهه اسٽاپ تان گرفتار ڪري ڪٿي ويو هي جنهن کان پوءِ هاءِ گهوڙا ڪرڻ تي منهنجي پاءُ جي ڦر جي هڪ جوڙتو ايف آئي آر نامي نيٽ ڪري سخت تشدد بعد پنجن ڏينهن کان پوءِ گرفتاري ظاهر ڪئي وئي ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ ڪنهن باڻرجي چرچ تي پئسا وٺي سازش تحت موٽر سائيڪل جي پڻ رڪوري ڏيکاري وئي پر ڪوڙ ۽ بدنيتي توڙي ذاتي دشمني تي ايس ايڇ او بلاوي شاهه ڪريم منهنجي پاءُ کي جيل موڪلرائي ڇڏيو آهي ۽ مونکي منهنجي ڪيل غير جانبدارا رپورٽنگ تي گذريل ٻن سالن کان حراسان ڌمڪائڻ توڙي جوڙتو ايف آئي آرن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏيندو پيو اچي سندس سرپرستي ۾ بلاوي شاهه ڪريم شهر ٻن سالن کان ظلم جبر ڏاڍ ۽ پوليس گردي جو شڪار بڻيل آهي جنهن خلاف رپورٽنگ ڪرڻ تان ايس ايڇ او بلاوي شاهه ڪريم مونسان دشمني تي لهي آيو آهي، جنهن سان مونکي ۽ منهنجي خاندان کي جاني مالي نقصان جو خطرو آهي هنن مطالبو ڪيو ته آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان فوري نوٽيس وٺي پوربعيت پاءُ معان جوڙتو ايف آئي آر ختم ڪرائي ڪيس آزاد ڪرائين ۽ ايس ايڇ او بلاوي شاهه ڪريم عبدالحڪيم سومرو کي هٽائي سندس خلاف شفاف انڪوائري ڪري تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ ڪن ڏينهن کان پوءِ سوين ڳوٺاڻن شهرين توڙي سياسي سماجي ۽ صحافتي ڌرين سان گڏ هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب بلاوي شاهه ڪريم آڏو علامتي بک هڙتال ڪئمپ لڳائي ويندي جيڪا مطالبا مڃڻ تائين ختم نه ڪئي ويندي

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

ڏڪيائين ۽ بي وسي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن.ٻاهه جي افسوسناڪ واقعي کي ڪيترائي ڏينهن گذري وڃڻ باوجود معاثر معذور پائرن جي سرڪاري سطح تي ڪا خاص واهر نه ٿيڻ سبب هو کليل آسمان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن.ٽنڊو محمد خان ذوالفقار فائونڊيشن جي چيئرپرسن ۽ سماجي اڳواڻ رضيه سهتو معاثر معذور پائرن وٽ پهچي هنڌ بسترا، کاڌ خوراڪ جو سامان ۽ مالي مدد فراهم ڪئي.ان موقعي تي سماجي اڳواڻ رضيه سهتو چيو ته باهه لڳڻ کي ڪيترائي ڏينهن گذري چڪا آهن پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ڪنهن به غريب ۽ معذور پائرن جي بروقت واهر نه ڪئي.معاثر پائرن ٽنڊو محمد خان انتظاميه کي مدد لاءِ درخواستون پڻ ڏنيون آهن، پر اجا تائين ڪين تنبو يا ٻيو ضروري سامان فراهم نه ڪيو ويو آهي، جنهن سبب هي مجبور ۽ لاچار پائر پنهنجي خاندانن سميت کليل آسمان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن معاثر معذور پائرن سرندي وارن سماجي تنظيمن ۽ مخير حضرات کي اپيل ڪئي آهي ته انساني همدردي جي بنياد تي سندن مالي ۽ ضروري سامان سان مدد ڪئي وڃي، جيئن هو ٻيهر پنهنجي اجهي هيٺ زندگي شروع ڪري سگهن

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

خيرپور امير سعود مگسيءَ ٻڌائي هن ٻڌايو ته ڪاروائين دوران منشيات ۽ چوري ٿيل يا ڦر ٿيل 4 موٽرسائيڪلون پڻ هٿ ڪري جوابدارن خلاف ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا آهن ايس ايس پي موجب هي ڪاروائيون صوبو ديروڪوٽ ڏيجي راڻي پور ۽ پيروسڻ جي علائقن ۾ڪيون ويون گرفتارجوابدارن ۾ شيراز عرف لال بخش عرف لالو سهتو،غلام سرور سيال محراب سوٿيو جنيد عرف جوڻي عرف جنسار لاڙڪ، ٻقص عرف ڪارو بانبڻ شامل آهن جوابدارن جي قبضي مان 1050 گرام چرس ۽ 4500 گرام پنگ نشيدار سوپاريون4 موٽرسائيڪلون هٿ ڪري ورتيون آهن.ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي ڪامياب ڪاروائين تي پوليس ٽيمن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي ڪين شاباشي جو پيغام ڏنو آهي

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

جوڻيجو ٿرڙي جادو شهيد، درمحمد ابڙو ۾ صحت لاءِ هاجيڪار ڪيميڪل ڪير ۽ ملاوٽي مدي خارج شين جو وڪرو بند نه ٿيو بار بار احتجاج ڪرڻ باوجود ڪارروائي ناهي ڪئي وئي شهرن ۾ ڪيميڪل مان ٺهيل ڪير جو وڪرو ڪيترن سالن جاري آهي پر فوڊ اٿارٽي اگهور ننڊ سٽل آهي احتجاج ڪندڙن وڌيڪ ٻڌايو ته ڪيميڪل ڪير ڳوٺن ۾ تيار ڪري ڪکڙ شهر ۽ ٻين شهرن ۾ آندو وڃي ٿو جتي هوٽلن ۽ دڪانن تي وڪرو ٿئي ٿو جنهن ڪري هوٽلن تي ماڻهن کي ڪيميڪل ڪير جي چانهه ملي ٿي ۽ دڪانن تان صحت لاءِ هاجيڪار ڪيميڪل وارو ڪير جيڪو گهرن ۾ پيئڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو ان دوران هنن ڏانهيدي وڌيڪ چيو ته ڪکڙ شهر ۾ ملاوٽي ۽ مدي خارج شيون به وڪرو ٿي رهيو آهن جنهن ۾ جوس، بوتلون، گيهه، آئل، مرچ، مصالا، داليون، بسڪيٽ ۽ ٻيون ڪيتريون شيون شامل آهن جن جو وڪرو ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته ضلع انتظاميا ۽ فوڊ اٿارٽي جي لاپرواهي سبب شهري توڙي ڳوٺاڻن جي مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ جو خدشو وڌي ويو آهي جنهن ۾ جگر، بڪيون، سادي جي تڪليف ۽ ٻيون بيماريون شامل آهن احتجاج ڪندڙ شهرين ڊي سي دادو فوڊ اٿارٽي دادو اسسٽنٽ ڪمشنر کي اين شاهه کان گهر ڪئي آهي ته ڪکڙ ۽ ٻين شهرن ۾ ڪيميڪل مان ٺهيل ڪير ملاوٽي ۽ مدي خارج شين جو وڪر ڪندڙ خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

آهي ته سنڌ جو ورهاڱو ڪڏهن قبول نه ڪنداسين هن چيو ته سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازش ڪندڙ ڌريون پاڪستان کي ڪمزور ڪرڻ جي سازش ڪري رهيون آهن سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي سنڌ جي وحدت تي ڪو به وار برداشت نه ڪيو ويندو سنڌ ڏانهن ميري اک ڪندڙن جي اک ڪڍي ڇڏينداسين وڪيلن چيو ته آئين کان مٿاهون ڪو به ناهي سنڌ ۾ وڌيڪ نوان صوبا ٺاهڻ نه ڏينداسين سنڌ جو ڪروڙين عوام پنهنجي رت جي آخري ڦڙي تائين وڙهندو

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

چوريون روز جو معمول بڻجي ويون آهن ڪجهه ڏينهن اڳ ابل واهه گمبٽ جي واپاري محمد صديق جي دڪان کي لکين روپين جو ڪاٽ لڳو پوليس هن وقت تائين ڏوهه وايس ناهي ڪرايو وڌندڙ ڏوهن واپاري طبقو غير محفوظ بڻجي ويو آهي جنهن سبب سخت پريشان آهيون ڏوهاري ڏوهه ڪري آساني سان فرار ٿي وڃن ٿا گمبٽ پوليس امن ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي احتجاج ڪندڙ عرفان ميمڻ صفدر علي سهتو عبدالستار شيخ فياض جوڪيو ۽ ٻين ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته فوري طور واپاري جو چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ گمبٽ ۾ امن بحال ڪرايو وڃي نه ته ٻئي صورت ۾ احتجاجي مظاهرو وڌايو ويندو

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صوبائي صلاحڪار پير سيد افضل علي شاهه جيلاني پير سيد محسن علي شاهه جيلاني ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل غلام عباس ڪبي غلام علي حاجاڻي شعيا اڳواڻ غلام حسين ملاح امداد سولنگي، غلام اصغر جعفري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سائين عبدالقادر شاهه جيلاني جو وڇوڙو هڪ المناڪ وڇوڙو آ صديون گذري وڃڻ سائين وسري نٿو سگهي پير عبدالقادر شاهه جيلاني دوا سان گڏ دعا به ڏيندا هئا پير عبدالقادر شاهه جيلاني هڪ ولي مرشد ۽ هيو جنهن سان ڪيترائي فيضياب پڻ ٿيا آهن هو هميشه پيار محبت پنهنجائپ جو درس ڏنو مريدن عقيدتمندن کي هميشه تعليم لاءِ اتساهيندو هو سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي سنڌ اسان جي ريڊ لائين آهي اسان کي لڳي ٿو ته ڪو ٻيو مطالبو مڃائڻ لاءِ صوبي جو اشو ڇڏيو ويو آهي 18 هين ترميم اين ايف سي ايوارڊ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اهو هنن کان نه ٿي سگهيو سنڌ جي 12 ڪروڙ آبادي آهي ٽي صوبا هڪ طرف سنڌ صوبو هڪ طرف آهي ڀهريون انهن وڏن صوبن کي ته انصاف ڏيو جيڪو عوام جو مطالبو آهي سنڌ جو عوام ڪڏهن به نه چاهيندو سنڌ جي تقسيم ٿئي هتي ڪنهن جو مطالبو آهي مهاجرن کي اهميت ڏا ڏيو جن کي اسان دلين ۾ جايون ڏنيون رهڻ لاءِ گهر ڏنا مهاجر جڏهن پنجاب پهتا ته پنجاب وارن انهن کي چون پيا پاڪستان اڳتي آهي اوڏانهن وڃو اسان کي ته ان ڏينهن جو انتظار آهي ته مهاجر ائين چون ته اسان ڀهريون سنڌي آهيون پوءِ مهاجر آهيون ورسي جي موقعي تي سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا هئا

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

مهمانن چيو ته پبلڪ لائبريري نوجوانن ۽ شاگردن لاءِ علم ۽ مطالعي جو اهم مرڪز آهي جتي بنيادي سهولتن جي فراهمي انتهائي ضروري آهي مهمانن عاشق علي لغاري جي ذاتي خرچ تي واٽر ڪولر فراهم ڪرڻ واري قدم کي ساراهيندي چيو ته اهڙيون علم دوست ۽ فلاحي سرگرميون معاشري ۾ مثبت تبديلي آڻڻ سان گڏ نوجوانن ۾ مطالعي جو شوق وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون هنن ٻين مخير حضرات کي پڻ لائبريرين ۽ عوامي ادارن جي بهتري لاءِ اڳتي اچڻ جي اپيل ڪئي

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

عيوض نوڪريون ڏنيون وڃن ٿيون هنن چيو ته سنڌ جي نوجوانن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي جيڪا سائن ناانصافي آهي ان لاءِ هي پر امن احتجاج ڪيو آهي هنن چتاءُ ڏنو ته سنڌ اندر محنت ڪندڙ نوجوانن کي ميرٽ تي نوڪريون نه ڏنيون ويون ته سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

زوجه منظور ساند کي اسپتال جي اي پي آءِ ويڪسينيٽر پاران ٻارڙن جي بيمارين کان بچاءُ وارو ٽڪو لڳايو ويو جنهن بعد سندس ٻانهن ۾ سخت انفيڪشن ٿي پيو وارثن الزام هنيو ته انفيڪشن جي علاج درست طريقي ڪرڻ بدران وڌيڪ غلط انجيڪشنون لڳايون ويون جنهن سان عورت جي طبيعت انتهائي نازڪ ٿي وئي گذريل ڏينهن ڊيليوريءَ واري وقت مريضه کي ترت علاج ڏيڻ بدران هتان جي ليڊي ڊاڪٽرياڻيءَ غير مناسب رويو اختيار ڪندي ڪيس ملي ريفر ڪري ڇڏيو ملي منتقل ڪرڻ دوران ٻارڙو فوت ٿي ويو جڏهن ته عورت جي حالت اڃا تائين تشويشناڪ ٻڌيل آهي.ٻئي طرف پي پي ايڇ آءِ انتظاميا جي ايڊمن ڪرشن ڪاجهروپري رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته مريضه کي پيشگي بچاءُ وارو عام ٽڪو لڳايو ويو هو جنهن جا اهڙا خطرناڪ ري ايڪشن ناهن ٿيندا، ٻارڙي جي فوت ٿيڻ جا ٻيا سبب ٿي سگهن ٿا. هن چيو ته ڊاڪٽرن جي صلاح سان ٿي عورت کي ملي ريفر ڪيو ويو هو جڏهن ته معاملي جي انڪوائري ڪئي ويندي ۽ غفلت ثابت ٿيڻ تي لاڳاپيل عملي خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي هوڏانهن معاثر خاندان ڊپٽي ڪمشنر ٽرياڪر ۽ صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته پي پي ايڇ آءِ اسپتال ۾ مقرر اڻ تجربيڪار عملي ۽ غفلت ۾ ملوث ليڊي ڊاڪٽرن خلاف ترت انڪوائري ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

ڪيو ويو ورڪشاپ جو بنيادي مقصد هنگامي حالتن ۾ بروقت، مربوط ۽ موثر علاج جي عملي تربيت فراهم ڪرڻ هو جنهن جو عنوان جڏهن وقت گهٽ هجي، ته تياري ئي ڪاميابي آهي رکيو ويو هو ورڪشاپ ۾ هنگامي حالتن ۾ بروقت ۽ موثر رسپانس، ماهرن جي نگراني ۾ عملي تربيت، جديد ٽيڪنالاجي ۽ بين الاقوامي پروٽوڪول ٽيم ورڪ ۽ مريض جي حياتيءَ جي تحفظ جهڙن اهم موضوعن تي تربيت ڏني وئي تقريب جو خاص مهمان ڊائريڪٽر گمس ڪيپٽن رٽائرڊ ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي هيو جڏهن ته نالي واري نيورو سرجن ڊاڪٽر رابيل باسط خاص شرڪت ڪئي ڊائريڪٽر گمس ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته مستقبل جي ڊاڪٽرن ٽيڪنالوجسٽ ۽ پيرا ميڊيڪس جي بهترين تربيت وقت جي اهم ضرورت آهي اسان جو گهڻو ڌيان ڀهراڙي سنڌ سان تعلق رکندڙ شاگردن تي آهي جيڪي هتي ليبارٽري ٽيڪنالاجي سميت مختلف شعبن ۾ تربيت حاصل ڪري رهيا آهن هن چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته انهن شاگردن کي جديد خطن تي معياري ۽ پيشيوراڻي ٽريننگ فراهم ڪئي وڃي ته جيئن اهي آغا خان ۽ ٻين وڏين اسپتالن جي طرز تي بهترين طبي خدمتون فراهم ڪري سگهن هن چيو ته گمس اسپتال گمبٽ جو شمار اڄ ملڪ جي بهترين اسپتالن ۾ ٿئي ٿو ۽ هتي غريب ۽ مستحق مريضن جو مفت علاج ڪيو پيو وڃي هن شاگردن تي زور ڏنو ته اهي محنت، شوق ۽ ايمانداري سان پنهنجي تعليم مڪمل ڪن ڇو ته مستقبل ۾ انهن جي ڪلهن تي ئي قوم جي صحت جي ذميواري آهي ڪورس جي ڊائريڪٽر ۽ روبوٽڪ نيورو اسپائن سرجري ڊپارٽمينٽ جي سربراهه ڊاڪٽر پير اسد عزيز شرڪت ڪندڙن کي پليڪار ڪندي چيو ته ايمرجنسي ۾ ڪراما جا جيڪي مريض اچن ٿا انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊاڪٽرن جو رسپانس ڪهڙو هئڻ گهرجي، ان حوالي سان هي ٽريننگ ڏني وئي هن ٻڌايو ته هن ورڪشاپ جو سلسلو اسان 2022 ۾ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان شروع ڪيو هو ۽ هاڻي ان کي گمس گمبٽ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي جي خاص هدايتن ۽ دلچسپي سان ٻيهر شروع ڪيو ويو آهي جنهنجو جو مقصد وڌ کان وڌ ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف کي آگاهي ڏيڻ ۽ تربيت فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن اهي ملڪ ۾ ڪراما جي مريضن جي بهترين طريقي سان مدد ڪري سگهن نيورو سرجن ڊاڪٽر رابيل باسط چيو ته مونکي اهو ڏسي خوشي ٿي آهي ته گمس اسپتال ۾ بين الاقوامي اسپتالن جيان هن ورڪشاپ ۾ مختلف اسٽيشنون قائم ڪيون ويون جيڪي ميڊيڪل جي شاگردن هائوس آفيسرن ۽ پوسٽ گريجوئيٽ ٽريني ڊاڪٽرن لاءِ انتهائي فائديمند ثابت ٿيون هن قسم جا ورڪشاپ نه رڳو تعليمي لحاظ کان اهم آهن پر هي هڪ وڏو نيٽ ورڪنگ پليٽ فارم پڻ آهن جتي شاگردن کي مختلف ڪنسلٽنٽس سان سڌو سنئون سوال جواب ڪرڻ ۽ نيورو سرجري بابت رهنمائي حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو هن ڊاڪٽر اسد عزيز ۽ سندس پوري ٽيم کي هن ڪامياب ورڪشاپ ڪرائڻ تي مبارڪ ڏني ورڪشاپ ۾ چيسٽ ٽيوب انٽيوبيشن ڊيفارميٽي ڪريڪشن ڊفڪلٽ ايئر وي ٽريڪيوسٽومي ڊينٽل وائرنگ، ايئر وي ۽ هيلمٽ اسپائن اسٽيبلائيزيشن جا اسٽيشن قائم ڪيا ويا هئا ۽ هر اسٽيشن تي لاڳاپيل سرجن موجود هئا جن شاگردن کي تفصيل سان سيکاريو ۽ انهن جي سوالن جا جواب ڏنا ورڪشاپ ۾ 40 ميڊيڪل شاگردن سميت ڊاڪٽرن پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ هيلٿ پروفيشنلز شرڪت ڪئي آخر ۾ ڊائريڪٽر گمس ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي فيڪلٽي ميمبرن ۽ شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

ڪارروائي ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ جمع ڳوٺ واسي راحب مهر پنهنجي گهرواري سان گڏ ڳوٺ طرف وڃي رهيو هو ته مبينا جتوئي هٿياربندن سندس گهرواري جي سامهون مٿس اندڌڌند فائرنگ ڪري ڏني فائرنگ جي نتيجي ۾ راحب مهر سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي وارثن ۽ علائقي واسين فوري طور شڪارپور اسپتال منتقل ڪيو جتان سندس ڳنڀير حالت سبب سکر اسپتال ريفر ڪيو ويو سکر اسپتال ۾ حالت وڌيڪ خراب ٿيڻ بعد زخمي راحب مهر کي گمبٽ جي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس علاج جاري هو پر رات دير سان هو زخمن جا سور نه سهندي زندگي جي جنگ هارائي ويو ۽ دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو.واقعي جي اطلاع ملڻ تي مقتول جي گهرڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته سڄي علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي.پوليس پاران ضروري ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم تعلقه اسپتال لکي غلام شاهه ٿيڻ بعد مقتول جو مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪو ڳوٺ پهچڻ تي هڪ ڀيرو ٻيهر روڄ راڙو ۽ ڪهرام مچي ويو.علائقي واسين جو چوڻ آهي ته مهر جتوئي تڪرار جو اڳ ئي فيصلو ٿي چڪو هو ان باوجود مبينا طور فيصلي جي ڀڃڪڙي ڪندي فائرنگ جو واقعو پيش آيو جنهن ۾ هڪ قيمتي انساني جان ضايع ٿي وئي علائقي واسين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري علائقي ۾ امن امان بحال ڪيو وڃي. ٻئي طرف مقتول جي نماز جنازه ڳوٺ جمعي مهر ۾ ادا ڪئي وئي علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت جنهن ڳوٺ مقامي قبرستان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

آهن استادن ۽ علائقي واسين سيڪريٽري تعليم کان واقعي جو فوري نوٽيس وٺي اسڪول ۾ سهولتون بحال ڪرڻ ۽ چوري ٿيل سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

اڳواڻي بار جي صدر اياز حسين ٿيبو ڪئي جڏهن ته ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن حيدرآباد جي ريلي جي اڳواڻي صدر شاڪر نواز شر ڪئي ريليون مختلف رستن کان ٿينديون ڪورٽ جي گيٽ آڏو پهتيون جتي وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري سنڌ جي وحدت، سالميت ۽ انتظامي ڍانچي کي برقرار رکڻ جي حق ۾ نعريبازي ڪئي وڪيل اڳواڻن چيو ته سنڌ جي تاريخي حيثيت مٽان ڪنهن به وار کي قبول نه ڪنداسين جنهن سان سنڌ جي وحدت متاثر ٿئي.احتجاج ڪندڙ وڪيلن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کنيا، جن تي سنڌ جي ورهاڱي خلاف ۽ سنڌ جي وحدت جي حمايت ۾ نعرا ۽ مطالبا درج هئا. وڪيلن چيو ته سنڌ جي عوام جي حقن وسيلن ۽ تاريخي حيثيت جو تحفظ سندن قانوني ۽ آئيني ذميواري پڻ آهي.ان موقعي تي بار اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ هڪ تاريخي ثقافتي ۽ جاگرافيائي وحدت آهي، ان جي ورهاڱي يا انتظامي تقسيم بابت ڪنهن به ڪوشش جي ڀرپور مخالفت ڪئي ويندي هنن چيو ته وڪيل برادري سنڌ جي وحدت بابت ڪنهن به مسئلي تي پنهنجي آئيني قانوني ۽ جمهوري جدوجهد جاري رکندي

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

ڪرڻ جو الزام استعفي ڏئي ڇڏي اسپتال عملي طرفان احتجاجن ڪم ڇڏي ريو مريضي دربدر عوام طرفان ڊي سي جي اسپتال عملي خلاف ڪارروائي بهترين اقدام ڪرار خبر موجب ٽنڊوالهيار ۾ ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري جو پنهنجي سموري اسٽاف سان گڏ 4 ڪلاڪن تائين ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جو سرپرائيز دورو ڪيو دوري دوران ڊي سي هڪ هڪ ڪمري سميت واش رومن ۽ آفيسن جو دورو ڪيو دوري دوران بيڊ شيٽون تبديل نه هئڻ مترل وارڊ صفائي بهتر نه هئڻ جي نشاندهي ڪئي جڏهن ته ڊي سي پاران ڊي ايڇ ڪيو جو ڪروڙين روپيا بجيٽ دوائن جي مد ۾ خرچ ڪري ختم ڪرڻ جو الزام پڻ هنيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪروڙين روپيا بجيٽ ملي ٿي جيڪا صرف دوائن جي مد ۾ خرچ ڪري ختم ڪئي وڃي ٿي پر سهولتون نه هئڻ برابر آهن عوامي شڪايتن تي دورو ڪيو آهي

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

ٿي وئي اطلاعن موجب، نامعلوم گاڏي موٽر سائيڪل کي ٽڪر هڻي فرار ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ 19 ورهين جي ريما ڌي لياقت علي باهوڪو سخت زخمي ٿي پئي ۽ زخمن جا سور نه ڏلڏي تي فوت ٿي وئي واقعي کان پوءِ حد جي پوليس لاش کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪيو جتي پوليس پاران عورت جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي آهي پوليس موجب، 19 سالا ريما جي سڃاڻپ سندس وٽان مليل شناختي ڪارڊ مان ڪئي وئي، جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ ۽ قانوني ڪارروائي جاري آهي

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

ته سندن چوڻ موجب زمين مان 8 ايڪڙ جو کاتو پڻ موجود آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڪجهه وقت پهرين زمين جي معاملي تي مشتاق ڏومڪي جيڪو تعليم کاتي جو ملازم هو جنهن کي مبينا طور فهيم شاهه جي چوڻ تي رند برادري جي ماڻهن هٿان قتل ڪيو ويو هو جنهن واقعي ۾ ملوث پنجن مبينا جوابدارن مان پوليس صرف هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو آهي جڏهن ته باقي جوابدار سرعام گهمي رهيا آهن ۽ ڪين مبينا طور موت مار ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيا آهن.هنن مبينا جوابدارن طور ممتاز رند، ساوڻ رند، چاڪر رند، فهيم شاهه ۽ سجاد شاهه جا نالا کنيا ۽ چيو ته ڪين جاني ۽ مالي نقصان جو خدشو آهي.احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي مٽياري کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي، سمورن نامزد مبينا جوابدارن کي قانون موجب گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڪين ۽ سندن خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

تحت داخل ڪيل ڦرلٽ ڪيس ۾ گهربل جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب ڪمال ديرو ٿاڻي جي حد ڳوٺ خاش ماڇي ۾ ست سال اڳ جوابدار پراڻي خوني تڪرار تان غلام حيدر ماڇي کي قتل ڪيو هو 2019ع کان ڪيس ۾ پوليس کي گهربل هو جنهن کي ڪارروائي دوران گرفتار ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار خلاف ڪيس نمبر 07/2019 تحت قلم 302، 506/2، 337-H(2)، 147، 148 ۽ 149 PPC لاڳو ٿيل آهن

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

وڪيلن احتجاج ڪيو ان موقعي تي وڪيلن سنڌ جي ورهاڱي خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته سنڌ جي وحدت زمين ۽ وسيلن تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي قبول نه ڪئي ويندي وڪيل اڳواڻن چيو ته سنڌ جي حقن لاءِ وڪيل برادري پنهنجو آئيني ۽ جمهوري ڪردار ادا ڪندي رهندي ۽ سنڌ جي ورهاڱي واري ڪنهن به ڪوشش خلاف ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي احتجاج دوران ضلعي ۽ سيشن ڪورٽ بدين سميت ضلعي جي ٻين عدالتن ۾ عدالتي ڪم ڪار معطل رهيو ۽ عدالتن جو بائيڪاٽ جاري رکيو ويو

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

رهيا ۽ آبپاشي عملدارن خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي جڏهن ته ڌرڻي سبب روڊ بند ٿي ويو مسافر سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو ڌرڻي تي موجود آبادگارن انور قمبراڻي علي نواز چانڊيو عبدالله اوڍيجو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اجاز تائين محمود واهه شاخ ۾ مسلسل پاڻي جي کوٽ آهي اسان آبادگار سراپا احتجاج آهيون ، سارين جو فصل پوکجي نه سگهيو زرخيز زمينون بنجر ٿي ويون ليڪن شاخ ۾ پاڻي جي هترادو کوٽ ختم نٿي سگهي اسان کي هٿ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي، نوٽيس وٺي محمود واهه شاخ ۾ پاڻي جي هترادو کوٽ ختم ڪرائي وڃي احتجاج ڪندڙ آبادگارن جو مطالبو

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

ڪارروائي ڪندي ايڪٽو ڪرمنل جوابدار غلام اصغر سندراڻي کي گرفتار ڪيو.پوليس موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان 9 ايم ايم پسٽل هٿ ڪيو ويو جنهن بعد جوابدار خلاف قانوني ڪارروائي ڪندي وڏا ماڇيون ٿاڻي تي ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا.پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته جاچ دوران جوابدار کان وڌيڪ اهم انڪشافن جي اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي.هوڏانهن ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي پاران ايس ايڇ او ٿاڻو وڏا ماڇيون ۽ سندس پوليس ٽيم جي بهترين ڪارروائي تي شاباشي جو پيغام جاري ڪيو ويو آهي.ايس ايس پي خيرپور پوليس اهلڪارن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو آهي ته ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري رکندي ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن

شوڪاز نوٽيس

اطلاع ڏني وڃي ٿي ته جناب روشن علي ولد جناب منظور علي جيڪو ايم ايس بليسنگ انٽرپرائيزز جو ملازم آهي 30 اپريل 2026 کان بغير ڪنهن اجازت ۽ اطلاع جي مسلسل غير حاضر رهيو آهي سندس اهو رويو اداري جي ضابطن تحت بدعنواني ۽ غفلت جي زمري ۾ اچي ٿو . روشن علي جي ڏنل آخري ايڊريس تي ٽي (03) الڳ الڳ شوڪاز نوٽيس موڪليا ويا پر انهي سندس غير موجودگي ۽ ايڊريس تي دستياب نه هجڻ سبب اهي نوٽيس وصول نه ٿي سگهيا آهن تنهنڪري هن اخباري نوٽيس ذريعي جناب روشن علي کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو وڃي ٿو ۽ هدايت ڪجي ٿي ته هو هن اشتهار جي اشاعت جي 07 ڏينهن اندر اداري جي انتظاميه آڏو پيش ٿئي ۽ پنهنجي غير حاضري بابت لکت ۾ وضاحت جمع ڪرائي. جيڪڏهن هو مقرر وقت اندر پيش نه ٿئي يا جواب نه ڏئي ته اهو سمجهيو ويندو ته سندس صفائي ۾ چوڻ لاءِ ڪجهه به ناهي اهڙي صورت ۾ انتظاميه ليبر قانون ۽ اداري جي ضابطن مطابق سندس خلاف هڪ طرفي ڪاروائي ڪندي جنهن جا سمورا نتيجا ۽ ذميواري سندس پنهنجي مٿان هوندي

ميسرز ايم ايس بليسنگ انٽرپرائيزز

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽڊ

URAAN PAKISTAN

(Wholly owned subsidiary of State Bank of Pakistan)

گُڊز جي خريداريءَ لاءِ | آڇون گهرائجن ٿيون

1. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽڊ (پروڪيورمينٽ) مالياتي سال 27_2026 لاءِ منصوبابندي ڪيل خريداريءَ لاءِ فنڊ مختص ڪيا آهن. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽڊ (پروڪيورمينٽ) ايڊوانس فنڊز مان حاصل ٿيندڙ رقم جو هڪ حصو T-3027-FA-REQ-1025-1-00166 سپلاءِ ۽ هائرنگ سروسز برائي مڪمل ايئر سائيڊ لوڪل ورڪس، بشمول تمام لاڳاپيل آلات، معاون آلات، ڊڪٽنگ، انسوليشن، پڪا، BMS، تنصيب ۽ BOQ جي مطابق ٻين لاڳاپيل شين جي معاهدي تحت اهل ادائگين جي تڪميل لاءِ استعمال ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي. جنهن جو حوالو "P97735"آهي.
2. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽڊ (پروڪيورمينٽ) EPADS v2.0 تي بوليءَ جي دستاويزن ۾ بيان ڪيل شين جي خريداريءَ لاءِ اهل واڪ ڏيندڙن کان مهربند آڇون طلب ڪري ٿي.
3. اسان جي خريداريءَ لاءِ هڪ مرحلي واري هڪ لفافي جو طريقو اختيار ڪيو ويندو. جڏهن ته انتخاب گهٽ ۾ گهٽ لاڳت تي ٻڌل انتخاب (LCBS) ٽيڪنڪ تحت آڇ جو جائزو ورتو ويندو اهو عمل پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2004 ۽ لاڳاپيل اٿارٽيءَ پاران وقت بوقت جاري ڪيل سڀ ضابطا، ريگوليٽري گائيڊنس، پروڪيورمينٽ گائيڊلائنز ۽ هدايتن جي مطابق هوندو.
4. سڀني آڇن سان گڏ واڪ دستاويزن ۾ ڏنل زرضمانت جي شق مطابق مقرر ڪيل رقم جي بڊ سيڪيورٽي لازمي لڳل هجڻ گهرجي. جيڪا پي آرڊر يا بئنڪ گارنٽيءَ جي شڪل ۾ جمع ڪرائي سگهجي ٿي. يا متبادل طور سڀني آڇن سان گڏ واڪ دستاويزن ۾ ڏنل مقرر فارميٽ مطابق بڊ سيڪيورٽي ڊڪليئريشن به جمع ڪرائي سگهجي ٿي.
5. اليڪٽرانڪ واڪ دستاويز جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، ٽيڪنيڪي خاصيتون ۽ ٻي ضروري ڄاڻ شامل آهن. اي_پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) جي لنڪ https://epads.gov.pk/opportunities/federal/procurements/97735 تي رجسٽرڊ سڀني دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن لاءِ دستياب آهن. آڇ جي عمل ۾ شرڪت لاءِ سڀني واڪ ڏيندڙن جو EPADS v2.0 تي رجسٽرڊ هجڻ لازمي آهي.
6. اليڪٽرانڪ آڇون، جيڪي اليڪٽرانڪ واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيون ويون هجن، اڱارو، 06 آڪٽوبر 2026، صبح جو 11:00 وڳي تائين لازمي طور تي EPADS v2.0 جي ذريعي جمع ڪرايون وڃن. اليڪٽرانڪ آڇون ان ئي ڏينهن اڱارو، 06 آڪٽوبر 2026، صبح جو 11:30 وڳي EPADS v2.0 ذريعي کوليون وينديون. هٿرادو جمع ڪرايل آڇون قابل قبول نه هونديون. اهي سپلائرز/فراهم ڪندڙ جن اڃا تائين EPADS جي نئين ورزن تي رجسٽريشن ناهي ڪرائي، اهي https://vendors.epads.gov.pk تي پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪري سگهن ٿا. رجسٽريشن جي طريقيڪار جي وضاحت لاءِ تربيتي وڊيو لنڪ https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc تي دستياب آهي.

پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2004 جي رول 48 جي مطابق، اسان جي خريداريءَ جي شڪايتن جي ازالي لاءِ ڪميٽي (GRC) جوڙي وئي آهي، جنهن جو نوٽيفڪيشن خريداري ڪندڙ اداري جي ويب سائيٽ ۽ پي پي آر اي (PPRA) جي ويب سائيٽ (www.ppra.org.pk) تي دستياب آهي.

ڊپٽي جنرل مئنيجر (پروڪيورمينٽ) پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽڊ، جناح ايونيو، ملير هالٽ، ڪراچي.
فون: 0000-687-333-92+ اي ميل: furqan.awan@pspc.gov.pk

PID K-831/26

ٽنڊوآدم ۾ انتظاميا پاران ٻئي ڏينهن به حددخلين خلاف آپريشن جاري

اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي جي اڳواڻي ۾ عملدارن ڪارروايون جاري رکيون

لطيف گيٽ، ڪالي روڊ، حيدرآباد روڊ ۽ ٻين هنڌن تان غيرقانوني اڏاوتون هٽايون ويون

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ عدالت جي حڪم تي انتظاميا ۽ ميونسپل اختيارين پاران حد دخلين خلاف ٻئي ڏينهن به اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي، مختيارڪار امام الدين لاڙڪ، سي ايم او عبدالحميد ملڪ، اينٽي انڪروچمينٽ انچارج عمران سمون ، عبدالحميد بلوچ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ميونسپل عملي پوليس سان گڏ شهر جي لطيف گيٽ، ڪالي روڊ، حيدرآباد روڊ ۽ ٻين هنڌن تي آپريشن ڪري ڇپرا ۽ دڪا ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا ۽ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: عملدار حد دخلين هٽائڻ واري مهم جو معائنو ڪري رهيا آهن

ايم آر ڊي جي شهيدن جمهوريت جي بحالي لاءِ قرباني ڏئي امر ٿي ويا: پير مجيب

پ پ سنڌ جي ورهاڱي کي اسيمبلي فلور تي رد ڪري چڪي آهي

پير مجيب جي ڪڪڙ ۾ غلام رسول ٻبر سان تعزيت بعد ميڊيا سان ڳالهيون

ڪڪڙ (ن ع) پ پ ضلع دادو جي صدر ايم پي اي پير مجيب الحق ڪڪڙ پهچي پ پ اڳواڻ غلام رسول ٻبر سان سندس گهر واري جي وفات تي تعزيت ڪندي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو، ان موقعي تي پ پ ضلعي صدر پير مجيب الحق ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته 12 سيپٽمبر تي ايم آر ڊي تحريڪ دوران شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ پ پ سنڌ پاران شهيدن جو ڏهاڙو سنڌ ۾ ملهائي رهي آهي ۽ ڪي اين شاهه ۾ پ پ جو شهداء بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ عورت جو مبينا اغوا ٿيل ڌيءُ جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ٽنڊو ميرڪرم خان واسي نسيم خاتون شيخ پنهنجي ڌيئرن سان گڏ احتجاج ڪيو

ڌيءُ شادي شده سويرا شيخ کي مهينو اڳ اغوا ڪيو ويو آهي پوليس ڪيس داخل ڪجي

گمبٽ(ت ر) گمبٽ ويجهو ٽنڊو مير ڪرم خان ڳوٺ جا رهواسي نسيم خاتون شيخ پنهنجي ڌيئرن سان گڏجي گمبٽ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 7-8-2026 تي آگسٽ ۾ منهنجي ڌيءُ شادي شده سويرا شيخ پنهنجي گهران نڪري پنهنجي ماسي جي گهر وڃي رهي هئي ته رستي مان غائب ٿي وئي اسان ڪافي ڳولا بعد پنهنجي سڄ مائٽ مان ڳولا ڪرڻ بعد سويرا اسان کي نه ملي سگهي ۽ ان جو موبائل نمبر به بند بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو ۾ سنڌ جي ورهاڱي، نون ڪئنالن ۽ ڊيمن خلاف عوامي سجاڳي ريلي

عوامي تحريڪ جي سڏ تي نڪتل ريلي پريس ڪلب چوڪ تي پهچڻ بعد ڌرڻو هنيو ويو

سنڌو درياهه تي ڌاڙي، زمينن تي قبضن ۽ جلالپور سميت نون ڪئنالن جي تعمير خلاف مزاحمت جو اعلان

بدين (ذ ر) عوامي تحريڪ پاران اعلانيل عوامي سجاڳي مهم جي سلسلي ۾ عوامي تحريڪ ٽنڊوباگو پاران سي اين جي پمپ تان عوامي سجاڳي ريلي ڪڍي پريس ڪلب چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو جنهن جي عوامي تحريڪ ضلعي بدين جي صدر مهراڻ درس،سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ پره هاليپوٽو بيگم زئور وڪيل محبت هاليپوٽو وڪيل فاضل زئور مختيار بکاري جيون ڪمار سجل هاليپوٽو پرشوتم ڪولهي ستو ڪولهي سريش ڀيل ۽ ٻين بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو5

بدين: عوامي تحڪري پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌ تاريخي وطن آهي، وحدت، وسيلن ۽ قومي حقن جي حفاظت سڀني جي ذميواري آهي: قادر مگسي

سنڌ جي عوام کي جاڳائي، منظم ڪري پرامن جمهوري ۽ عوامي جدوجهد ذريعي سنڌ خلاف ٿيندڙ هر سازش کي ناڪام بڻايو ويندو

ڪراچي اندر رهندڙ لکين سنڌين ۽ سنڌي آبادين کي مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي، انهن آبادين ۾ بنيادي سهولتن جي سخت کوٽ آهي

ايس ٽي پي جو چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي آمريڪا جو نجي دورو مڪمل ڪرڻ بعد ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪارڪنن کي خطاب

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جو چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي آمريڪا جو نجي دورو مڪمل ڪرڻ بعد ڏيهه واپس پهچي ويو جتي ڪراچي ايئرپورٽ تي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

تلهار تعلقي اسپتال جو تعميراتي ڪم بند، راڄوخاناڻي ۾ جي يو آءِ جي احتجاجي ريلي

رڪيل اسپتال جو ڪم جلد شروع ڪري مقرر مدي اندر مڪمل ڪرڻ لاءِ نعريبازي

راڄوخاناڻي لائبريري، گرلس هاءِ اسڪول ۽ بند اسڪولن جا مسئلا حل ڪيا وڃن:مظاهرين

راڄوخاناڻي(ن ع) راڄوخاناڻي ۾ جمعيت علماءِ اسلام يونٽ راڄوخاناڻي طرفان تعلقي سول اسپتال تلهار جو تعميراتي ڪم گذريل ڪن سالن کان بند هجڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي راڄوخاناڻي پريس ڪلب کان شروع ٿي سلطاني موري تائين پهتي جنهن ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي ڪارڪنن سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مظاهرين طرفان تعلقي اسپتال تلهار جو رڪيل ڪم جلد شروع ڪري مڪمل ڪرائڻ لاءِ سخت بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سعيد آباد: ڏومڪي برادري پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور پوليس مختلف ڪارروائين ۾ 5 جوابدارن کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

ڪارروائيون صوڀوديرو،ڪوٽ ڏيجي، راڻي پور ۽ پيروسڻ جي علائقن ۾ ڪيون ويون: ايس ايس پي

گرفتار جوابدارن ۾ شيراز سهتو، غلام سرور سيال، محراب سوٽيو، جنيد لاڙڪ، بقص عرف ڪارو ٻانڀڻ شامل

جوابدارن جي قبضي مان چرس، پنگ، نشيدار سوپاريون ۽ 4 موٽرسائيڪلو برآمد ڪري وڌيڪ جاچ ڪريون پيا

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد ڀنڀرو) خيرپور پوليس مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪامياب ڪارروايون ڪندي منشيات فروشن ۽ روپوش جوابدار سميت 5 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو.ان ڳالهه ايس ايس پي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ ڪيميڪل کير ۽ مدي خارج شين جي وڪري خلاف شهرين جو احتجاج

صحت لاءِ هاڃيڪار ڪيميڪل کير ۽ ملاوٽي شين جي وڪري بند ڪرايو وڃي:مظاهرين

ڊي سي دادو فوڊ اٿارٽي ۽ اي سي ڪي اين شاهه ملاوٽ ڪندڙن خلاف قدم کڻن

ڪڪڙ(ن ع) ڪڪڙ شهر ۽ مختلف شهرن ۾ صحت لاءِ هاڃيڪار ڪيميڪل کير مدي خارج ۽ ملاوٽي شين جو وڪرو جاري فوڊ اٿارٽي اکيون ٻوٽي ستل، شهرين احتجاج مظاهرو ڪري سخت ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو ان موقعي تي محمد رمضان ٻبر فقير عبدالنبي ساريو ممتاز علي، برڪت علي جويو احسان مري، عبدالرزاق، اياز حسين، نديم ملاح، نثار احمد ۽ ٻين ٻڌايو آهي ته ڪڪڙ شهر ۽ ٻين مختلف شهرن جنهن ۾ ڪڪڙ پيارو اسٽيشن، خانپور بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خيرپور بار پاران سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف عدالتي ڪاررواين جو بائيڪاٽ

وڪيلن سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي سيد جعفر علي شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي سنڌ جي وحدت تي ڪو به وار برداشت نه ڪيو ويندو: اڳواڻ

خيرپور(ذر) سنڌ بار ڪائونسل پاران سنڌ سان ٻڌي جي اظهار جي عنوان هيٺ سموري سنڌ جيان خيرپور ۾ به عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ حاضري تي آيل ماڻهن کي نيون تاريخون ڏئي واپس روانو ڪيو ويو.تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي وڪيلن سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ کي لبيڪ ڪندي سنڌ سان سان ٻڌي جو اظهار ڪيو آهي .ان موقعي تي سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر سيد جعفر علي شاهه ۽ ٻين وڪيلن چيو بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو5

گمبٽ ۾ وڌندڙ بدامني ڌوهن ڦرين چورين خلاف واپاري برادري جو احتجاجي مظاهرو

واپارين، شهرين ۽ سماجي اڳواڻن عرفان ميمڻ ۽ ٻين پڃائي چوڪ تي ڌرڻو هڻي احتجاج ڪيو

فوري طور واپاري جو چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي امن بحال ڪرايو وڃي: مظاهرين

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ ۾ وڌندڙ بدامني ڌوهن ڦرين چورين خلاف گمبٽ جي واپاري برادري شهرين جو گمبٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ۽ سخت نعريبازي احتجاجي مظاهرو گمبٽ جي شاهي بازار ،اڳڙا گمبٽ روڊ ،شيخ چوڪ ،صرافيه بازار ۽ پڃائي چوڪ جي واپاري اڳواڻن شهرين سماجي اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت گمبٽ ۾ بدامني عروج تي آهي ڦريون بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ مبينا غلط انجيڪشن بعد حامله عورت جي حالت خراب، ٻار فوت، احتجاج

وارثن پاران فوت ٿيل ٻارڙي جو لاش کڻي پريس ڪلب آڏو احتجاج، عملي ۽ ڊاڪٽرن خلاف نعريبازي

متاثر عورت کي ويڪسين لڳڻ کانپوءِ انفيڪشن ۽ حالت خراب ٿي وئي، صحيح علاج نه ٿيڻ سبب ٻار فوت ٿيو:مظاهرين

پي پي ايڇ آءِ انتظاميا پاران انڪوائري جو اعلان، غفلت ثابت ٿيڻ تي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي جي خاطري

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:سڪندر علي بجير) اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺ سينگارو واسي منظور ساند، پناڻي ٻائي هارون ساند ۽ ٻين پاران گذريل ڏينهن پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته پي پي ايڇ آءِ تعلق اسپتال ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ متاثره عورت شهناز بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

اسلامڪوٽ: ڳوٺاڻا ويم دوران غلت انجيڪشن لڳڻ سبب ٻارڙي جي فوت ٿيڻ تي احتجاج ڪري رهيا آهن

جاتي گورنمينٽ هائير اسڪول ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي تقريب منعقد

جاتي(ن ع) گورنمينٽ ڪمپس هائير سيڪنڊري اسڪول جاتي ۾ پرنسپال معشوق خواجه ۽ هيڊماسٽر حسين آزاد ميمڻ جي ميزباني هيٺ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي پروقار تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جاتي غلام قادر ٿهيڙيو شهرين والدين استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

جاتي: محفل ميلاد کي عالم خطاب ڪري رهيا آهن

پٽ شاهه ۾ لائيو اسٽاڪ ۽ اينيمل هسبينڊري کاتي جو ڊاڪٽر ۽ عملو غائب، اسپتال ويران

چوپائي مال ۾ مختلف بيمارين جي پکڙجڻ سبب ٻن مهينن دوران 60 کان وڌيڪ ڍور مري وڃڻ جو انڪشاف

سرڪاري عملي پاران ڊيوٽي سرانجام ڏيڻ بدران مبينا طور خانگي ماڻهن جي حيثيت ۾ جانورن جو علاج ڪيو پيو وڃي:علائقي واسي

صوبائي وزير سرڪاري جانورن جي اسپتال جي صورتحال، ڊاڪٽرن ۽ عملي جي غير حاضري جو نوٽيس وٺي

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ چوپائي مال ۾ مختلف بيمارين جي پکڙجڻ سبب گذريل ٻن مهينن دوران 60 کان وڌيڪ ڍور مري وڃڻ جو انڪشاف ٿيو آهي جڏهن ته بروقت ويڪسين ۽ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو5

ڪڪڙ: ايم پي اي پير مجيب الحق ڪڪڙ ۾ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

راضيديرو ۽ پرپاسي بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو، 3 وارداتون

خيرپور لاڙڪاڻو روڊ تي هٿياربندن ٽن ڪلاڪن اندر ٽن وارداتن ۾ لکين روپين جي ڦرلٽ ڪئي

سجاڳ ٿي آهي ڦورن تائين پهچڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪندس جلد گرفتار ڪيا ويندا: ايس ايڇ او

راضيديرو(ن ع) ضلعي خيرپور ميرس جو انتظامي ڍانچو چڪنا چور ٿي ويو چورن ڦورن ضلعي خيرپور جي پوليس جون مٿيون منجهائي ڇڏيون پوليس جو پيرو کُڙو ئي نه پيو لڳي دماغي طور تي پوليس مفلوج ٿي چڪي آهي خيرپور لاڙڪاڻو روڊ عوام لاءِ نوگو ايريا بڻجي ويو راضيديرو لڳ راضيديرو يونين ڪائونسل ڪڇو ۾ قائم ٿيل ڪڇي جي ٽاڪي محبوب ڪلهوڙو بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو5

شڪارپور بار پاران امڪاني ورهاڱي خلاف عدالتي ڪاررواين جو بائيڪاٽ

وڪيلن اظهر عباسي، محمد علي ميمڻ، ڊر محمد سومرو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سنڌ جي وحدت ۽ خودمختياري تي ڪنهن به قسم جو وار قبول نه ڪيو ويندو: اڳواڻ

شڪارپور (ذ ر)سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي سڄي سنڌ جيان شڪارپور ۾ ڊسٽرڪٽ بار جي وڪيلن طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي ۽ عدالتي ڪاروائي جو بائيڪاٽ ڪيو ريلي جهاز چوڪ کان پريس ڪلب تائين ڪڍي وئي ڪڍي وئي ريلي جي قيادت سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر ايڊووڪيٽ اظهر حسين عباسي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن شڪارپور جي صدر ايڊووڪيٽ محمد علي ميمڻ ، جنرل سيڪريٽري ڊر محمد سومرو ڪئي نڪتل بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو5

The Sindh Unity Day
The division of Sindh will never be accepted
شڪارپور ڊسٽرڪٽ بار شڪارپور جا وڪيل نون صوبن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز بار پاران امڪاني ورهاڱي خلاف عدالتي ڪاررواين جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج ڪيو

نوشهروفيروز(ذ ر)نوشهروفيروز ۾ سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي وڪيلن پاران عدالتي ڪاررواين جو بائيڪاٽ ڪرڻ بعد احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن جي اڳواڻي ايڊووڪيٽ عبدالستار لهراڻي، ايڊووڪيٽ محمد اياز مري ،ايڊووڪيٽ شوڪت علي ٻوهيو ايڊووڪيٽ زاهد علي شاهه، ايڊووڪيٽ رياض حسين سولنگي ، بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

چاهه نواز علي ويجهو هٿياربندن ڦر مزاحمت تي نوجوان کي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

چاهه نواز علي (ن ع) ٺٽون اباد ٿاڻي جي حد ۾ ٺٽون آباد /ڪنڌياري روڊ تي ڊمبو ٻبر وٽ نامعلوم جوابدارن هٿان ڏينهن ڏٺي نوجوان واپاري تماچي پٽ هرڪو ڀيل کي هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري ڪيس تشدد جو نشانو بڻايون مذاحمت ڪرڻ تي فائرنگ جي نتيجي ۾ ڪيس پير ۾ گولي لڳڻ سبب شديد زخمي ٿي ويو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو5

سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ وسيلن تي قبضن ۽ ڪئنالن جي تعمير خلاف ٺٽي ۾ ڪانفرنس

سجاڳ ٻار تحريڪ جي 48هين سالگرهه، سنڌ جي وحدت ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو عزم

سنڌ ۾ نئون صوبو، نئون يونٽ يا مڪاني نظام قبول نه ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي: ڪانفرنس کي خطاب

ٺٽو (ذ ر) سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازشن معدني وسيلن ۽ زمينن تي قبضن جلالپور سميت سمورن ڪئنالن ۽ ڊيمن جي تعمير خلاف ڪانفرنس ۽ سجاڳ ٻار تحريڪ جي 48هين سالگرهه مڪلي ۾ ملهائي ويئي جنهن جي اڳواڻي سجاڳ ٻار تحريڪ جي مرڪزي صدر سرمد خاصخيلي عوامي تحريڪ ضلعي صدر رزاق چانڊيو سنڌي مزدور تحريڪ جو مرڪزي آرگنائيزر خالق گندرو عوامي تحريڪ ضلعي اڳواڻ محمد مارو خشڪ، سجاڳ ٻار تحريڪ جي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٺٽو: سجاڳ ٻار تحريڪ جي سالگرهه تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٽنڊو باگو جي معزز شخصيت سائين ٿٿو مل موروائي جي گهر واري جو ديهانت ٿي ويو

بدين (ذ ر) ديوان برادري ٽنڊو باگو جي معزز شخصيت ۽ نامياري تعليمدان مرحوم سائين ٿٿو مل موروائي جي گهر واري ۽ سائين ويرومل موروائي، ڪيول موروائي ۽ هيمون موروائي جي والده لڪي موروائي رکشن موروائي ۽ اوم پرڪاش موروائي جي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم ۾ مبينا جڙتو ڪيس خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافي عرفان سنڌي جو ڀاءُ گرفتار، وارثن ۽ جو پريس ڪلب اڳيان احتجاج

فاضل مگنهار کي جبري گرفتار ڪري تشدد بعد جڙتو ايف آءِ آر داخل ڪئي آهي:مظاهرين

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) بلڙي شاهه ڪريم پرسان يونين ڪائونسل جنهاڻ سومرو جي ڳوٺ محمد صديق مگنهار جو رهواسي پورهيت فاضل مگنهار ايس ايڇ او بلڙي شاهه ڪريم پاران داخل ڪيل مبينا جڙتو ڪيس مان آزاد نه ٿيو سندس آزادي لاءِ وارثن پاران سندس ڀاءُ صحافي عرفان سنڌي ۽ ننڍڙن معصوم ٻارڙن سان گڏ پريس ڪلب آڏو هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت احتجاج، ايس ايڇ او بلڙي شاهه ڪريم خلاف نعري بازي ڪئي وئي ايس ايڇ او بقايا نمبر15 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل پوليس پاران مقابلي بعد جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

پنوعاقل(ن ع) پني عاقل لڳ مبينا پوليس مقابلو جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار سٽي ٿاڻي جي حد ٻکر روڊ تي پوليس مقابلو جوابدار ذوالفقار ٻوزدار زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار تي ڪيترائي ڪيسز داخل آهن. مقابلي بعد ڪيس گرفتار ڪيو سندس ساٿي فرار ٿي ويا:ايس ايڇ او عبدالشڪور لاڪو

ملاڪاتيار پرسان باهه ۾ ٻن معذور ڀائرن جا گهر سڙي رک، خاندان کليل آسمان هيٺ

باهه ۾ موٽرسائيڪل هنڌ بسترا ڪپڙا ٿانوَ ۽ کاڌ خوراڪ سميت سمورو سامان سڙي خاڪ

سرڪاري واهر نه ٿيڻ تي متاثر خاندان سخت ڏکيائين ۾، سماجي اڳواڻ رضيه سهتو پاران راشن، بسترا ۽ مالي مدد

ملاڪاتيار (ن ع) ڪيٽل فارم پرسان ڳوٺ محمد عارب سليو ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ باهه لڳڻ سبب ٻن معذور ڀائرن سڪندر علي ولد مير حسن سليو ۽ واحد بخش ولد مير حسن سليو جا گهر سڙي رک ٿي ويا، جنهن سبب غريب ڀائرن جو سمورو الهه تلهه تباهه ٿي ويو.باهه ايتري ته شدت سان پکڙي جو گهرن ۾ موجود موٽرسائيڪل هنڌ بسترا ڪپڙا ٿانو کاڌ خوراڪ سميت گهر جو سمورو سامان سڙي خاڪ ٿي ويو جڏهن ته ٻنهي معذور ڀائرن جا خاندان سخت بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو5

سيوهڻ: سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز ۽ ڪمشنر حيدرآباد سيوهڻ ۾ ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺي رهيا آهن

راڻي پور اڳوڻي وفاقي وزير سيد عبدالقادر شاهه جيلاني جي 15 هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

راڻيپور(ن ع) راڻي پور جي بزرگ هستي پي پي جو سينئر اڳواڻ اڳوڻي وفاقي وزير الحاج پير سيد عبدالقادر شاهه جيلاني جي 15 هين ورسي جيلاني هائوس راڻي پور تي وڏي عقيدت و احترام سان ملهائي وئي، ورسي ۾ وڏي انگ ۾ سياسي سماجي اڳواڻن شهرين مريدن عقيدتمندن ۽ چاهيندڙن شرڪت ڪئي انهيءَ موقعي تي ايم اين اي پير سيد فضل علي شاهه سنڌ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: باسڪيٽ بال جي ٽورنامينٽ ۾ شاگرديائيون کيڏي رهيون آهن

ايڊووڪيٽ عاشق علي لغاري پاران وفا ناٿن شاهي پبلڪ لائبريري لاءِ واٽر ڪولر جو تحفو

اي سي ڊاڪٽر عدنان منير ٽنيو سميت معزز شخصيتن واٽر ڪولر جو گڏيل افتتاح ڪيو

پبلڪ لائبريري نوجوانن ۽ شاگردن لاءِ علم ۽ مطالعي جو اهم مرڪز آهي: مقرر

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) خيرپور ناٿن شاهه بار جي جنرل سيڪريٽري ۽ سينيئر ايڊووڪيٽ عاشق علي لغاري پاران وفا ناٿن شاهي پبلڪ لائبريري لاءِ پنهنجي ذاتي خرچ تي واٽر ڪولر تحفي طور ڏنو ويو واٽر ڪولر جي افتتاحي تقريب ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر کي اين شاهه ڊاڪٽر عدنان منير ٽنيو ايڊووڪيٽ عاشق علي لغاري پيپلز لائرز فورم جي صدر سينيئر ايڊووڪيٽ راشد علي چانڊيو لائبريري انچارج محمد تقي ۽ سگا جي وائيس پريزيڊنٽ سيد عمران شاهه شرڪت ڪري گڏيل طور افتتاح ڪيو تقريب کي خطاب ڪندي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ جمعيت طلبه اسلام پاران سفارش تي نوڪريون ڏيڻ خلاف مظاهرو

مظاهرين مولانا حسين ڪورائي، ساجد رحمان ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

محنت ڪندڙ نوجوانن کي ميرٽ تي نوڪريون نه ڏنيون ويون ته سخت احتجاج ڪيو ويندو

نوشهروفيروز (ذ ر)نوشهروفيروز ۾ جمعيت طلبه اسلام پاران سرڪاري نوڪرين ۾ ميرٽ ڪرڻ بجاءِ رشوت ۽ سفارش تي ڏيڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي مولانا حسين ڪورائي، ساجد رحمان ڪوسو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا جن حقن جي حاصلات لاءِ نعري بازي به ڪئي ان موقعي تي ميڊيا اڳيان دانهيندي ڪارڪن جي اڳواڻي ڪندڙن چيو ته اسان جي ملڪ خاص ڪري سنڌ صوبي ۾ جيڪي شاگرد محنت ڪري اعلي تعليم حاصل ڪن ٿا انهن کي ميرٽ تي نوڪريون ڏيڻ بجاءِ سفارش ۽ رشوت بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ ورهاڱي ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف وڪيلن جو مظاهرو

وڪيلن حيدر علي انڙ، واجد خاصخيلي، فهيم انڙ ۽ مير احمد مگريو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سنڌ جو ورهاڱو قبول نه ڪبو سنڌ دشمن منصوبن خلاف هر فورم تي احتجاج ڪنداسين: خطاب

ڪوٽڙي (ن ع) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ڄامشورو پاران سنڌ جي امڪاني ورهاڱي، سنڌو دريا تي ڪينال تعمير ۽ ٻين سنڌ دشمن منصوبن خلاف عدالتن ڪاروائين جو بائيڪاٽ ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي ۽ ڪورٽ اڳيان مظاهرو ڪيو جنهن جي اڳواڻي ڊسٽرڪٽ بار جي ايڊووڪيٽ حيدر علي انڙ واجد خاصخيلي فهيم انڙ ۽ مير احمد مگريو ڪئي ان موقعي تي هنن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ بهادر وڪيل برادري ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جو ورهاڱو قبول نه ڪندي ۽ اهڙن سنڌ دشمن منصوبن خلاف هر فورم تي ڀرپور احتجاج ڪنداسين

گمس ۾ روڊ حادثن ۽ ٻين هنگامي صورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيز رفتار ٽراما رسپانس ورڪشاپ

ڪوشش آهي ته شاگردن کي جديد خطن تي معياري ۽ پيشيوراڻي ٽريننگ فراهم ڪئي وڃي: ڊائريڪٽر

گمس جو شمار ملڪ جي بهترين اسپتالن ۾ ٿئي ٿو ۽ هتي غريب ۽ مستحق مريضن جو مفت علاج ڪيو پيو وڃي

هن قسم جا ورڪشاپ نه رڳو تعليمي لحاظ کان اهم آهن پر هي هڪ وڏو نيٽ ورڪنگ پليٽ فارم پڻ آهن

گمبٽ (رپورٽ : مريد حسين ڪاتوري) گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز گمس گمبٽ ۾ روڊ ٽريفڪ حادثن ۽ ٻين هنگامي صورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيز رفتار ٽراما رسپانس ورڪشاپ جو منعقد بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه ويجهو مهر جتوئي تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو

جمع ڳوٺ واسي راحب مهر گهروراڙي سان گڏ ڳوٺ وڃي رهيو هو ته هٿياربندن انڌاڌنڌ فائرنگ ڪري زخمي ڪيو

زخمي کي ڳنڀير حالت ۾ گمبٽ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو

پوليس مقتول جو پوسٽ مارٽم تعلقه اسپتال مان ڪرائڻ بعد مڙهه وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

لکي غلام شاهه(رپورٽ عبدالرزاق مهر) لکي غلام شاهه ويجهو جمع ڳوٺ ۾ مهر جتوئي ڌرين وچ ۾ ٿيل تڪرار جو فيصلو ٿيڻ باوجود مبينا طور جتوئي ڌر پاران فيصلي جي ڀڃڪڙي ڪندي هٿياربند بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه: مهر ۽ جتوئي برادري جي تڪرار ۾ قتل ٿي ويل نوجوان جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

پنوعاقل لڳ ڳوٺ صلاحي چاچڙ جي پرائمري اسڪول مان چوري الهه تلهه ڪڍي فرار ٿي ويا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل: ڳوٺ صلاحي چاچڙ جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول مان چوري، نامعلوم چور سولر پليٽون پکا، ٿڌي پاڻي جي ٽانڪي جو آئوٽر ۽ ٻيو سامان کڻي فرار ٿي ويا. اسڪول مان سهولتون ختم ٿيڻ سبب شاگرد سخت گرمي ۾ ڪلاسن اندر پڙهڻ تي مجبور بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: واٽر اينڊ سيوريج جي اليڪشن ۾ ووٽ ڪاسٽ ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد ۾ سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف وڪيلن جون احتجاجي ريليون

سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي هاءِ ڪورٽ بار ۽ ڊسٽرڪٽ بار جي وڪيلن جو احتجاج

سنڌ جي وحدت، سالميت ۽ انتظامي ڍانچي خلاف ڪنهن به ڪوشش کي قبول نه ڪنداسين: وڪيل

سنڌ جي عوام، وسيلن ۽ تاريخي حيثيت جي تحفظ لاءِ آئيني، قانوني ۽ جمهوري جدوجهد جاري رکي ويندي

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد جي امڪاني ورهاڱي خلاف وڪيلن جون ريليون سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي احتجاج ڪيو ويو سنڌ جي امڪاني ورهاڱي ورهاڱي واري ڪنهن به تجويز خلاف سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي حيدرآباد ۾ وڪيل برادري طرفان احتجاجي ريليون ڪڍيون ويون سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن حيدرآباد جي ريلي جي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ڊي ايڇ ڪيو اسپتال تي ڇاپو رڪارڊ طلب، ايم ايس سميت 37 ڊاڪٽرن ۽ 98 ملازمن جون استعيفائون

ڊي سي نور مصطفيٰ لغاري پاران اسپتال جي صفائي، دوائن ۽ سهولتن بابت سخت خدشا ظاهر رڪارڊ نه ڏيڻ جو الزام

ايم ايس ڊاڪٽر مريم رخسانه جو استعيفيٰ، ڊي سي ۽ انتظامي آفيسرن جي مداخلت کي ڪم ۾ رڪاوٽ قرار ڏيڻ جو موقف

استعيفائن باوجود ڊاڪٽرن ۽ ملازمن جو رضاڪاراڻي طور ڪم جاري، مريضن جي پريشاني وڌي وئي

ٽنڊوالهيار (ذ ر) ٽنڊوالهيار ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ مبينه ڪرپشن ڊي سي جو دورو ريڪارڊ طلب ايم ايس طرفان ريڪارڊ ڏيڻ کان انڪار ايم ايس طرفان حراسان بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

لوڻي ڪوٽ وٽ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار نوجوان عورت فوت، لاش ڪوٽڙي منتقل

ڪوٽڙي (ن ع) ايم نائن موٽر وي تي لوڻي ڪوٽ وٽ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار نوجوان عورت فوت بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو5

مٽياري ۾ زمين جي تڪرار ۽ مبينا ڌمڪين خلاف ڏومڪي برادري جو احتجاج

مظاهرين ايس ايس پي آفيس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

زمين تڪرار تان مسلسل موت مار ڌمڪيون ملي رهيون آهن، نوٽيس ورتو وڃي:مظاهرين

مٽياري (ذ ر) مٽياري ۾ زمين جي تڪرار ۽ مبينا ڌمڪين خلاف متاثر ڌر پاران ايس ايس پي مٽياري آفيس کان مٽياري پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن ۾ الله رکيو قيصر خان، رئيس ڪمال خان، محب علي ۽ شاهلي خان ڏومڪي سميت ٻين شرڪت ڪئي احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته ڳوٺ روڙي خان ڏومڪي ۾ 90 ايڪڙ زمين جي تڪرار تان کين مسلسل پريشان ڪيو پيو وڃي، جڏهن بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز: اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٻيا تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

سنڌ جي ورهاڱي خلاف بدين ۾ عدالتي ڪاررواين جو بائيڪاٽ

بدين بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي ضلعي جي سمورين عدالتن ۾ وڪيلن جو احتجاج

سنڌ جي وحدت، زمين ۽ وسيلن تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي قبول نه ڪنداسين: وڪيل اڳواڻ

بدين (ذ ر) سنڌ جي ورهاڱي ۽ سنڌ کي ٽوڙڻ واري ڪنهن به سازش خلاف بدين بار ايسوسيئيشن جي سڏ تي سيشن ڪورٽ بدين سميت ضلعي جي سمورين عدالتن ۾ عدالتي ڪاروائي جو بائڪاٽ ڪيو ويو جڏهن ته وڪيلن عدالتن ۾ احتجاج ڪندي سنڌ جي حقن جي تحفظ لاءِ نعريبازي ڪئي بدين بار ايسوسيئيشن جي صدر ايڊووڪيٽ احسان علي پرڳڙي ايڊووڪيٽ عمران لنڊ ايڊووڪيٽ اصغر چانگ ايڊووڪيٽ محمد رفيق جي اڳواڻي ۾ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڪمال ديرو پوليس پاران قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪمال ديرو (ن ع) ڪمال ديرو پوليس جي ڪارروائي قتل ڪيس ۾ 7 سالن کان گهربل جوابدار ارشد علي ولد عطا محمد سولنگي گرفتار پوليس اهم ڪارروائي ڪندي قتل سميت مختلف سنگين قلمن بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو5

بٺوري ۾ پاڻي جي شديد کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاجي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

محمود واهه ۽ بگهاڙ شاخ ۾ پاڻي کوٽ خلاف آبادگارن سجاول-حيدرآباد ٻاءِ پاس تي ڌرڻو هنيو

پاڻي نه ملڻ سبب سارين جو فصل پوکي نه سگهيا آهيون، زرخيز زمينون بنجر ٿيڻ لڳيون آهن: آبادگار

محمود واهه شاخ ۾ مبينا هٿرادو پاڻي جي کوٽ ختم ڪرائي آبادگارن کي رليف ڏياريو وڃي

ميرپوربٺورو (رپورٽ قاسم رنگريز) تعلقي ميرپوربٺورو جي محمود واهه شاخ ۽ بگهاڙ شاخ ۾ لاڳيتو پاڻي جي شديد کوٽ خلاف آبادگارن جو ميرپوربٺورو لڳ سجاول حيدرآباد بائي پاس تي ڌرڻو هڻي ويهي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ميرپوربٺورو: آبادگار پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور پوليس پاران جوابدار کي پسٽل سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ذ ر)خيرپور پوليس وڏا ماڇيون ٿاڻي جي حد ۾ ڪامياب ڪارروائي ڪندي هڪ ايڪٽو ڪرمنل جوابدار کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 9 ايم ايم پسٽل هٿ ڪري ورتو آهي پوليس ترجمان موجب ايس ايڇ او ٿاڻو وڏا ماڇيون ۽ سندس ٽيم گشت دوران چيٽن شاهه لنڪ روڊ تي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development Company Limited
ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LBF-CB-CESS-334244862-2026	CIVIL WORKS REQUIRED FOR PDEW AT LAKIRUD 2, BALOCHISTAN	28.09.2026 AT 1430 HRS
2.	OGDC-SCM-LBF-CB-CESS-334234850-2026	CIVIL WORKS REQUIRED FOR PDEW AT JANDRAN WEST 3, BALOCHISTAN	28.09.2026 AT 1430 HRS
3.	OGDC-SCM-LBF-CB-CESS-334168054-2026	CIVIL WORKS REQUIRED FOR PDEW AT JANDRAN WEST 2, BALOCHISTAN	28.09.2026 AT 1430 HRS
4.	OGDC-SCM-LC-PT-PNP-333169211 -2026	HOT OIL	29.09.2026 AT 1430 HRS
5.	OGDC-SCM-LBT-PT-CSR-334284097-2026	LAYING OF TUFF PAVER AT MURADABAD	01.10.2026 AT 1430 HRS

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **24.08.2026,** it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LH-PT-PnP-332034511-2026	PROCUREMENT OF IGNITER SPARES	25.09.2026 AT 1430 HRS

3. Bidders who have already submitted and sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
5. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 144/06

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.